# پٽ ٿو پور ڪري

## شيخ اياز



شيخ اياز

8
64
458

# پَتڻ ٿو پُور پَڇي

(شاعري)

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1990ع

SIND MADRESSAH LIBRARY
Accission No. 4588
Date 12-5-91

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اٺيهه

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

ٽائيٽل ڪيليگرافي: طارق گل

ٻيون ايڊيشن: آڪٽوبر 1990ع

قيمت [redacted]
170/- رپيا [redacted]

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

PATAN THO POOR KARE (Poetry) written by: SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh Pakistan. First Edition October 1982. Second Edition October 1990. Price Per Copy Rs. 50/-

---

هن ڪتاب، جو پهريون ايڊيشن آڪٽوبر 1982ع ۾ سمبارا پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيو هو.

# انتساب

يوسف شاهين جي نالي

ڏيهي منهنجي ڏيه جا، ساٿهو ميگهه ملار

— شيخ اياز

## پهرين ايڊيشن جي

# ناشر طرفان

شيخ اياز هڪ هنڌ لکي ٿو :

مون شاعريءَ کي ترڪ ڪيو هو
پر اي ڏاتار!
تون منهنجا ڏوڏا پيچي
منهنجون مٺيون ڪولين ٿو
تون مونکي ايتري ڏات ڏين ٿو
جو آهه مان پنڪ ۾ جهلي به نٿو سگهان."

— اڄ اهــا سموري ڏات، سموري ڏاهپ، سمينجي، هن ڪتاب "پتڻ تو پور ڪري" جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. ڪيڏي نه خوشيءَ

هي سچو ليکڪ، سچو تخليقار، ڏيهه جسو ڏک ڄاڻي ٿو، هيٺ ڏنل تحرير لکڻ وقت، هن ضرور پڙهي پوڻ لاءِ لڙڪ وهايا هوندا:

” پڻائي جنت جي جهروڪي وٽ اچي ويٺو
تمر فقير به هن جي پٺيان آيو ۽ ادب سان
هن کان پڇيائين، ”سائين، ڇا ٿا سوچيو؟
پڻائيءَ جواب ڏنو :
”تمر! مان سوچيان ٿو ته
ڇا اسان پيهر
ڌر جي ڪنهن سائي ٻير جا پلڙا
ڏسي نه سگهنداسين؟“

هي ڪتاب نه فقط شاعري آهي، علم آهي، ادب آهي، پر نئين نينهن جو نئون نياپو آهي، پره ڦٽيءَ جو پيغام آهي،“من اندر جون ڳالهيون آهن — آهي ڳالهيون، جن جي پڙهڻ لاءِ سچي دل ۽ آجرو من گهرجي.

ڪراچي، ٢٢ سيپٽمبر ١٩٨٢

مـارِ نـہ ڪـاڙيِ، آڏار نہ سائُون

ميان باھو، اسان آپِي آڏڻ هاريِ

— سلطان باھو

○

پيچ پنيءَ جو سُهاوڻو سمو آهي،
آڪ جون نيريون ڦلڙيون هوا ۾ لڏي لمي رهيون آهن ؛
ڪيتريءَ نہ آڪنڊ سان
ڪيتريءَ نہ آڪير سان
بُٺ جون اڪڙيون بادلن کي ڏسي رهيون آهن !
هن گهڙيءَ ،
انهن جو روپ
انهن جو رنگ
کهڙو نہ مٺو لڳي رهيو آهي !
ڪير ڄاڻي تہ انهن جي نس نس ۾
وهہ جهڙي ڪوڙاڻ پريل آهي !

—

○

کھڙي نہ آتت آهي!
منھنجي ڇپ
ٽوهر جي شاخ وانگر سُڪي وئي آهي!
هن ٻُٽ تي ھوند ٻہ ٽہ نہ ٿي وسي!
کھڙي نہ آتت آهي!
روڙو چمن ۾ لِڪي وينو آهي،
تاڙو مري ڪپي ويو آهي،
۽ ڪويل؟
ڪويل نہ ڄاڻان کھڙي ديس ۾ وڃي نڪتي آهي!
فقط هي ڳجهون ڏونئي ڪي ڪائي رهيون آهن،
آنهن جي ٻُڪ ئي نہ ٿي لٿي!

—

○

ٻُسيءَ جا ڳاڙها ڳل
اُفق ۾ ڏسندا رهيا —
سارو ڏينهن
نٿهڻ آس ۾
ڪانوَ جي اڪ ٿي نڪتي
پر ٻُسيءَ جا ڳاڙها ڳل
اُفق ۾ ڏسندا رهيا .
هاڻي سانجهي ٿي وئي آهي
ڪانگيرا ’ڪان‘ ’ڪان‘ سان ڳونجي رهيا آهن
۽ هُو سامهون شفق ۾ سارو آسمان
ٻُسيءَ جا ڳاڙها ڳل ٿي ويو آهي.

—

○

فنڪار

ڪنهن به سماج سان
ذميدار نه آهي،
سواءِ ان جي
جو هن جي تخيل ۾ آهي؛
گل جي خوشبو
ڪنهن سان به ذميدار نه آهي
سواءِ
پور جي [illegible]
مور ڪنهن لاءِ به نه نچندو آهي
سواءِ
گهنگهور گهٽا جي؛
ءِ ڪوئي به آزاد پنڇي
[illegible] گهوڙي لاءِ
[illegible] نه ڏٺو ويو آهي.

○

هيءَ ڪهڙي آگ آهي
جا منهنجي ڪنٽ جي ڪوئلي کي
جلائي، چرڪائي ٿي؛
۽ جڏهن اوچتو آن جا آلا
ٽڙڪي، ٽڙي پون ٿا
تڏهن منهنجي سنگيت
چندن جي چرڪندڙ وڻ وانگر
توڏانهن پنهنجون انيڪ ٻانهون ڦهلائي ٿي،
۽ اهو نه ٿي چاهي
ته تون آنهيءَ آگ کان سواءِ ڪجهه به نه آهين
جا مون ۾ ٻري رهي آهي،
آجهامي آجهامي
وري وري ٻري رهي آهي.

○

ڄارڻ ڪان وڌيڪ
ابديءَ جي ڄاڻ ڪنهن کي هوندي
تہ ڇنڪ
ڄارڻ ڪان اڳ ۾ مرندو آهي
ہ ڳون
تند ـان وڌيڪ پائيدار آهن،
پر ڪڏهن ڪڏهن
ڇنڪ ڄارڻ جي ڇپن تي ٿي هوندو آهي
تہ هن جون آڱريون
موت جي پنجي ۾ مروڙجي وينديون آهن
۽ انهن مان
ڇنڪ ڇڏائجي
ڪري پوندو آهي
۽ سنگيت اڌوري رهجي ويندي آهي.

—

○

جهرڪي آکيري لاءِ
ڪک چونڊي رهي آهي
عقاب جهڙپ ڏئي نيرڳيءَ کي چيري ڦاڙي
رهيو آهي؛
ڪويل ٽاريءَ ٽاريءَ تي ڪوڪي رهي آهي،
جڏهن سڀئي آکيري ۾ موتي ننڊ ڪندا
تڏهن پن پن جي ڌڙڪندڙ دل ۾
فقط ڪويل جي ڪوڪ رهجي ويندي.

○

حيرت آهي
جي تون چوين
ته منهنجي شعر ۾ رواني زياده آهي
ان ڪري
ان ۾ فڪري گهرائي گهٽ آهي.
پيارا،
ڌوهه گهرو نه به هوندو آهي
تڏهن به گهرو لڳندو آهي.
پر ڇلنديءَ، ڇلانگ ڏينديءَ نديءَ جي رواني ڏسي،
اهو وسري ويندو آهي
ته ان ۾ ڪائي گهرائي به آهي.

—

رات لڙي آهي
۽ ڀري رهي آهي
جاڳ - جلي جوت!
منهنجي ڪير پياڪ ڏيءَ
ننڊ مان ڇرڪ ڀري
پنهنجي ماءُ جي ٿڻ کي
چٻڙون ڏئي رهي آهي؛
۽ مان اڃا تائين لکي رهيو آهيان،
منهنجون ننڍا ڪڙيون ڀنڀڙيون
ائين جهُڪي آيون آهن
جيئن ساري ڏينهن جي پورهئي کان پوءِ
ڪنهن مزدور جي ڇيلهه
ڀوري۔ ڀوٽيءَ جي هيٺان جهُڪي اچي.

منهنجا ڇپر
پونجي
کُلي رهيا آهن،
کُلي
پونجي رهيا آهن،
۽ ائين نند جا وار گسائي گسائي
مان اڄا تائين لڪي رهيو آهيان،
۽ مون کي ائين لڳي رهيو آهي،
تہ ذات آهو ڏيئو آهي
جنهنجو تيل
ڪڏهن بہ نہ کپڻو آهي،
تہ ذات آهو زنجير آهي
جو جنم جنم جي
ڪڙيءَ ڪڙيءَ مان جڙيو آهي
۽ ڪاني آدجڳاد جي آگ
دُکي دُکي
اوچتو جيءَ جي جوالا مان ڦاٽي پوي ٿي
۽ لونءَ لونءَ جو لاوا
پني پني تي پکڙجي وڃي ٿو؛
تہ موت
فقط
نالو آهي
ذات جي آجهاسي وڃڻ جو.

○

هن کي ٻڌي وٺي آيا ۽ ڪيس چيائون، ”تون ڏوهي آهين،
تو پيار جو ناڻو ورتو آهي.“

هن جسم تي پيل زنجيرن کي زور سان ڇڪ ڏني،
رڙ ڪئي، ”مان ڏوهي نه آهيان، مان ڏوهي نه آهيان،
مان هن دور جو پيغمبر آهيان.“

هو ڏند ڪٽيندي ڪلڻ لڳا ۽ هن جي زبان ڪپي
ڦٽي ڪيائون.

انهيءَ کي ڪيئي سال گذري ويا.

اڄ هئو ساڳيءَ جاءِ تي ٻي ڪنهن کي ٻڌي وٺي آيا
۽ هن کي چيائون، ”تون ڏوهي آهين، تون پيار جو
ناڻو به نه ٿو وٺين؛ تون اسان جي پيغمبر کي به
نه ٿو مڃين!“

اهين چئي غصي ۾ ڏند ڪرٽيائون ۽ هن جي
زبان ڪپي ڦٽي ڪيائون.

----

○

هي ڪِراڙ جي پر تي ڪير ويٺو آهي؟
ڪهڙو نه موهڻو آهي هي ڪنوڻيو، ڪَنَ - چير!
هي ڪتان جو ڪاپڙي آهي!
اڙي، هي مُنهن مونن مان ڪڍي آڪاس
ڏانهن ائين ڇو ڏسي رهيو آهي؟
هي ڏاڍا ساهه ڇو ٿو پري ؟
اڙي، اڙي، هي ڇا ڪري رهيو آهي !
هن پنهنجو ڪينرو پڇي ڏنڊ ۾ ڇو ڦٽي ڪيو؟
هي پنهنجو ڪيڙوءَ رتو ويس ڇو ڦاڙي رهيو آهي ؟
هي پنهنجون جٽائون ڇو ٿو ڇني؟
ڏس! ڏس! هن جو ڪنڌو ڌرتيءَ تي ڌاڻا ڌاڻا ٿي ويو !
هو پنهنجي ڳچيءَ جي ڳاني پٽي رهيو آهي!
ترس، ترس ڪاپڙي، هي ڇا ٿو ڪرين؟
ترس! او ... تون ... تون تہ پٽائي آهين!
سائين، توکي ڇا ٿيو آهي!

○

## ( غالب جي مزار تي )

غالب! غالب !
مان تنهنجو انتقام آهيان،
ڏس، مان تو لاءِ ڪتان ڪهي آيو آهيان !
آئي، مون مان ڳالهاءِ !

تو چيو هو نہ ،
” بلبل مٺيءَ جي مُٺ آهي
۽ قمري قفس آهي رنگ جو!
ڪنهن جيري جلي جو نشان
ڪهڙو آهي دانهن ڪان سوا!“ (۱)
غالب! غالب!
مان تنهنجي عظمت اڳيان سر جهڪايان ٿو.
پر ابتداء تہ تو طاقت اڳيان سر ڪيئن جهڪايو هو؟
حق مغفرت ڪريئي
تون عجب آزاد مرد هئين (۲)
پر
تو اهي قصيدا ڪيئن لکيا ها!
تو ذات جا اهي ڏنڀ ڪيئن سٺا ها!
۽ هو سهرا
تنهنجيءَ لالچ جون ليلڙائيون،
۽ هو وظيفا
جن جو تصور ئي سنهنجي لوڻءَ لوڻءَ ڪانڊاري رهيو هو
ڇا سپهہ گري تنهنجيءَ عزت جو ذريعو هئي؟ (۳)
ڇا هو تنهنجيءَ عزت افزائيءَ جا اهل هئا؟
شاعر!
عظيم شاعر!
تو اهو ڪيئن وساريو
تہ سارو اقتدار مٺيءَ جي مٺ آهي،
سري دولت رنگ جو قفس آهي،

فقط نالهٔ نارسا ۾ ئي تنهنجي نجات آهي!
تو اهو ڪيئن وساريو
ته هر جابر
سڀ کان زياده
شاعر کان ڏڪندو آهي؟
ته شعر ۾ اهو جلال آهي
جو هي ستون، هي فصيل
هي محراب، هي منبر
هي قصر، هي ايوان
سڀ ڍاهي ڍير ڪري سگهندو آهي!
مون کي دعا ڪر، غالب
ته جيستائين منهنجا هٿ قلم ڪيا وڃن
تيستائين منهنجو قلم
جبر و ستم جي هر قوت کان
تنهنجيءَ ذلت جو انتقام
وٺندو رهي.

—

(١) بلبل کفِ خاکستر و قمري قفسِ رنگ
جز نالہ نشانِ جگرِ سوختہ کیا ہے
(٢) حق مغفرت کرے عجب آزاد تھا
(٣) سو پشت سے ہے پیشہء آبا سپہ گر
کہ شاعری ذریعہ عزت نہیں مجھے

○

گوئٽي جي هڪ ڪردار چيو،
”اي شير! منهنجو خير ٿيءُ.“
۽ مان چئي رهيو آهيان،
”اي خير! منهنجو شيرُ ٿيءُ“

○

تون مون کان پڇي رهيو آهين،
”تون دهريو آهين ڇا؟“
۽ مان
هن رنگبرنگي ڪيئين ڏانهن،
جو منهنجي رابيل جي ڪونڊيءَ ۽
ڏانڊيءَ تي چڙهي رهيو آهي،
پيار سان نهاري رهيو آهيان.
شايد تون سمجهي سگهين
تہ منهنجي اها نهار
تنهنجي سوال جو جواب آهي!

—

○

تو چيو،
"مان تنهنجو ٻاءُ آهيان، مون کي اڌ ماني ڏي!"
مون ساڌ ڪيءَ ۽ پنڊيءَ تي ماني تو ڏانهن وڌائي ته
تو پنڊي ئي مون کان کسي ورتي."

تو چيو،
"مان تنهنجو ٻاءُ آهيان، مون کي اڌ پاڻي ڏي!"
۽ مون تو ڏانهن پيالي‌ءَ ۾ پاڻي وڌايو ته تو پيالي ئي
مون کان کسي ورتي.

تون ڏاڍو هئين،
ان ڪري تو مون کي خالي پنڊي ۽ پيالي به موٽائي نه ڏني.

مان هاڻي سوچي رهيو آهيان ته،
"دشمني ڀائپيءَ جي احرام ۾ اچي
دل جو ڪعبو ڊاهيندي آهي."

—

○

اي سنڌ!
مان سيزر نہ آهيان
۽ تون قليو پطرا نہ آهين،
پر پوءِ بہ اسان ٻنهي جي محبت
هڪ ٻئي کان وڌيڪ
دل جي حڪومت سان آهي!
۽ جي منهنجي موت کان پوءِ
ڪوئي بہ
دل جي حڪومت جي حفاظت لاءِ
جان ڏئي سگهي،
تہ تون
اُن سان محبت ڪري سگهين ٿي
۽ ضرور ڪجانءِ.

—

○

آوي تپي رهي آهي،
آوي تپي رهي آهي.
سوچي سوچي گهڙا ٺاهيو
پڪا
اڳي ڪان پڪا گهڙا !
شايد وري ڪا سُهڻي اچي !
شايد وري ٻي پار چنگ چڙا وڄڻ لڳن !

○

تون مون کي گهٽو ڏني،
مون کان پڇي رهيو آهين،
"چئو، اها ڳائيندين؟"
۽ منهنجي گيتن
منهنجين ات - ڪاوڙيل اکين مان نپو ڏني
پنهنجا واگهه نک
تنهنجي نڙگهٽ تي ڪُپائي چڙيا آهن؛
ممڪن آهي ته مان پوسائجي مران
پر منهنجا گيت
تنهنجي ستن پيڙهين سان
منهنجو پلئه ڪندا رهندا .

---

واگهه نک - واگهه جا ننهن

○

اي شاعرا
فقط لفظ
ڪوئلا آهن؛
تون انهن جا ڍير لڳائيندين
تڏهن به تنهنجي سيٽ سيٽ
سيٺاندي ۽ رهندي؛
سچ ته اها آگ آهي
جا هر لفظ کي
امر جوتي ڏئي ٿي،
۽ جنهن جي لهس
لون لون تائين پهچي ٿي.
سچ خدا آهي
۽ خدا
هن ساريءَ ڪائنات ۾
تنها هوندي به
تنهائي محسوس نه ڪندو آهي

—

O

جڏهن ظلم وڌي ويندو آهي
تڏهن شاعر کي تمثيل جو سهارو وٺڻو پوندو آهي
تمثيل شاعريءَ جي زره آهي.
تمثيل آهي نقاب آهي
جنهن مان فقط
شاعر جي اکين جي آگ پرندي نظر ايندي آهي.
تون ڇا ٿو سمجهين ؟
ڇا مان ڪائي پريت جي ڪهاڻي دهرائي رهيو آهيان ؟
آها تہ سنڌ ۾
سوين شاعر دهرائي ويا
۽ سسئيءَ جي چُنيءَ جي
ليڙ ليڙ ورهائي ويا؛
اڄ انهن جون ڪافيون
ڏاڳيا ڏاڳيا ٿي چُڪيون آهن،
۽ انهن جا بيت
وقت جي ڪُنب ساڙي ڇڏيا آهن.
تو وٽ ڏاهپ جو ڏيئو هجي
تہ مان توکي ڏيکاريان

تہ ھي پنھور جي رات مون لاءِ تمثيل آھي،
ھي ڏونگر جو ڏمر بہ مون لاءِ تمثيل آھي،
۽ ھو ڪيچ
جنھن تي منھنجو جيءُ جان فدا آھي
سو بہ مون لاءِ تمثيل آھي؛
۽ منھنجي شاعري
سسئيءَ جي پرانيءَ چنيءَ جي ليڙ نہ آھي،
آن لاءِ
ڪنھنبي جو نئون جوڙو آھي.

○

مان اھو پڙھي
تہ پڇانيءَ
پنھنجو پورو ڪلام
پاڻيءَ ۾ لڙھي ڇڏيو ھو
تہ مان عوام آن کي سمجھي نہ سگھي،
ھن کي چئي رھيو آھيان،
” منھنجا مرشد! .
پنھنجي ھن گستاخ مُريد جي
ھمت تہ ڏس!
ھمت تہ ڏس!“

○

هڪوڙ سان ڪَنڪ ساڻ هجي
ته به ڪوڙ هيٺو آهي،
۽ سچ
ڪڏهن به سنگهيءَ سانيءَ جو
وهيٺو نه رهيو آهي؛
۽ تنهنجو شعر
جيئڙا به جڙاوَ ڪري
پر جي تنهنجين اکين ۾
آها جهڙي نه ٿي جرڪي
جا سچ
من جي ڪوڏاري ۾ ٿڙڪيندو آهي،
ته آهو شعر
تنهنجين پٽلين جو پيتل آهي
۽ تنهنجين مانڪين ۾
آها سٿيا ڪڏهن به نه ايندي
جا سچي سوڻ ۾ جرڪندي آهي.

—

تون ياد ڪجانءِ
سنڌ ۾
جنهن جي موت کان پوءِ
جيڪڏهن
ني ڪتهن جو شعر
زنده رهندو
ته آهو اليق آسريو هوندو
جيئن
ڪمند جي
هڪ فصل ڪپڻ کان پوءِ
ٻيو فصل
آن جي جڙن مان
ٻوٽو به خود آسري اٿندو آهي

○

ڇا
تون
ڪجهه ڪل
پوڪڻ نہ ٿو چاهين؟
مُندَ ويجهي آهي
۽ پرڏيهي پوپٽ
اچڻ وارا آهن.
ڇا
تون
ڪندن تي
ڏيهي پنيوريون ڏسي
ايترو مايوس ٿي ويو آهين
جو
تون
ڪل پوکڻ نہ ٿو چاهين!

—

○

منهنجي ذات !
ڏاهي ٿيءُ !
مان تنهنجيءَ چانئٺ سان
پنهنجو سر ٽڪرائي رهيو آهيان
پر تون اڃان
در نہ ٿي کولين !
ڏس، منهنجون مالهائون
مرجهائجي رهيون آهن !
ڇا آنهن جي سڳنڌ
تنهنجي جهروڪي مان
تو تائين نہ ٻهتي؟
مون نوان نوان گيت سوچيا
تہ شايد آنهن مان ڪوئي
توکي پسند اچي،
پر تون اڃا در نہ ٿي کولين !
ڏِسُ، هو
مُنهن انڌيري ۾ پويون چنڊ
مونتي مُرڪي رهيو آهي؛
۽ چانُ پرهہ جا پکي آئندا
۽ مون کي ڏسي 'چون' 'چون' ڪندا،
۽ مون کي
تنهنجيءَ چانئٺ تي مٿو رکي
ننڊ اچي ويندي.

—

○

اي مٽيءَ جي مٺ !
تو ۾ اهو جذبو،
اهو جولان ڪٿان آيو ؟
جڏهن تون بسنت جي باڪ ۾ ڦٽي ڦاٽي پوين ٿي
تڏهن هزارها مگرا، موتيا ۽ ڪيتڪيون پکيڙي ڇڏين ٿي
۽ پنهنجي سڳنڌ
ڏسان ڏس ڦهلائي ڇڏين ٿي؛
۽ جڏهن اسوءَ جي رات ۾
پنهنجي ڏيکاوَ تي اچين ٿي
تڏهن هو نيرو آڪاس
ڪروڙين ڪتيون جرڪائي،
تنهنجي جوت پسائي ٿو.
۽ جي ڪنهن انسان جي دل ۾
ڪر موڙي اٿين ٿي،
ته اُن مان ڪيئي گيت؛
ڪڏهن ڪتيون،
ڪڏهن ڪيتڪيون
ٿي نڪرن ٿا
جن سان سارو جڳ جرڪي پوي ٿو،
۽ تنهنجي سڳنڌ جي سمنڊ ۾
ڪيئي صديون
ڇولين تي ڇلندو رهي ٿو.

—

مان
ٺڪور نہ آهيان؛
مون کي پنهنجي موت لاءِ
هڪ سادي سودي تشبيھہ آهي —
جيئن پوري ڏينهن جي پٽ ڪوهہ کان پوءِ،
هڪ بي گهر مزدور
ٿڪ ۾ چڪناچور
رستي تي
پاسي کان سڌي پوندو آهي
۽ پوئيل دريون ۽ دروازا
اوچن مڪانن جون
انڌيون اکيون
هن کي ڏسي نہ سگهنديون آهن،
۽
هر مڪان کان اوچو
چنڊ
هن تي پنهنجيءَ چاندوڪيءَ جو
ڪفن وجهي ڇڏيندو آهي.

—

○

تون گل تي ڪيئن ٿو لکي سگهين
جڏهن هن ابهم جو
مکڙو مرجهايل آهي !
هي ڇيڙهه ڇيڙهه ڇڳون
هي ليڙ ليڙ لٽا،
هي اجهي کان سوا انسان،
توکي ياد نه ٿا اچن
جڏهن تنهنجي ذات
آسمان ڏانهن آڏامي ٿي !
مان مڃان ٿو ته
حُسن، جواني، محبت
زندگي، موت
ازل، ابد
شعر جا ابدي موضوع آهن
۽ تون انهن تي لکي
پاڻ کي زنده جاويد ڪري سگهندين؛
۽ ان لاءِ وقت گهرجي
۽ ان ڪري
توکي ترقيءَ جي ڏک لاءِ وقت نه آهي؛
پر جي تون
هن معصوم جي اک مان

هڪڙو لڙڪ اکهي سگهين،
جي تون
هن ظالم جي هٿ مان تلوار ڪسي سگهين
يا هن مظلوم جي پيشانيءَ تي ڪري
وارُ پاڻ تي سهي وٺين؛
۽ جي تون
سيني جي جيئڻ جي حق لاءِ
پنهنجي جيئڻ جي حق تان هٿ کڻين،
ته شايد تون گمنام مرين
۽ هڪ عظيم شاعر نه ٿي سگهين
پر
هڪ عظيم انسان ضرور ٿيندين؛
۽ پُٽ !
خدا جي دل
هڪ پيالو آهي
جنهن تي
عظيم شاعر جي زندگي
فقط چئسالي ڪري سگهندي آهي
پر
عظيم انسان جو موت
اُن ۾ ابد تائين
آبدار موتين وانگر جرڪندو رهندو آهي.

---

○

نيٺ تہ پنهنجي مٽيءَ جي مُٺ
هن ساري ماندانڻ ۾ ملي وڃئي آهي.
ڪيتري نہ وسعت آهي انهيءَ ڦهلاوَ ۾ !
جندڙيءَ جي الڳ ٽڪاوَ جي ايرڪا ڪيڏي نہ اجائي آهي !
ڌرتيءَ جي سائي ٻن ڪان
آڪاس جي سونهري ڪرڻي تائين،
ڪوئي سمنڊ آهي
جو سدائين
سرجي رهيو آهي
پرجي رهيو آهي
گرجي رهيو آهي،
پوءِ بہ نہ ڪٿان لڪتو آهي
۽ نہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي
اُن جي اڪائيءَ ۾
تنهنجو آڪلاءُ
تہ لاءِ گهاٽو نہ آهي.

—

○

هي پل
صديءَ ڪان زياده اهم آهي؛
سچ پڇين
ته صدي آها لڙي آهي
جا ڪنهن ڪنهن پل جي
موتيءَ موتيءَ مان جڙندي آهي؛
جي تون صديءَ جا سانگ ڪندي
پل کي دوکو ڏيندين
ته نه تون پل کي پائي سگهندين
۽ نه صديءَ کي.
نياءَ جي هٿ ۾
جا ساهمي آهي
ان ۾ پل جو پلڙو
صديءَ کان ڀاري آهي.
پل اهو پريتم آهي
جو سدائين سُرهو آهي
۽ هي آدجڳاد جو جهور جياپو
تون ڇا ڪندين!
ان جي چپڪ چپڪ ۾
ساهُ جي رک آهي
۽ صدين جي سڙاند!
اي ڪلاڪار!

ڪلا

پل جي پريتما آهي
۽ آن جي امرتا
آنهيءَ پل جو هڪڙو آهي
جنهن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ
توکي
سر جي سٽ ڏيڻي پوي.

○

چنڊ نچڪي رهيو آهي،
جنهن ۾
منهنجي ماس جي پوني پوني رجهي رهي آهي؛
ستارن جون چڻگون ڦهلجي ويون آهن.
اي راڳ جا رت - ورنا ديوتا!
تون ٻن صدين کان ٻکيو رهيو آهين
آءٌ
منهنجو ٻليدان سويڪار ڪر.

—

○

ڳيڙيال جا ڪانٽا
وقت کي ٻه لتون هڻي
ڀڄي ڀڳا آهن؛
۽ وقت
انهيءَ غلام وانگر
ڇُپ ٿي ويو آهي
جنهن کي
پتو ء
آقا جو ڪوڙ
سچ لڳندو آهي،
۽ پنهنجو سچ
ڪوڙ لڳندو آهي.

○

منهنجا پُٽ!
منهنجي موت کان پوءِ
جڏهن آها تلوار
جا منهنجي گردن تي ڪري هجي،
ٽُٽي پوي
تڏهن منهنجي جلاد کي
منهنجو خون
بخشي ڇڏجانءِ.

—

○

ذات آها ڪامڻي ذاتڻ آهيَ جا هڪ وار
تنهنجو هاڻ ڪڏي وٺي ته توکي وري
موٽائي نه ڏيندي.
تون پنهنجي ذات ڏني، ساري ڪائنات
ولين ته به تنهنجي جهولي خالي رهجي ويندي.
ذات اهو اوچڻ آهي جنهن جي سونهن برت
تي مدار نه ٿي رکي.
مون ذات جي وهي ڪاتي ۽ اوڏر ڪڏهن به نه
ڏني آهي
ذات جي پرک ۽ ڏاتار جي پرک ۾ فرق آهي
ذات جي ڏڪار وقت جنهن وٽ ڪجهه ڪٺا
آهن، آهو اُن ڪان سائو آهي جنهن کي
سڪار ۾ ڪيئي ڪيچ هجن.

○

اي محبوبه!
توکان پوء
منهنجي دل ائين آهي
جيئن منهوڙي جي
ٽوٽ پهاڙي
ويرَ لهي وڃڻ ڪان پوء.

—

○

بهشت ۾
ڪوثر جي ڪناري تي
جون آف آرڪ ويٺي آهي (١)
۽ نديءَ ۾ نهاري رهي آهي.
اوچتو هوءَ
قرأة العين طاهره جو عڪس (٢)
لهرين ۾ لڏندو ڏسي ٿي
۽ مُنهن ورائي هن کي چوي ٿي،
”هي بهشت اسان جي شهادت جو عيوضو آهي
پر مون آهو بهشت نه ڏٺو آهي
جو ڪنهن جانثي جوان جي
سگهڙ سيني تي سِرُ رکي
هن جي گهنڊي دار وارن تي هٿ ڦيريندي
ملندو آهي؛
تو ته اهڙي بهشت ڏٺا آهن
ٻڌاءِ ته ٻنهي مان ڪهڙو بهتر آهي؟“

---

(١) جون آف آرڪ - فرانس جي مذهبي تبليغ ڪندڙ خوبصورت عورت جا جنگ ۾ وڙهندي مارجي وئي هئي.
(٢) قراة العين طاهره - ايران جي باجي تحريڪ جي هڪ رهندڙ جا نهايت خوبصورت هئي ۽ پنهنجن مذهبي عقيدن سبب قتل ڪئي وئي هئي.

○

ڪنهن به پيار جي گيت تي
فحاشيءَ جو الزام
ائين آهي
جيئن انارڪليءَ جو سوٽ .

○

رات ڊانٽي
ٻوڙي ٻوڙي بهشت جي ڀت ٽپي ويو
۽ اچي دوزخ جي شعلن ۾ ڪريو؛
۽ شعلن مان مُنهن ڪڍي
بهشت جي ڀت مٿان ڏسندڙ وائڙن فرشتن
کي چيائين،
”مان بهشت ۾ رهان
۽ منهنجا ڪردار دوزخ ۾ —
اهو ناممڪن آهي.“

---

ڊانٽي - مشهور لاطيني شاعر، ڪتاب ’جهنم‘ جو مصنف

○

ڪالهہ سامراج عقاب هو
اڄ بگلو آهي،
ڪالهہ خونخوار سپاهي هو
اڄ جمهوريت جو فلسفي آهي.

○

پال رابسن !
منهنجا ڀاءُ !
ٿي ون جا گورا
من جا ڪارا
تنهنجا ڪڏهن بہ نہ ٿيندا !
تنهنجي سنگيت ڪانگو لاءِ آهي
۽ نہ ڪئليفورنيا لاءِ،
ڇو تہ ڪاري راڳيءَ جو
راڳ بہ ڪارو آهي !
ساڳ بہ ڪارو آهي.

---

پال رابسن - آمريڪا جو نيگرو گلوڪار

○

نازي جرمنيءَ جو هڪ سپاهي
سوين قتل ڪيل يهودي
پرندڙ چوني جي ساڳيءَ ڪنڊ ۾
ڦٽي ڪري رهيو آهي
۽ نٽشي جو پريشان روح
پنهنجي قبر جيءَ پٽ سان
مٿو ٽڪرائي رهيو آهي
۽ چئي رهيو آهي،
”مون نه چاتو ته منهنجي فلسفي ڪي هيئن...
مون نه چاتو ...“

—

نٽشي — جرمن فيلسوف جنهنجو فاشي نظرئي تي
گهرو اثر ٿيو.

O

ڇون ٽا
ته سوت
هڪ ڪارو گھوڙو آهي
جنهن تي لانگ ورائي
ڪوبه نه موٽيو آهي،
۽ تيستائين
آن جو پيرو
ڪنهن به نه سڃاتو آهي
جيستائين
ڪنهن سوار
آن جي سنبن تي
پنهنجي نالي جا
نعل نه هنيا آهن.

—

○

چانگام
چڪلو
سوڙهي گهٽي
اوندهه
بانس جون پونگيون
لنگهه لنگهه تي
لالٽين
چرس
چنڊول
جي بوءِ
سرير
سڪا
ٺهه ٺهه
ڦهه ڦهه
۽ ڪنهن ويشيا جي
چپن تي
ٺڳور جو
اڌورو گيت .

—

مهاتما ٻڌ!
جي منگهڻ ڪنهنجو رت پيئي
تہ جيڪر مان هن کي
ڇيٿيءَ ۾ ڪٽي
آزاد ڇڏي ڏيان!
پر جڏهن
هي انسان
ٻئي انسان جو رت پيئي ٿو
تڏهن
منهنجي جيءَ ۾ اچي ٿو
تہ توکي پڇي
تنهنجيءَ جاءِ تي
مهاڪاليءَ جي مورتي رکان
۽ هن انسان جو ڪنڌ ڪپي
اُن جي پيرن تي
ڏٿي ڪيان.

—

○

صديون گذري ويون
پر اڄ به منهنجين اکين اڳيان ڦري رهيا آهن
منصور جا چپ
جي اناالحق چوندي ٻوٽجي ويا ها.
چپ
جن سچ کي ائين چُميو هو
جيئن پوٺر سانجهيءَ جو سورج مکيءَ کي چُمي
اُن جي ٻوٽجندڙ پتين ۾
ٻوٽجي مرندو آهي.
اي اجنبي چمي!
معلوم نه آهي ته ڪڏهن تون
منهنجا چپ بند ڪري ڇڏيندينءَ؟

—

○

مرڻو هر ڪنهن کي آهي؛
موت ازلي حقيقت آهي
جنهن کان فرار
ناممڪن آهي.
هر گل مرجهائجي ويٺو آهي
۽ اُن جو تبسم
ڇڻنگ جو ڇڻاءُ آهي
جا اُداسي اُجهامي وڃي ٿي.
نانگ پنهنجي زهر سان
ختم ٿي ويٺو آهي
۽ واڳونءَ جي ذات
ٽوٽ، ٽڪريءَ جهڙي
مون ڪانوَ جي چهنب ۾ ڏٺي آهي .
موت ازلي حقيقت آهي
۽ مرڻو سڀ ڪنهن کي آهي،
پر،
جي تون ٻئي جي زندگيءَ لاءِ
پنهنجو موت قبول ڪرين
ته تون زنده جاويد ٿي ويندين.

—

○

هيءَ دنيا
تنهنجي عقبيٰ به آهي؛
تون چاهين
ته آن جي هر درخت ۾
سايه طوبيٰ پيدا ڪري سگهين ٿو.

○

سنجها
ڪوئلي جي ڪاڻ تي به ساڳي آهي
جهڙي سون جي ڪاڻ تي.
فرق فقط اهو آهي
ته ڪوئلي جي ڪاڻ تي
سج جو سون ضايع ٿيندو آهي.

○

حافظ جي محبوبه
شاخِ نبات
حامله آهي ۽ سوچي رهي آهي،
"هي مون ڏانهن ڏيان ڇو نه ٿو ڏئي.
ڇا ديوان
انسان کان وڌيڪ ڳئورو آهي!"

—

○

اڄ —
مان ڏاڍو پيتل آهيان
۽ منهنجي ڪيپ ۾
تنهنجي سندر ڇپ
ائين نظر اچي رهي آهي،
جيئن درياهه ۾
ٻڏندڙ سهڻي —
ڪڏهن ڇوٽي
ڪڏهن ڇڳ
ڪڏهن پاڻي
ڪڏهن ٽنگ
ڪڏهن ڇپ
ڪڏهن اکيون —
جي ٻڏي اڀري
اڀري ٻڏي وڃن ٿيون؛
۽ هنُو وقت
واڳوءَ جئن وات ڦاڙي بيٺو آهي،

۽ هو ڦاصلو
ميسر جٿن سير ڪي ڪٽي رهيو آهي؛
۽ مان ڪنڌيءَ تي
پنهنجيءَ ران مان
گوشت ڪپي رهيو آهيان
ته تون ٻُڪي آئي هوندينءَ
تو لاءِ
ڪجهه ته ڪٽي اڇان!

○

تنهنجا چپ
اُپري آيا مون ڏانهن
ساوڻ ڀر ِسپ َ وانگر،
۽ پرجي
جهڪي آيو آنهن تي
منهنجو من
اوٺهو
اونداهو
گهنگهور گهٽا وانگر.

—

○

تون چوين ٿي
ته سرير جو ناتو
پوتر نه ٿيندو آهي.
ڇا
سورج مکيءَ جي سجيلي سونهن
جڏهن سج لاءِ
پنهنجي ڇاتي کوليندي آهي
تڏهن اپوتر ٿي پوندي آهي؟
ڇا
ساوڻ جي رم جهم
اَن اڻ منڊائتيءَ ڌرتيءَ کان گهٽ پوتر هوندي آهي
جا ڏوران ڏيک ڏئي
ويندي رهندي آهي؟
ڇري!
پريت سرير کان سواءِ
ائين آهي
جيئن ساز کان سواءِ سنگيت؛
تار جي ڇهاوَ کان سواءِ
سڌرتا
ڪنهن کي ملي آهي!

—

○

## ( بمبئي ۾ جوھو ساحل تي )

منھنجيءَ ننڊ ۾
سمنڊ جو، آواز اچي رھيو آھي.
درياءَ جي شيشي مان
چنڊ ليٿو پائي ڏسي رھيو آھي
تہ ھي انسان
ڪھڙو نہ ننڊ ۾ آلوث آھي!
ٻہ ڄڻن جا نيڻ
جيئن درياءَ جا تاڪ!
پر جيئن درياءَ جي شيشي مان
چاندوڪي
منھنجي ڪمري ۾ پھچي رھي آھي
ائين
منھنجيءَ ننڊ ۾ سمنڊ جو آواز اچي رھيو آھي
اونھي، بي انت سمنڊ جو
جو مون ۾ آھي.

—

○

اڄ تنهنجي ڪُڙتي ۾
ڪيئي ڪتيون جڙيل آهن،
۽ تنهنجي ڳُلهي تي
هي ڪينرو
چنڊ جئن چمڪي رهيو آهي؛
ڪٿي ڏوئي آئين ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۽ چارڻ
هو ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو ميرو من !
هو ديس ديس جي نيتيءَ جو ڪارو چارو،
جنهن ۾ ڪوڙ جا ڪوريئڙا پنهنجو چار ڦهلائي ويٺا آهن،
ڪيترو نه پري آهي آنهن ڪان تنهنجو پاند !
ڪنهن چاتو آهي
سماج جي ڪيني ڪسيءَ ڪان دور
سنگيت ڪير ڏارا ۾ وهجندي آهي !

—

○

ڪير ٿو چوي
ته ميخ ڪپي وئي آهي
۽ ساقيءَ کي
ننڊ اچي وئي آهي؟
مون ته صدين ڪان
انهيءَ مئخاني جي در تي
اڌ رات جو
رند
ڪڙو کڙڪائيندي ڏٺا آهن
۽ انهن مان
ڪوئي به
پياسو نه موٽيو آهي.

○

مُنهنجا دوست
ته فقط هُو بادل آهن
جي پنهنجيءَ تي آيا
ته توکي ڀوڙي ماريندا.

—

○

ڏس، مون تي گهڻي طنز نہ ڪر!
مون ڪي پنهنجي دنيا آهي
جنهن ۾ يا تہ تون نہ آهين
يا گهڻو اڳي مري چڪو آهين
۽ مون ڪنهن بہ ڪيڙي ڪان حساب نہ پڇيو آهي
تہ هن توکي ڪيترو ڪُڙڪايو آهي؛
منهنجي دنيا هي ميخاني جي ميز آهي
جنهن جي چوڌاري مونسان گڏ ويٺا آهن
۽ پي رهيا آهن،
هومر کان هائني تائين
۽ ڪالي داس کان ڪوي ٽئگور تائين؛
مان فقط اهو سوچي رهيو آهيان
تہ ڪنهن ڪيترو پيتو آهي
۽ مون کان گهڻو پيتو آهي يا نہ!

○

ڪالهہ منهنجو انڌو پاڙيسري
سج کي بجو ڏئي چئي رهيو هو،
”جي مان ڏسي نہ ٿو سگهان
تہ تون چمڪين ڇو ٿو؟“

—

○

ڪالهہ والٽ وٽمئن ۽ ماياڪوسڪي
مون وٽ مهمان هئا.
هو منهنجي ڪتب خاني ۾
ويٺا ها ۽ ڳالهيون ڪندي وڙهي پيا.
والٽ وٽمئن ماياڪوسڪيءَ کي چيو، ”جي تنهنجو ماحول
تنهنجيءَ ذات کي ماري نہ ڇڏي ها تہ تون خودڪشي
نہ ڪرين ها.“
ماياڪوسڪيءَ جواب ڏنو، ”جي تنهنجو ماحول
تنهنجي ذات کي ماري نہ ڇڏي ها تہ تون
خودڪشي ضرور ڪرين ها.“
۽ پوءِ هڪ ٻئي سان وڙهندا رهيا.
مون پهرين خيال ڪيو تہ وچ ۾ پئي
جهيڙو ڇڏايان،
پر پوءِ صلح جو امڪان نہ ڏسي،
مون هنن کي وڙهندو ڇڏي ڏنو
۽ شاهہ جو رسالو پڙهڻ لڳس.

—

○

جي شيڪسپيئر
چَچَ جي زندگي پڙهي ها
ته آن تي
پنهنجو بهترين ناٽڪ لکي سگهي ها:
پر افسوس جو
نه شيڪسپيئر سنڌ جي تاريخ پڙهي
۽ نه چچ
انگلستان ۾ پيدا ٿيو.

○

جنهن ٽامي جي پيالي ۾
سقراط زهر پيتو هو،
آن کي پڃي
مان آن جا ٽڪرا
بم گولي ۾
ڀري رهيو آهيان
ته جيئن
ٻئي ڪنهن سقراط کي
زهر پيئڻو نه پوي.

○

گواليار جي قلعي ۾
هَوَن ـ ڪُنڊ ـــ
جڏهن رائيون
يا راجڪمار يون
شڪست کان پوءِ
پاڻ بچائي نه سگهنديون هيون
تڏهن هَوَن ـ ڪنڊ ۾ ٽپو ڏئي،
جلي، ڀسم ٿي وينديون هيون؛
۽ مان سوچان ٿو
ته گهڻو ڪري شاعري به
زندگيءَ جي
پَنج ـ ڀوڳَ
وٺُ ـ پڪڙ
۽ پٽ ڪوهه
جي ڏپ کان
تصور جي هَوَن ـ ڪنڊ ۾ ٽپو آهي.

—

○

## (دهليءَ ۾)

هي اشوڪ استمڀ،
اهنسا جي
اوڏول آڳر
اشارو ڪري رهي آهي
آسمان ڏانهن
نه هُو پوڙو آهي
۽ ڌرتيءَ جي دانهن ٻُڌي نه ٿو سگهي.

○

قوم جو ڪردار
هڪ بي معنيٰ لفظ آهي.
جنهن قوم
روسو پيدا ڪيو
اها الجيريا ۾
قتلِ عام به ڪري سگهندي آهي.

—

○

اي انسان !
هيءَ تنهنجي سمجهه
هڪ چاقو آهي؛
اُن سان ڪمند جي ڇڙيءَ مان
ڳنڍيري ٻه ڪپي سگهين ٿو
۽ ماڻهوءَ جي
منڍي ٻه .
پر
جي هڪ پيرو
تو اُن کي ماڻهوءَ جي ڪنڌ تي وهايو
ته اُن جي ڦٽر کي
ڇاهي هزار پيرا ڏوئيندين
تڏهن ٻه
جڏهن تون اُن سان ڳنڍيري ڪپيندين،
اُن جي رس مان
توکي رت جي بوءِ ايندي .

—

○

هڪڙي چُپ
انڌي کوهه ۾ ڪُميءَ جي ٽُٻي،
ٻي چُپ
بلنديءَ تان باز جي ڪِري ڪهوُر؛
هڪڙي چُپ
خانقاه جا کهونگهرا
۽ آشرم جون اوپاسيون،
ٻي چُپ
ٽيپوءَ جو ڪنڌ
۽ نانا صاحب جو ڳاٽ
جو ڪپجي، ڪهنجي
ليڪن للڪارون ٻڌجي وڃي ٿو.
چُپ — موت
چُپ — زندگي.

—

○

سڪندر اعظم
سنڌ تي ڪاهه ڪان پوءِ
سنڌ جا ٻه فلسفي
ٻاڻ سان وٺي ويو،
۽ رستي تي
آنهن کان پڇيائين،
”سنڌ جو فلسفو ڇا آهي؟“
آنهن مان هڪ چيو،
”هڪ ماڪوڙو جڏهن پنهنجي ٻر ۾ آهي
تڏهن هن جي سمجهه ارسطوءَ جيتري آهي.“
۽ ٻئي چيو،
”جڏهن ماڪوڙو پنهنجي دڳ تي آهي
تڏهن هو سڪندر کان وڌيڪ
عظيم فاتح آهي.“

○

ساوڻ جي سانجهيءَ ۾
مڪليءَ تي
ڪوئي محقق
ڪاشيءَ جي نيريءَ سِرَ تي ڪجهہ پڙهي رهيو آهي.
او چتو
ڪنوڻ ڪجي ٿي
۽ نيرو آسمان
ڪل ۾ ويڙهجي وڃي ٿو.

○

هي نقاد آهي —
هي گڏهہ بہ آهي
گڏهہ جو آٿر بہ آهي.
هي پيو نقاد آهي —
هي ڏٿون بہ آهي
ڏٿونءَ لاءِ ڏارو بہ آهي.
هي ٽيون نقاد آهي —
هي شينهن بہ آهي؛
پئي شينهن سان ٻيلي ۾ گڏ رهي بہ ٿو سگهندو آهي،
پر مرندو آهي تڏهن بہ ڏيپ نہ چرندو آهي.

—

○

ڪوئي آهي،
جنهن کي سانجهيءَ ٽائي
موت جي ياد ڪڏهن به نه آئي آهي؟
ياد رک،
تو هر اقتصادي، سياسي ۽ معاشي مسئلو حل ڪري به؛
ڪڏهن ڪڏهن
ٽڏو ساهه پرينڊو رهندين.

○

هڪ دفعي مون حسرت سان چاهيو،
”ڪاش! مون کي شمس تبريز جي نگاهه هجي ها،
جنهن جي پوندي ئي ڪتابن جي ڍير ۾
باهه لڳي وڃي ها!“

۽ پوءِ يڪدم سوچيو،
”پر انهيءَ ڍير ۾ مان ڪيڙا ڪيڙا ڪتاب
ڪڍا ڪيان ها؟
ڇا شمس تبريز جو ديوان به آنهن ۾
هجي ها؟“

---

شمس تبريز — روميءَ جو مرشد جنهن جي هڪ نگاهه سان روميءَ
جي ڪتابن جي ڍير کي باهه لڳي هئي.

○

ڪهڙو نه مجبور لڳي رهيو آهين
اي مسيح !
ٽڙندو ٽاهڙندو، ڪهاڻيندو وڃين رهيو آهين
پنهنجي صليب !
جي تون ايترو بيوس آهين
ٻ تو ۾ ايترو رت ست نه رهيو آهي
جو اها صليب
هن روسي جلاد جي مٿي تي ڦهڪائي هڻين
ته ڪهٽ ۾ ڪهٽ
هن جي منهن ۾ زور سان ٿوڪار،
جيئن ظالم کي احساس ٿئي
ته ظلم کان نفرت ڪئي وڃي ٿي
آها شهادت ڪهڙي
جنهن ۾ ظلم لاءِ نفرت نه آهي
۽ آن نفرت جي اظهار لاءِ جرأت نه آهي !

○

زندگي سبا جو زلف آهي
آن ۾ الجهاوَ کان سوا
ڪو به سليمان
مڪمل نه آهي.

—

○

لنڪن
لينن
جمهوريت
اشتراڪيت
زنده باد
مرده باد —
۽ مون ڪي اهو پوءِ
تہ منهنجي ننڍڙي ڌيءَ
جا پوڙ ماني ڪائي رهي آهي
او ڇتو
ڪنهن بہ سان
آڏامي نہ وڃي
۽ هن جي جسم جا ٽڪرا
هن جي پوڙ جي. وٽيءَ ۾ نہ اچي ڪرن!

○

نہ خيام پنهنجي رباعيءَ جهڙو بد مست هئو،
۽ نہ زيب النسا مخفيءَ جو غزل
هُن وانگر ڪنوارو هئو.
شاعر جي پرک هڪ ڳالهہ آهي،
شاعريءَ جي پروڙ ٻي ڳالهہ آهي.

—

○

قاهره جي قهوه خاني ۾
هڪ فلسفي
ڪنهن مصري رقاصه جو ناچ ڏسي رهيو آهي
۽ قهوي جو ڍڪ پي، سوچي رهيو آهي،
”هن رقاصه جي پيٽ جي لرزش
ابوالهول جي پاينده تبسم کان
زياده پُرڪشش ڇو آهي؟“

○

هيءَ جهرڪي
جا منهنجي اڱڻ ۾ چُوٽو چڳي رهي آهي
مون کان وڌيڪ مسرور آهي
جنهن ”عطار“ جو منطق الطيور پڙهيو آهي؛
۽ خدا کي به وڌيڪ ويجهي آهي.

—

○

منهنجو قاتل
منهنجي قتل کان ڪيترو وقت پوءِ
منهنجي سنگِ لحد تي
لکي رهيو آهي:—
”هن جو قتل ڏسي،
ساري شهر ۾ پٿر رهيو آهي
جو پاڻي نه ٿيو آهي.“

○

شايد سامي ۃ چيو آهي ته،
”ڪنليءَ ۽ ڪنچر ۾ هڪ ڏٺي آهي“
پر اي ساميءَ جا ڏٺي!
مان تنهنجي ڌرتيءَ تي بار ٿيڻ نه ٿو چاهيان،
مون کي ڪنلي بڻائجانءِ!

---

ڪنچر — هاٿي

سو ٻٽ کي ٽريءَ تي رکي، آن کي ڦوڪڻ ڏئي،
پنهنجي ساهه سان گرمائي رهيو آهين ته جيئن اهي پرڙا کولي پوٻٽ
ٿئي ۽ آڏري گل گل جو واس وٺي.

سو ٻٽ کي پنهنجيءَ ڦوڪ سان آن جي خول مان زوريءَ ڇِڪي،
آن کي پنهنجي وقت کان اڳ ۾ پوپٽ بڻائڻ چاهين ٿو!

اي اياڻا! تو ۾ ايترو صبر نه آهي ته تون ترسي سگهين ۽ سو ٻٽ کي
پنهنجي وقت تي پوپٽ ٿيڻ ڏين.

مان ميان ٿو ته تنهنجي ساهه ۾ گرمي آهي،
مان ميان ٿو ته انهيءَ گرميءَ تي سو ٻٽ پنهنجا پرڙا کوليندو،
پنهنجي ڏک ڏک ڪندڙ سرير سان، ڏاڍو وس ڪندو. پر ڪجهه وقت
کان پوءِ هُن جا پرڙا ڇپا ٿي ويندا ۽ هو ڦڙڪي تنهنجيءَ
ٽريءَ تي مري ويندو!

اي اياڻا! تون هُن کي آس ۾ ڇڏي ڏي ته هو پنهنجا پرڙا پاڻ کولي.
توکي تڪڙ ڇو آهي،
ڪجهه گل مرجهائجي ويا ته ڇا،
گل ته پيا ٽڙندا رهندا ــــ
ها، پر توکي تڪڙ آهي،
تون چاهين ٿو ته سو ٻٽ تنهنجيءَ ٽريءَ تي پرڙا کولي پوپٽ ٿئي.

—

○

ماڻهو مون تي ڪفر جون فتوائون ٿا ڏين ،
اي سانوڻ جي گهٽائن ۾ ڇپي ويندڙ چنڊ !
ڇا توکي به منهنجي ڪفر سان شڪايت آهي؟

—

ڇا تون زرهه پائي اهو سوچي رهيو آهين ته مان
تنهنجي اندر جو ناسور ڏسي نه ٿو سگهان ؟

—

ڇا سچ به مري ويندو آهي ۽ اُن کي به اسرافيل
جي صُور جي ضرورت پوندي آهي ؟

—

○

سترهً جي نه پهريَ سؤنف جي شراب وانگر مٺيءَ سڳنڌ سان ڀريل آهي.
نه پهريءَ کان پوءِ سترهً جو سج ٺرت ئي لهي ويندو آهي.
مان پنهنجيءَ ڦلواڙيءَ ۾ ويٺو آهيان ۽ هڪ نئين ٻوٽي
لڳائڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان .
مون پنهنجا جوڀن جا ڏينهڙا نوان نوان ٻوٽا لڳائيندي گزاري ڇڏيا .
ڪن ۾ سونهن هئي ته سڳنڌ نه هئي،
ڪن ۾ سڳنڌ هئي ته سونهن نه هئي ۽ ڪن ۾ سونهن به هئي ته
سڳنڌ به هئي .
ڪن آنهن مان گل پٽي وارن ۾ لڳايا ،
ڪن آنهن مان عطر ڪڍي پرٿي رات لڳايو ۽ ڪن کي جڏهن آهي
گل پيش ڪيا ويا تڏهن هنن گلن کي پيرن هيٺان چيڀاٽي ڇيو ته
” انهن جي سڳنڌ اسان جي مٽي ۾ سور وجهي رهي آهي.“
هاڻي مان سوچي رهيو آهيان ته اهڙو ڪوئي ٻوٽو لڳايان جنهن جي
گلن ۾ سونهن به هجي،
سڳنڌ به هجي ۽ جنهن جي سڳنڌ ڪنهن جي مٽي ۾ سُور به نه وجهي،
پر ڇا اهو ممڪن آهي؟
ڇا مون کي ايترو وقت آهي ؟
نه پهري ٿي چڪي آهي،
سترهً جو سج ٺرت ئي لهي ويندو ۽ ميندڙيءَ جي ٻوٽي تي ٻوليندڙ
ڪار ـ ڪٽيچي انڌاري ۾ مات ٿي ويندو ـــ

—

○

سون هن جي مُنهن تان چڱون هٽايون ۽ هن جي مُنهن کي پنهنجن پنهي هٿن ۾ ائين جهليو جيئن پٽن جي وچ ۾ ڪنول سهڪندو آهي. هوءَ ڌوڙهه جوڙن ۾ هئي ۽ منهنجو من هُن جي ون ۽ واس ۾ ويڙهجي ويو.

سون هن جا چپ ۽ اکيون چمي هن کي گهوري ڏٺو. اوچتو هن جا وار گم ٿي ويا ۽ هن جي هڏائين کوپري نظر آئي. ڪاري ڪجل جي ڌار سوڌيون هن جون اکيون بہ الاجي ڪيڏانهن ويون ۽ آنهن جي جاءِ تي ٻہ هڏاوان کوپا نظر آيا. سون سوچيو تہ اها چمي مون زندگيءَ کان ورتي يا موت کان ؟

انسان جي انت تي سوچي منهنجو من ڳائون مائون ٿيڻ لڳو. هن مون کي وائڙو ٿي ڏٺو ۽ پوءِ مون کي چمي ڏئي چيائين، ”ڇا ٿو سوچين؟ دير ٿي وئي آهي، مون کي وڃڻو آهي.“

” هر ڪنهن کي وڃڻو آهي،“ مون من ۾ سوچيو پر هن کي ڪوئي جواب نہ ڏنو. هوءَ جڏهن هلي وئي تڏهن مون اڌ ڇڪيل سگريٽ رک- دانيءَ ۾ وسايو تہ آهو مون کي ميران ٻانيءَ جي ڇائين وانگر لڳو.

—

○

ڪالي داس پنهنجو ناٽڪ شڪنتلا پڙهي،
گهمنڊ مان پرسان رکيل برهما جي مورتيءَ ڏانهن ڏٺو.
هن جي من ۾ آيو ته هُو مورتيءَ کي ڌاڪ تي گهمائي،
ڦيرائي پٽ تي هٽي.
هن ڌڪار سان مورتيءَ ڏانهن ڏسي چيو،
"تو مٽيءَ مان جڳ ٺاهيو،
مون ٻوليءَ مان دشينت،
شڪنتلا ۽ رشي "ڪينو" ٺاهيا.
تو منش ٺاهيو ته هُو گرڊن ۾ رڙهندو نظر آيو،
ٻڪ ۾ روئڻ لڳو،
ڏک ۾ سمجهي ويو ۽ انت انهيءَ مٽيءَ سان مٽي ٿي ويو
جنهن مان تو هن کي ٺاهيو هيو.
مون پنهنجيءَ ڪلپنا سان منش کي اوچو اڀاريو
۽ هن کي اها وٿ ٻڌايو جنهن مان سپنا اُٿيا ويندا آهن.
صديون گذري ويندي ون پر منهنجو سِر جيل منش سمي جي ڀاڄم ڊو
ڦرمار کي منهن ڏيندو ايندو.
ڏهاڙن جا سڪل ٻن ۽ راتين جون سڙيل وليون
اُن بسنت کي مات نه ڏئي ٿيون سگهن
جنهن مان مون شڪنتلا کي واسيو آهي.
تنهنجا ٺاهيل منش مون وانگر مرندا رهندا،
ما ٺاهيل منش تو وانگر امر آهن.

○

هي موهن جو دڙو آهي.
سنڌونديءَ جي سپاٽ جا آهجاڻ، ٻوڙي مٽ،
دڙي مان نڪتل سڪا، ڊارا، ڪچ جون
ڪنگڻيون وغيره - ڇا ڇا نه ڳولي لڌو
ويو آهي!

صديون گذري ويون آهن، پر مٽي اڳي جان
امر آهي.

ها، پر هو وڻجارا جي سڪن کي ائين ڏسندا ها
جيئن جوتشي ستارن کي ڏسندا آهن؛

۽ هو جواري جي ڊارا هلائي، سڪا ائين
اڇليندا هئا جيئن مهاڻيون پلن تان ڇلر
لاهي ڦٽي ڪنديون آهن؛
۽ هوءَ هڪ ننگ تي نچندڙ نچڻي -

ڇا آها سڪن لاءِ نچندي هئي
يا سڪ لاءِ نچندي هئي؟

اهي سڀ ڪيڏانهن ويا؟
صديون گذري ويون آهن پر مٽي اڳي جان امر آهي.

ڪيڏانهن ويا هُو جڙونا ۽ آهي سُگهڙ ٻانهون جن تي سونيءَ ٻانهيون سونهنديون هيون ۽ جن جي ٻُڪن تي پيار ۾ پاتل چڙهه جا نشان ڏسي اڄ ج ايندو هو ته سون تي ڪَسُ ڪيئن چڙهي وئي آهي!

۽ هُو نيري آڪاس هيٺان نيروڻيءَ جي ڪُن ۽ !
کهڙيءَ ڪهڙيءَ وينگس جا ويس ان ۾ رڱيا ويا ها!

۽ هو ٻُٽ ۾ سٽروڻرا پاراڏي جي پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان هڪ سڱا ۽ ٿوهي وارا ڏڳا ليٽائي وڃهندا هئا!

ڪيڏانهن ويا هُو آڪاس ڪي پيءُ ۽ ڌرتيءَ ڪي ماءُ سڏڻ وارا ؟

ڪيڏانهن ويا آهي جي سنڌوءَ کي اُن وقت اجيت چوندا ها جڏهن مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري وسنديون هيون ۽ سنڌو آيا ڌي، آڪاس ڏانهن آڏامندي ويندي هئي ؟

ڇا هوائن ۾ اڃا تائين اُنهن ڪنٽرگانين جو ڪيٿو آهي، جن جي ڪير سان پرنيل اوهن مان گوها ائين نڪرندا ها جيئن سانوڻ جي سانجهيءَ ۾ شفق جا شعاع ڌرتيءَ تي وسندا آهن ؟

ڇا هوائن ۾ ڪوهه جي پاٽيءَ ۾ انهن ٻوڪن جي ڦهڪي جو آوا آهي جي آڇاڍل ڇڇن جي پياس ٻجهائيندا هئا؟

ڇا هوائن ۾ اهي مرٽينگ سِسڪيون به آهن جـي سريرن جي ترپتيءَ مان ائين آيرنديون آهن جيئن بسنت رُت ۾ مڪڙين . ڦڻڻ جو پڙلاءُ ايندو آهي ؟

ماڻهو ڪيڏو نه ڪڏن ٿا، ڪيڏو نه پٽڏن ٿا،
ڪيڏو نه نيڏن ٿا!
ڇا رڳو مٽي امر آهي، رڳو موت امر آهي؟
يا موت، جو سڀ جي پڄاڻي آهي ٿو
۽ اڄ نه سڀاڻي اچڻو آهي،
اننت جي اڳيان اڪ ٻوٽ ڪان وڌيڪ نه آهي؟

○

چاهي ۽ نانگ جي لڙائيءَ ۾ طرفدار نه ٿيءُ،
پنهنجو رستو وٺ ۽ رمندو رهه
جي تون نانگ جو پاسو وٺندين ته هو انت توکي به
کائيندو ۽ جي چاهي جو پاسو وٺندين
ته هو تنهنجي ڪهڙي ڪم ايندو؟
توکي هن جي سست رفتاريءَ جو ساٿ ڏيڻو پوندو
۽ تنهنجو سفر اڳ ڪان وڌيڪ دشوار ٿي ويندو.

—

دنيا جا قبرستان پريا پيا آهن آنهن ماڻهن جي هڏن سان جي
چمندي چام هئا، جن جو مٽي ڪان اڳ ڪوئي مٽُ نه هو،
جن جي مٽي ڪان پوء ڌرتي آنهيءَ وٽ ڪان وانجهي ٿي لڳي
جا جيئڻ جو جسُ هوندي آهي-

دنيا جا قبرستان پريا پيا آهن اڪيچار هڏن سان، هڏا جي ڌرتيءَ
جي ڏُلتهن لاء شهنايئن وانگر وڳا ها، هڏا جن هن جوڙ ۽ جنسار
ڪي اڳي ڪان آجرو ڪيو هو-

دنيا جا قبرستان پريا پيا آهن آنهن جي هڏن سان جي هن ڌرتيءَ تي
ائين آيا ها جيئن سرَ تي هنج لهندا آهن يا جيئن چڪور چنڊ
جي ٽانڊن تي پنهنجا برڪا پنل پرَ سيڪيندا آهن -

دنيا جي قبرستانن ۾ پڪڙيل آهن هڏا پُست جي ڏوڏين جي
خش خش وانگر؛ انهن هڏن سان ڪڏهن ڪهاڻا ڳاڙها گل آيريا
ها جن ماڻهوءَ جي من ۾ مچ مچايا ها -

دنيا جي قبرستانن ۾ نقط هٽُ، هوڏ ۽ وڏائي نه پڪڙي پئي آهي،
انهن ۾ پريت، پت ۽ پلائي به منيءَ ۾ مليل آهي -

دنيا جي قبرستانن ۾ ڪيئن ڳوليندين ته ڪهڙي هڏي ۾ هٿ، هوڏ ۽ وڏائي هئي ۽ ڪهڙي ۾ پريت، پت ۽ ڀلائي هئي!

ڏينهن جو سج ۽ رات جو چنڊ انهن هڏن کي سونجهي چڪو آهي ۽ انهن جي سڃاڻ نه پائي سگهيو آهي.

ڪيئن ڳوليندين ته ڪهڙي هڏي گيت ڳاتا ها، ڪهڙي چتر چٽيا ها، ڪهڙي مورتيون گهڙيون هيون ۽ ڪهڙو سوهڻن جي دڙي جي نچڻيءَ وانگر هڪ ٽنگ تي نچيو هو!

ڇا دلوراءِ ۽ دولهه دريا خان جي هڏن ۾ ڪوئي فرق آهي؟

بڇرائي ۽ ڀلائي ٻئي مٽيءَ ۾ ملي ميٽ ٿي وڃن ٿيون.

صوفي چون ٿا ته مٽيءَ ٿيڻ کان اڳ ئي مٽي ٿيءُ، هڏا ٿيڻ اڳ ۾ ئي هڏا ٿيءُ ۽ قبرستان ۾ پهچڻ کان اڳ قبرستان ۾ پهچي وڃ — پر ائين ڪرڻ سان ڪهڙو فرق پوندو؟

دهريا چئي رهيا آهن ته اڳتي ڪجهه به نه آهي، هيءَ جندڙي ئي سڀ ڪجهه آهي، اُن کي ماڻي وٺ، اُن کي سونهن ۾ سرس ڪري پوءِ هڏا ٿيءُ.

۽ چٽر ڪري رهيا آهن دنيا جي قبرستانن ۾ هڏا، چٽر ڪري رهيا آهن ماڻهوءَ جي هر متن ورتيءَ تي ۽ سج ۽ چنڊ کي انهن جي چٽر تي چڙ نه ٿي اچي.

—

منهنجا جهونا ساٿي !
اڄ تنهنجو جنم دن آهي
مان چاهيان ٿو تہ توکي اڇوتي موتيءَ جھڙو هڪ لڙڪ آڇيان،
تون جو اجهل ۽ اروڪ آهين،
۽ اڃا ساڳي رستي تي وهي رهيو آهين،
رستو جو مان ڇڏي چُڪو آهيان،
رستو جو اونهيءَ ڪنڌ ڏانهن وڃي رهيو آهي.
تون پنهنجي ڌُن جو پڪو آهين
۽ ڌوڪيندو وڃي رهيو آهين انهيءَ رستي تي،
جو وڃي رهيو آهي اونهيءَ ڪنڌ ڏانهن؛
تون ڀائين ٿو تہ انهيءَ ڪنڌ ۾ ڪوئي ٻيڙو آهي،
جو تنهنجي ڪِرندي ئي توکي جهپي وٺندو؛
مان چاهيان ٿو تہ اڄ توکي اڇوتي موتيءَ جھڙو هڪ لڙڪ آڇيان،
تون جو اجهل ۽ اروڪ آهين !

—

O

منهنجن چپن جي پياس ساڪ ڏئي رهي آهي ته مون
تنهنجي هر چشمي مان پاڻي پيتو آهي؛

منهنجن پيرن جون لڦون ٻڌائي رهيون آهن ته مون
تنهنجي هر پهاڙ تي پنڌ ڪيو آهي؛

جڏهن ڪرڙ ڪکوريا آهن مون انهن جي پيلن گلن
۾ تنهنجي اڻ - لکي سڳنڌ سنگهي آهي؛

بادل هوڻ ڪري ته سڄي جڳ تي وسندا آهن پر رڳو
مان ئي ڄاڻان ته ٿر جي ريت تي اُنهن جا پاڇاوان
ڪيئن پوندا آهن؛

اي اياڻي سنڌ! مان تنهنجي سڃاڻ آهيان
پر افسوس! تو پنهنجيءَ سڃاڻ ڪئي نه سڃاتو!

—

○

تاريخ جا ڦيٿا ٻيهجي ويا آهن
يا مون کان وڌيڪ سفر نہ ٿو پڇي
يا مان وڌيڪ سفر ڪرڻ نہ ٿو چاهيان
ڇو تہ هر منزل اڳي کان بہ وڌيڪ
اونهيءَ ڪُنڊ ۾ ڪيرائي ٿي ؟

—

اي مڪلي ! تنهنجين قبرن ۾
ڪيترن خوابن جا هڏا پکڙيل آهن
۽ آنهن جي چوڌاري ڪيترا بي يقينيءَ جا ڪيڙا
چُري پُري رهيا آهن !

—

ڪيستائين بگهڙ گڏهن جا ڏنار بڻيا رهندا ؟

—

"اي چنڊ ! مان توکي ڪيئن پڄان ؟ "
"ڪارونجهر پهاڙ جي چوٽيءَ تان ٽپو ڏيئي،
مان توکي هيٺ چشمي تي ملندس."

—

○

ڏاڏي اوير ٿي وئي آهي
۽ مان گهٽيون لتاڙي رهيو آهيان
۽ پنهنجو گهر ڳولي رهيو آهيان،
هڪ هڪ ٿي ڏيئا وسامي ويا آهن
۽ مان اڃا تائين گهٽيون لتاڙي رهيو آهيان؛
مان ڄاڻيان ٿو تہ منهنجو ڪوئي گهر هيو
جنهن جو پتو مون کان وسري ويو آهي؛
مون ڪيترن ئي درن جو ڪڙو کڙڪايو، پر آهي
در منهنجي گهر جا نہ هئا!
هاڻي مان گهٽيون لتاڙي رهيو آهيان
۽ پڇيان تنهنجن پيرن جو پڙلاءُ اچي رهيو آهي،
مون ڄاڻيو هو تہ تون مري چڪو آهين
پر ائين نہ آهي
منهنجي پڇيان تنهنجن پيرن جو پڙلاءُ اچي رهيو آهي،
۽ توکي منهنجي گهر جو پتو آهي —
منهنجو گهر جو مون کان وسري چڪو آهي.

—

○

مون پاڻ ۾ اها هير ڇو وڌي ؟
جي تنهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ لاڙي
بار بار تنهنجيءَ ڳچيءَ تي پنهنجا ڳل نه سيڪيان ها،
ته اڄ رات مون ڪي هي وهاڻو سنگ ِ لحد وانگر ٿڌو نه لڳي ها :

مون پاڻ ۾ اها هير ڇو وڌي ؟
اڄ تنهنجي ڇوٽي، منهنجيءَ ڪرائيءَ ۾ ويڙهيل نه آهي
ته ائين ٿو لڳي ڄڻ مون کي ڪوئي ڪاريهر ڪکي ويو آهي !

اڄ مان پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو سُتو پيو آهيان،
مٿان بجليءَ جي بتي ٻري رهي آهي؛
مان پنهنجو مُنهن مٿي ڪري پنهنجا چپ تنهنجي ڪلهي تي رکان ٿو،

۽ آتان ڦيرائي تنهنجن چپن ڏانهن آڻيان ٿو،
۽ آتان کڻي تنهنجين اکڙين تي رکان ٿو؛
۽ ٻوءِ جا ڳي ٻوان ٿو،

ٽڏ منهنجي اڪيلي سريز ۾ ميسرات وجهي ٿي؛
دريءَ جي ٿڌي شيشي مان ليئو پائي
ستارو مون کي ڏسي ٿو
۽ عجب ۾ اکيون ڇنڀي ٿو!

تنهنجا گرم چپ ڪٿي آهن؟
تنهنجن وارن جي ٻوجهل سُڳنڌ ڪٿي آهي؟
اُف! اڄ ته شراب به زهر وانگر نڙگهٽ کي نهوڙي رهيو آهي!

توکان سواءِ هي ٻويون ٻهر ڪيڏو نه ڀاري آهي!
ڪهڙو نه هيڪلو آهي!
ڪهڙو نه ٿڌو آهي!

○

”تمر! تون ڪنڊي گهولي رهيو آهين“ ٻڌائي چيو،
”ڪنڊي ته رڳو مُئا گهوليندا آهن؛ انهن جا لاش لڙهي
اچي ٻوڙن ۾ لڪندا آهن. جيترا ته ڇوهن جي ڇوهه ۾
هوندا آهن، اُنهن جا سڙهه ڦاٽي پوندا آهن، ۽ لاچو ٻند
ٽٽي پوندا آهن، پر ٻوءِ به هو ويرُن سان وڙهندا
رهندا آهن.“

—

○

ڇا مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ هيٺين وارتا وديا پتيءَ جي باري ۾ لکي هئي — وديا پتي جو ميٿلي ٻوليءَ ڪوي هو ؟
يا ڪنهن وقت سان پاڻ وديا پتي هئس ؟
آخر هيٺين وارتا سان ايتريءَ وچوڙ سان ڪيئن لکي سگهيس!—

هُن مٺٺ کي تلسي مالها پارائي، مک ۾ گنگا جل ۽ تلسيءَ جو پن وڌو ۽ پيٺ کي گوپي چندن مٿليو. هوءَ مرتيوءَ ۾ بہ ايتري ئي سندر هئي جيتري جيون ۾. هن جي منهن تي هن جا اڇا ڳل اهڙا بہ رابيل جي گلن وانگر لڳي رهيا هيا ۽ هن جا چپ ڪچنار جي ٻوٽيل ڪلين وانگر ٿي لڳا. ڪيترا ڀيرا هن اهي چپ چميا ها ۽ چميءَ سان اهي ڪچنار جون ڪليون ٽڙي پيون هيون ! ڪيترا ڀيرا هن پنهنجي چپ سان هن جي چپ کي ڇهيو هو ۽ هن کان پڇيو هو، "توکي ڇاڻ آهي تہ ناڳ هڪ ٻئي سان پيار ڪيئن ڪندا آهن؟"

هوءَ جا سرير جي پيار کي اپوتر سمجهندي هئي، ڪيترا ڀيرا هن جي ڪيچ ۾ ويهي، پنهنجي ڇاتيءَ سان هن جي ڇاتيءَ کي ڇهيو هيائين ۽ هن جي منهن تي هٿ ڦيري پڇيو هيائين تہ "تون ڪير آهين، منهنجو ڇا آهين!" ڪيترا ڀيرا هن [illegible] جي سات کي

لنوايو هو ۽ ڪيس چيو هيائين، ”تون ته ڪوي آهين، پيار جي امرت رس ڪي چڏي ماس تي ڇو موهيو آهين؟ ماس ته انت مٽي آهي، ماڪوڙن جو ڪاج آهي. اهي اکيون جن تي تون اکڻ ڇڪن ٿيو آهين، جن ڪي جڏهن تون چمين ٿو ته مان چاهيان ٿي، اهي اکيون وري نه کوليان —

ها، اهي اکيون انت ته فقط هڏاون کوپا آهن! ڇا تو ان تي ڪڏهن سوچيو آهي ته انت مان مري وينديس؛ اهي اکيون، اهي تارا، اهي تنرا، اهي ماٺڪيون، اهي ڇپر سڀ ئي ماس سان گڏ آگ ۾ جلي رک ٿي ويندا ۽ رڳو هڏاون کوپا وڃي بچندا؟ انهيءَ رک ۾ تون اهي نهارون ڪٿان ڳوليندين جي تنهنجن وارن کي پيار ڪندي، تنهنجيءَ سينڌ جي گهٽيءَ ۾ گهمنديون وتنديون آهن؟ تون منهنجون پاپڙيون چميندو آهين، ڪڏهن ڪڏهن انهن کي ڏندڙيون ڏئي ڪٽيندو آهين ته منهنجيءَ رڳ رڳ مان سيسرات آيري ويندو آهي. منهنجن سنڪن ۾ اهي سيسرات ڪٿي ڳوليندين؟“

اج هو مٽ کي ڏسي رهيو هو، جنهن کي ٿوريءَ دير ۾ چکيا تي رکي هن کي ڪاٺين تي گهه هاري تيلي ڏيڻي هئي. هن سوچيو —

”ڇا هيءَ جنم جنم جي چڪر ۾ مون کي وري ڪڏهن ملندي؟ ۽ جي ملي ته ڇا هيءَ اهڙي ئي سندر هوندي ۽ منهنجن وارن ۾ ساڳي چمڪيلي ڪارپ هوندي؟“

”هن جنم جي سندرتا الاجي ته ٻئي جنم ۾ ملي يا نه، پر ڇا هن جنم جو پيار ٻئي جنم ۾ به ساڳيءَ سڪ ۽ ساڳيءَ سڳنڌ سان اڀري ايندو؟“

”يا مورڳو ٻيو جنم آهي ئي ڪونه، لوڪ ۽ لوڪ جون ڳالهيون رڳو ڏند ڪٿائون آهن، سچو معاملو مٽيءَ جو آهي، منش گل وانگر ڪِڙي ٽِڙي مرجهائجي وڃن ٿا ۽ انهن جي ٻيهر اسرڻ جو آسرو ئي اجايو آهي؟“

○

اونهاري جي انگ سڪ چانڊوڪي ڇانيل آهي –
مان ڪوٺيءَ تي کٽ تي سُتو پيو آهيان؛
او ڇتو ڪنهن پکيءَ جي پرن جو پڙڪو ٻڌي،
ڇرڪ ڀري ننڍا ڪڙيون اکيون مٿي ڪيان ٿو
پر ڪجهه نظر نه ٿو اچي.
مٿان اڻ ڳڻيا ستارا آڀ ۾ پکڙيا پيا آهن –
مان سوچان ٿو ته ڇا جيئڻ جو هر پل ان
پکيءَ جي پڙڪي وانگر آهي؟
يا ڪوئي ڪوئي پل ستاري وانگر آهي جو
سدائين ڪارونيار ۾ ٽمٽمائيندو رهي ٿو؟

—

○

تون جو ڇاڻين ٿو
ته رات ڪي به دل ٿيندي اهي
۽ تون ان جي دڪ دڪ ٻڌي سگهندو آهين،

دور، جڏهن مٿغاني جو در ٻونبو آهي تڏهن ان جي
آهٽ تنهنجن ڪنن تي ايندي آهي،

دور، جڏهن جنگ جي ميدان ۾ گهوڙا ڊوڙندا آهن
تڏهن انهن جا سنب تنهنجي ساهه ۾ وڄندا آهن،

تون ٻڌندو آهين
هر ساس پس، هر پٽڪو، هر پڙاڏو
۽ جڏهن پهاڙ پولا ٿي ويندا آهن
تڏهن تون ڪندو آهين انتظار
ڀونچال جي پڙڪڻ جو؛

تون جو ڇاڻين ٿو
ته رات ڪي به دل ٿيندي آهي
۽ تون ان جي دڪ دڪ ٻڌي سگهندو آهين،

هن انڌيريءَ رات ۾
هن ڀوائتيءَ سانت ۾

جڏهن مون پنهنجا سڀ ساز پچي ڇڏيا آهن،
ڇا تنهنجا سرلا ڪن ٻڌي سگهن ٿا
آهي ٻول جي منهنجي آواز جو انتظار ڪن ٿا،
آهي سُر جي منهنجي ساز کي گهولن ٿا
۽ سوچن ٿا ته منهنجون آڱريون ڪيترو وقت سُن ۾
رهنديون ؟

○

"سچ ئي مايا آهي،" وشنو نارد مُنيءَ کي چيو،

"انهيءَ سچ لاءِ ماڻهو هڪ ٻئي کي
رتوڇاڻ ڪندا آيا آهن،

" انهيءَ سچ انهاس جي ٻهراڻ تي رت جا
ڪروڙين ڇنڊا ڇڏيا آهن،

" جنگين ڪاڻ پنهنجو ۽ پرايو لهو وهايو آهي؛

" ڪالهوڪو سچ اڄوڪو ڪوڙ آهي،

" اڄوڪو سچ سڀاڻي جو سچ نه آهي،

" نارد ! سچ پڇين ته نه رڳو ڪوڙ،
سچ ئي مايا آهي."

—

○

ڇا تون يونانيءَ جو وجود منطق جي ذريعيءِ سمجهائي سگهين ٿو؟
ڇا تون يونانيءَ جي دؤر جي اقتصادي ۽ سياسي حالتن جو ڇيد ڪري، اهو سمجهائي سگهين ٿو ته شاهه جو رسالو ڇو سرجيو ويو هو؟

ڇا تون علم حياتيات تي مهارت حاصل ڪري، اهو ٻڌائي سگهندين ته رڳون رباب ڪيئن ٿينديون آهن؟ ڇا تون ڪاڪ ڪنڌيءَ تي قبرون ڪوٺي، پوريل هڏا ڏسي چئي سگهندين ته اهي مومل لاءِ ڇو مئا هئا ؟
ماڻهو هڪ ڳُجهتو ڳجهاندر ڳالهڙي آهي
۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڳجهاندر ڳالهڙي اهو ماڻهو آهي جو سيرجٹهار آهي.

منڊي ماڪوڙي کوهه مان آپ ڪيجي سگهندي پر تون سيرجٹهار جي ڪٿ نه ڪري سگهندين .

—

○

مان ڪارونجهر پهاڙ جي ٻپ وٽ چشمي ڀرسان ويٺو هوس تہ چشمي جي پاڻيءَ تي آڏامندڙ پکيءَ جا پاڇا پيا —

مون مُنهن مٿي ڪري ڏٺو تہ مون کي پکي نظر نہ آيو؛ مون وري هيٺ پاڻيءَ ۾ ڏٺو تہ مون کي پاڇا بہ نظر نہ آيا.

ڇا آهو پکي ڪٿي پهاڙ جي ڏرڙ ۾ لڪي چڪو هو، يا آن جي ڪور تان آڏامي ٻئي پاسي پهچي چڪو هو يا مورڳو آهو پکي هيو ئي ڪونہ ۽ پاڻيءَ تي آن جي پرن جا ڀاچا رڳو منهنجيءَ نظر جو فريب هيا!

○

ڪبير ۾ شاعر جون سڀ خوبيون هيون؛
ها، هن ۾ فقط اها خامي هُئي تہ هُن ۾ شاعر جون خاميون نہ هيون ۽ ان ڪري هن جي شاعري اڻ پوري آهي. جيستائين ڪوئي شاعر ڪوهہ جي تري ۾ نہ ڪريو آهي، تيستائين هو آسمان ۾ ستارن جو پورو قدر ڪري نہ ٿو سگهي.

—

○

مان ڪيٽي بندر تي ڪنهن پوڙهي مُهاڻي سان رهاڻ ڪري رهيو هوس. سانجهي ٿي وئي هئي ۽ آن جي پوئينءَ ڳاڙهاڻ ۾ هن جي مينديءَ لڳل ڪَڪي ڏاڙهي سنسار جو انوٽ انگ لڳي رهي هئي.

مون هن کان پڇيو، ”بابا، ماڻهوءَ جي جندڙي ڇا آهي؟“

هن جواب ڏنو، ”پن اونداهين راتين جي وچ ۾ پرندڙ ڏيئو.“

مون وري پڇيو: ”ڇا اها لات جنمُ ڪري ٿي،
آجهامي وري ٻري ٿي؟“

هن جواب ڏنو، ”نه، پيءَ رات جي اونده ابدي آهي.“

مون ان تي چيو، ”آن لات کي جا ٻري آجهامي وڃي ٿي، ڪهڙي معنيٰ ٿي سگهي ٿي؟“

هن جواب ڏنو، ”اها لات جڏهن واءُ سان وڙهي ٿي؛ جڏهن نانگ وانگر وَٽَ کائي ٿي، ۽ ان طرح پن اونداهين راتين جي وچ ۾ رستي تي پنهنجي جوت جهڪائي ٿي، تڏهن پنهنجي لاءِ معنيٰ پيدا ڪري ٿي. پنهنجي ليکي لات کي ڪا به معنيٰ نه آهي.

”عمل شراب وانگر انسان جي رڳن ۾ ڊوڙي ٿو ۽ پنهنجي پيدا ڪيل خمار مان زندگيءَ کي معني بخشي ٿو. زندگي پنهنجي ليکي بي معني آهي.

”هو مهاڻا ڏسين ٿو جي پرهه جو سڙهه سانباهي وڃن ٿا ۽ سج لٿي مهل مڇيون ماري موٽي اچن ٿا، ڇا انهن کي ڄاڻ آهي ته انهن جي جندڙي ڇا ئي ڇـم کان آنهيءَ ڪاري ڪارونيار لاءِ سڙهه سانباهي رهي آهي، جنهن کي ڪنهن به پار نه ڪيو آهي!“

○

منهنجو قلم آنهيءَ اڇيتيءَ سيٽ جي ڳولا ۾ آهي، جا اڃا تائين ڪنواري آهي، جنهن کي اڃا تائين ڪنهن به شاعر جي هٿ نه ڇهيو آهي، جنهن جا نيڻ نميل آهن ۽ اڃا تائين ڪنهن ڏانهن نه کڄيا آهن.

—

○

سُرڳ ڌام ۾ شنڪر آچاريہ شِوَ جي گوڏي تي اڪ پڻي ۽ ٽپو ڏئي آتيو. هن وائڙو ٿي سوچيو تہ ڪٿي اچي پهتو آهيان ! هن جي سامهون سرڳ جو جهروڪو هو ۽ هو ٻوڙي اَن وٽ پهتو ۽ هيٺ ڌرتيءَ ڏانهن نهاريائين. پهرين هن کي "شونيہ" نظر آيو جو ڦهلي هڪ مالتيءَ جو گل ٿي ويو ۽ وڌيڪ ڦهلي هڪ سندر ناريءَ جو ڳل ٿي ويو. هن جهروڪي مان هيٺ ٽپو ڏيڻ ٿي چاهيو تہ شِوَ هن کي ٻانهن کان جهليو.

ان تي هن رڙ ڪئي، "مهاپلي ! ڇڏ تہ مان وڃان ! مون ’شونيہ‘ جي کوج ۾ سڄي ڄمار وڃائي آهي، هي سندر ناريءَ جو ڳل کهڙو نہ پيارو آهي !"

—

هن پنهنجو وسوسو ڇونڊيو، وسوسو جو هُن جي سيّاوَ ڪي بي هر وسوسي کان وڌيڪ ڀانءِ پيو.

ڀوءِ هُن آن لاءِ نعرا هنيا، ليک لکيا، تقريرون ڪيون، ماڻهو ڪٺا ڪري آباريا ۽ انهن کان ٻيا ماڻهو مارايا ۽ پنهنجي ڪيل هر انياءَ کي نياءُ سمجهو.

هو پنهنجي ڪيپ اڳتي وڌندو رهيو، پنهنجي ليکي ڪيپ تي ڪيپ ڪٽيندو رهيو؛ پر هُن ۾ ڪائي ڳجهي اک موت جي روشنيءَ ۾ انهيءَ رستي کي گهوريندي رهي جو ڪنهن اونهيءَ کڏ تي ڪٽيو هو.

○

تون منهنجا گيت پڙهي چئي رهيو آهين
تہ تون امرت مان ڍڪ ڀري رهيو آهين؛

۽ مان پنهنجيءَ دل ۾ آهه رَت سان ڀريل ڪُڏ
ڏسي رهيو آهيان جنهن تــي تنهنجا آڇايل چَپ
جهڪي آيا آهن ۽ گيت تي گيت ڏئي رهيا آهن.

○

اي اصحابِ ڪهف وانگر گهيرت ڪائيندڙ !
اوهان جڏهن جا گهنڊ تڏهن دنيا کي سڃاڻي نہ
سگهندءُ ۽ پوءِ اسان اوهان کي آها ننڍ ڏئي
ڇڏيندا‌سين جو وري اوهان جي اٿڻ جو سوال ئي
نہ اٿندو.

—

○

ڇا مان ڏنوٽيءَ کي وڏيڪ نہ ڦوڪيان
۽ اڱر وسائي ڇڏيان ؟

مون ڪافي رُڪ پڏرو ڪيو آهي ،
ڇا مان ڏنوٽيءَ کي وڏيڪ نہ ڦوڪيان ؟

ڇا مان ٿڪجي پيو آهيان ؟
ائين تہ نہ آهي جيتوڻيڪ منهنجا
ڏورا ڏکي رهيا آهن .

ڇا مان ڏنوٽيءَ کي ان ڪري وڌيڪ نہ ڦوڪيان
ڇو تہ سج لهي رهيو آهي ۽ سج لٿي مهل
سيني لوهارن جي اکين ۾ اڱر وسامي ويندا آهن !

ڇا مون جيڪو رُڪ پڏرو ڪيو آهي
آن کي ڪا ئي ڪپ پيار سان ہڪ وجهندي ؟

اڃا تہ ڏنوٽي ڏنوي رهي آهي ۽ اڱر ٻري رهيا آهن
پر مان ڇا ڪيان ، مان لهندي سج کي روڪي تہ
نہ ٿو سگهان !

—

O

منهنجي شاعريءَ اُنهيءَ ڪنوار وانگر هئي جنهن کي بيوه ٿيڻ اڳواٽ ئي پيشانيءَ تي لکيل هو.

O

مان منصور نه آهيان ۽ نه وري مان اناالحق جو نعرو هڻان ٿو. ان هوندي به منهنجا پير ڦاسيءَ گهاٽ وٽ ٿڙن ٿا ۽ مان ڦاسيءَ جي رسيءَ ڏانهن سُرڪندو اچي وڃان ٿو. ڇا تون چئي سگهندين ته مان ڪهڙي وحدت الوجود جي دعويٰ ڪيان ٿو؟

O

مون کي هزارن ڪتابن جي مطالع مان آها خوشي حاصل نه ٿي جا هڪ ٻيڙي هاريءَ جي گهنج گهنج منهن تي ڦهليل مُرڪ ڏسي ملي.

—

○

ٺيڪ آهي، وڃي اختر پيا جون ڳالهيون ڪٿر،
لکنئوءَ جي تهذيب جا گيت ڳاءِ ۽
لالوکيت ۾ پلاٽ هٿ ڪر.

○

اي اردوءَ جا شاعرِ انقلاب!
ڇا اڄ به توکي ڪفن ۽ ڪافور جي
بوءِ اچي ٿي يا تنهنجون ناسون
ٻنجي ويون آهن؟

○

هي صاحب نظريئه پاڪستان ۽
پنڊت برج موهن دتاتريه ڪيفيءَ
جون ڳالهيون ڪري رهيو هو جو
اردوءَ ۾ شاعري ڪندو هو.

—

○

جي اُنهن جي ٻچ مان آفيم نه ٺهي ها ته هي
ڳاڙها گل ڪهڙا نه پيارا هيا !

○

هاء ڙي سياست ! ڇا ڪيان ،
گرو نانڪ کان گڏهم تائين ،
هر ڪنهن سان نيائڻو ٿو پري .

○

هر غم کي ’غمِ جانان‘ بڻائڻ سان جي
آلامِ روزگار آسان ٿي وڃن ها ته
اصغر گونڊويءَ کي عينڪ جا شيشا
وڪڻڻا نه پون ها ـ *

---

* آلامِ روزگار کو آسان بنا دیا
جو غم ہوا اُسے غم جاناں بنا دیا
( اصغر گونڈوي )

—

○

ڏُٺ ۾ ڪيري، آسمان ۾ ستارن جي سونهن
ڏانهن ڏيان ڏيڻ اياڻپ آهي.

○

جن خيالن جون جڙون ڌرتيءَ ۾ نه هونديون آهن
آهي انهيءَ وڻ ويڙهيءَ وانگر هوندا آهن جا سائي
وڻ کي سُڪائي ڇڏيندي آهي.

○

ڇتي ڪُتي جي گگ ڏسي ته، عرفي به ڏنو هوندو
ته هن کي رزق کان [illegible] نزديڪ پنهنجي جان جو خطرو
[illegible] نه هوندو — *

---

* عرفي تو مه انديش زغوغائے رقيبان
آواز سگان کم نه کند رزقِ گدا را

—

○

هيءَ ڪائي چوري نہ آهي جي مان هيٺين ايراني ٽوڻڪي ڪي حالتن پٽاندر پيش ڪيان —

اسان ٻئي سنڌوءَ ۾ هڪ ٻيڙيءَ ۾ وڃي رهيا هياسين
جڏهن ٻيڙي پٽڻ ڇڏي هلي، تڏهن هن پڇيو،
”ڇا توکي آردو ايندي اهي؟“

مون چيو تہ ”نہ.“

ان تي هن چيو، ”پوءِ تہ تنهنجي اڌ زندگي اجائي وئي.“

جڏهن ٻيڙي وچ سير ۾ لڏڻ لڳي، تڏهن مون هن کان پڇيو، ”ترڻ جاڻين؟“

هن چيو تہ ”نہ.“

ان تي مون چيو، ”پوءِ تہ تنهنجي سڄي زندگي اجائي وئي ڇو تہ ٻيڙي هاڻي ٻڏڻ واري آهي.“

—

○

هان، وٽ هي فيٺا غورث ڪان غزاليءَ تائين ڪتاب !
مون کي ڏي اها ڪوڏر ته مان ڏرتي کوٽي ان تي
ڪٽڪ پوکيان، جا هر فلسفي جي ماءُ هوندي آهي
۽ جنهن ڪان سواءِ هر فلسفو ناليءَ ۾ آڇليل حرامي
ٻار وانگر لڳندو آهي.

○

اي جيل جي اڱڻ ۾ پوکيل انب جا وڻ !
توکي ڪهڙي ڏوهه ۾ جيل ۾ رکيو ويو آهي؟
چا، تنهنجو اهو ڏوهه ته نه آهي ته تنهنجي
ٻُور تي ڪيئي ماکيءَ جون مکيون مڙي
ايندليون آهن ؟

—

○

اي خسرو ! جڏهن تون پاڻ کي هندي دوهي ۽
ڪُسرو لکين ٿو تڏهن ڪهڙو نہ پيارو لڳين ٿو !

○

هر باشعور شاعر پنهنجي دؤر جو ضمير هوندو آهي، آن
جي هر جرم جو اعتراف هوندو آهي ۽ آن لاءِ سزا بہ
تجويز ڪندو آهي.

○

آءُ تہ مان تہ کر. مينهن ڦڙين جون سالهائون پايان، تون
جسا انڌلٺ [illegible] ر مرهٽي آهين.

○

اي آمارو ! مون پڄائي آهي تنهنجي سُندري !
اڄ هوءَ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ مينڌي لائي ويٺي آهي، ۽
اڳي کان بہ وڌيڪ سُندر لڳي رهي آهي.

○

هي چارڻ مجمدار جو لاش آهي. مون اخبار ۾ هن جي موت جي خبر پڙهي آهي ۽ ڪاغذ جي ڪائيءَ تي هن جو لاش نظر اچي رهيو آهي.

مان هن ۾ دم عيسي ڦوڪيان ٿو ۽ هوڪائيءَ تي آيو ٿي بيهي ٿو. هن جي ڇاتيءَ تي ڪارا گلاب ٽڙيل پون ٿا ۽ انهن مان گهاٽو ڪارو رت وهڻ لڳي ٿو. هو مٺ پيڪوڙي ٻانهن مٿي ڪري چوي ٿو:-

”مان تاريخ ۾ امر آهيان. تاج محل امر نه آهي، آنڪي ڍاهي ڇڏيو، آن جي ٻڙر پٿر کي شاهه جهان جي هڏن وانگر پکيڙي ڇڏيو. ڍاهي ڇڏيو اهي مها مايا جي پٿ جون مورتيون، پوري ڇڏيو اهي اجنتا ۽ ايلورا جون گڦائون ! اهي امر نه آهن، آءٌ امر آهيان، آءٌ هارين جي هڏن ۾ امر آهيان، نڪسل باڙيءَ جي ڪسائن جي دلين ۾ ڌڙڪي رهيو آهيان.

”ڍاهي ڇڏيو اهي مندر، اهي ڪتب خانا، اهي عجائب گهر !
”ڪوڙيون آهن اهي ڪوتائون، اهي چتر، ويا ڪياڻ !
”بڪواس، نِجي بڪواس اهي شنڪر آچاريه ، اهي رامانج، اهي رامانند، اهي رام ڪرشن پرمهنس !
” ڦاڙي، پکيڙي ڇڏيو اهي پنا، لکڻيءَ جو ناهه آهي اوهان جو اتهاس!
” امر آواز ؟ امر آواز آهن
گولين جا گرڙاٽ، ٽنڪن جا ٽڙڪاٽ، بم ۽ بارود جا پڙڪاٽ .
”بچي ڇڏيو اها روي شنڪر جي ستار ! ان مان چيا ورندو ، اها تم مرجوازيءَ جو هٿيار آهي.

” امر آواز ته اها رڙ آهي جا گوليءَ لڳڻ سان ڪنهن انقلابيءَ جي منهن مان نڪري ٿي. سنگيت ؟ سنگيت ڪي ڪير ٿو ٻڌي ؟ سنگيت تي اهو ڪهڙو ڪن ڏيندو جنهن ڪي ڪُک ۾ سنگين ڪتل هجي يا ڇاتيءَ ۾ گولي لڳل هجي ! “

مان هن ڪي وري ڪاغذ جي ڪائيءَ تي ليٽائي ٿو ڇڏيان ۽ پوءِ سوچان ٿو ته جن هن ڪي گولي هنئين، آهي حق تي هُيا يا نه !

○

ڇا هن ڏنڊ ۾ منهنجي سنک جو آواز سچ وانگر اُڀري سگهي ٿو ؟
پنڌ ڪيڏو نه پري آهي ۽ ڪهڙي نه تکي لُري لڳي رهي آهي ؟
ڇا منهنجا گيت اُهو تاءُ پيدا ڪري سگهن ٿا جو وک ۾ تک پيدا ڪندو آهي ؟

اي انسانذات ! مان اڄا تائين تنهنجو قرضي آهيان، تنهنجو مُور ته پري رهيو، سون اڃا تائين تنهنجو وياج به نه چُڪايو آهي.

—

○

هو ڪاري در وٽ ڪنهن پان پيڙيءَ جي پڙيءَ وٽ بيٺي رهيو ۽ پان فروش کي اردوءَ ۾ چيائين، ”پان ۾ تماڪو زيادهه وجهجانءِ.“ هن ڪان اڳ آيل گراهڪ هن کي غصي سان گهوري ڏٺو ۽ پوءِ پان فروش کان سگريٽن جو پئڪيٽ وٺي ويندو رهيو.

هن کي چوڙي دار پاجامو، شيرواني ۽ رام پوري ٽوپي پئي ڏٺي جنهن مان هن جا جگر مرادآبادي ڪٽ اچا لوٺا لڙڪي رهيا ها ۽ هن کي مولانا آزاد جهڙي ٻچي ڏاڙهي هئي.

هن کان اڳ آيل گراهڪ کي بش ڪوٽ ۽ پئنٽ پئي هئي ۽ هن جا ڪارا لنبا وار ڪنهن آميريڪي هپيءَ جي وارن وانگر ٿي لڳا ۽ هن جون مڇون ڪنفيوشس وانگر هن جي چپن کان هيٺ لڙڪي رهيون هيون ڄڻ هن جي منهن جي پٽ تي ٻه ڪرڙيون پڇ هيٺ لٽڪائي هڪ ٻئي کي گهوري رهيون هيون.

هن سوچيو ته ستر ورهين واري نسل ۽ ستاويهن ورهين واري نسل ۾ ڪيڏو نه فرق آهي!

پوءِ هن گلوري نفاست سان وات ۾ رکي رکي چباڙي ۽ ٿورو پنڌ ڪيائين ته تماڪوءَ هن جي دماغ تي پنهنجو اثر پيدا ڪيو.

هن کي دنيا جي بي ثباتيءَ تي مير درد جو ڪوئي شعر ياد آيو ۽ پوءِ هن کي ياد آيا مرغ باز، بٽير باز، نوابن جا مصاحب، قديم طرز جا داستان گو، رڪاب دار، گهگهيءَ نڙيءَ وارا گوئيا ۽ ناچو—

۽ هن کي ياد آيا شيرمال جا زعفراني ٽڪرا، دم ڏنل مڇي پلاءُ ۽ ڪشميري چاءِ—

۽ هن کي ياد آيا گنگا جمني برتڻ—

۽ هن کي ياد آيا گاڙها، ساوا، گلابي، نيرا زعفراني ڏوپ چانهه وارا رنگبرنگي جوڙا—

۽ هن کي ياد آيو هڪ دوپٽو جنهن تي ڪترن ٽانڪيل هئي ۽ هڪ ٻارنهن ڪليءَ جو پاجامو جنهن تي بانڪڙي لڳل هئي ۽ جنهن ۾ ريشمي ازار بند هيو.

هن پاڻ کي وڏيڪ زور سان ڇپاڙيو ۽ هن کي ياد آيو اهو نقش جو هن جي ماءُ کي ڪنهن سهيليءَ سفيد مرغ جي خون سان ڪڍي ڏنو هيو، جنهن سان سڀ بلائون پڇي ويندڙيون آهن—

هن جي وات ۾ جڙتو ڏند پاڻ ڇپاڙي چُڪا ها ۽ هن پڪ جي پوئين گيت ڏئي وستيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ اوچتو سوچيو...

هن ڪان مير درد جي شعر جو پهريون مصرع وسري ويون ۽ هن تڏو ساهه پري پيو مصرع دهرايو—

کس طرف سے آئے تھے کیدھر چلے

اوچتو هن ڪي دل جو دؤر پيو، هن هڪ دل ڏاريندڙ رڙ ڪئي ۽ رستي تي ڪري پيو ۽ هڪ ٽئڪسي جنهن ۾ چار مسافر سوار هئا، هن کي چيپائيندي، زوم سان اڳتي نڪري وئي.

○

ڇا هو ٿيون آهي ۽ تون ۽ مان به آهيون ؟
يا تون ۽ مان آهيون ئي ڪونه ۽ رڳو هو آهي ؟
يا هو آهي ئي ڪونه ۽ رڳو تون ۽ مان آهيون ؟
ڇا ماڻهوءَ جي سوچ انهن ٽن سوالن کان ٻاهر نڪري سگهي آهي ؟
ائين نه ناهي ته نه هو آهي، نه تون آهين، نه مان آهيان، رڳو ' ڪجهه به نه آهي.

—

○

اي دونهين جي وارن واري اکني، اي منهنجي ڪوتا !
ڇا اڄ تائين ڪنهن تنهنجي مُنهن تان ڇپون هٽائي
توکي ڏٺو آهي ؟

○

هر ظاهري طرح مثل لفظ ۾ دمِ عيسي ڦوڪڻ ڏاڍو
ڏکيو ڪم آهي پر ان ڪان سواءِ شاعري پيغمبري نه
ٿي سگهندي آهي.

○

هر لفظ کي هڪ روح هوندو آهي جو صدين جي
مسلسل ارتقا مان گذرندو آهي.

○

عوامي زبان جو ڪوبه لفظ ثقيل نه هوندو آهي.

—

○

ڇا اسان ياجوج ۽ ماجوج وانگر ديوار کي ورهين لاءِ
چٽيندا رهنداسين ۽ جڏهن آها ڪِري پوندي، اسان کي
دجال جي صورت نظر ايندي ؟

○

اي سنڌ ! تون ماءُ آهين
مان تنهنجيءَ ڌرتيءَ مان شاعريءَ جو مواد
اُئين حاصل ڪندو آهيان،
جيئن ٻر جي ڳاڙهيءَ ڳاڻ جي اوهن مان ان جو ٻچڙو
کير پيئندو آهي.

○

رگ ويد ۾ لکيل آهي ته ” اي سنڌو !
ورڻ ديوتا تنهنجي وهڪري لاءِ ڪيئي رستا ٺاهيا آهن.“
۽ ها، آنهن مان هڪ رستو منهنجي شاعري به آهي.

—

O

اوڇتو پوڙهو هاٿي ڏرتيءَ تي ڪِري پيو،
چيڙي ئي نہ هنيائين ۽ مري ويو.
دارا شڪوهہ سرمد ڏانهن ڏک مان ڏٺو.
سرمد دارا کي چيو، ”ڇا هن تي رحم ٿو اچيئي؟“
دارا ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ سرمد چيو، ”پر رحم
ڇا لاءِ، جڏهن هر جاندار جي ابتدا ئي اها آهي!“

O

سن ستونجاههہ جو غدار جياجي راءِ سنڌيا ۽ آن جو
هيرو نانا صاحب، ٻئي موت جي ٻڪ ۾ هليا ويا ۽
تاريخ ۾ ڪٿي بہ لکيل نہ آهي تہ آنهن جي رک ڪٿي
اڇلي وئي هئي. ازل کان ابد تائين، وقت جي اڪٽ
سلسلي تي سوچبو تہ ان ڳالهہ ڪري ڪوئي فرق
نہ پوندو تہ هڪ کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو هو
۽ ٻيو پنهنجيءَ ڪٽيءَ مئو هو. پر ڇا ان ڪري فرق
پوي ٿو تہ ڪير ڇا لاءِ مئو هو؟

—

○

اي آزادي! تو ڏانهن ڪوئي شاهي رستو نه ٿو وڃي
فقط سوڙها پيچرا وڃن ٿا –
۽ منهنجي ڏيهه ۾ سيئي شاهي رستي تي وهي
رهيا آهن ،
۽ مان سوڙهي پيچري ۾ مُنجهي موڙي رهيو آهيان ،
ڇو ته مون کي ڪوئي سونهون به نه آهي، ساٿي
به نه آهي .
اي آزادي ! مان پوءِ به شاهي رستي کان گهبرايان
ٿو، ڇو ته اهو توڏانهن نه ٿو وڃي.

○

هر عشق دماغ جو خلل نه هوندو آهي ۽ نه دماغ جو
هر خلل عشق هوندو آهي.

---

* کهتے هيں جس کو عشق خلل هے دماغ کا
(غالب)

—

○

نثر جان جو دشمن هوندو آهي، مون جڏهن ٻه
نثر ۾ لکيو آهي، ان مون کي حملہ آورن جي
وچ ۾ ڌڪيو آهي. نظم مون کي دوستن جي
حلقي وانگر پنهنجي گهيري ۾ پناهہ ڏني آهي ۽
ڪنهن حد تائين هر مهلڪ وار کان محفوظ
رکيو آهي.

○

تون تہ چوين ٿو تہ مارڪس جي پيدائش کان
گهڻو وقت اڳ شاهہ ولي‌الله مارڪسزم جو
فلسفو پيش ڪري چڪو هو.
جي اجازت ڏين تہ انهيءَ ڏس ۾ مان زيب‌النسا
مخفي جي نالي جو اضافو ڪيان ڇو تہ هن
چيو هو—

سرخ پوشي بہ لب بام نظر مي آيد

—

دروڻا چاريہ يڌشٽر کي سڏي پڇيو، ”راجڪمار! تون هن وڻ تي ويٺل ڳجهہ ڏسين ٿو؟“

يڌشٽر ورائيو، ”هائو مان ڳجهہ ڏسان ٿو.“

دروڻا چاريہ وري هن کان پڇيو، ”راجڪمار! تون هن وڻ کي، مون کي ۽ سڀني راجڪمارن کي ڏسين ٿو“؟

يڌشٽر ورائيو، ”گرو ديو! مان هن وڻ کي، توهان کي ۽ راجڪمارن کي ڏسان ٿو.“

يڌشٽر جو جواب ٻڌي آچاريہ خوش نہ ٿيو ۽ هن يڌشٽر کي چيو، ”تون پاسيرو ٿي بيھہ، تون هي نشان چٽي نہ سگھندين.“

تنهن کان پوءِ دروڻا چاريہ دريوڌن، ڀيم سين ۽ ٻين راجڪمارن کان بہ ساڳيا سوال پڇيا ۽ انهن بہ يڌشٽر جهڙائي جواب ڏنا. آچاريہ انهن سڀني کي يڌشٽر وانگر ريٺي ڇڏيو.

آخر آچاريہ ارجن کان ساڳيو سوال پڇيو، پر ارجن رڳو

نشان ڪي چٽائي ڏسي رهيو هو ۽ هُن سوال نه پڇو. آچاريه سوال دهرايو ته ارجن چيو، ”گرو ديو! مون کي ته رڳو ڳجهه جي مُنڍي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.“

ان تي دروڻا چاريه ارجن جي پٺي ٺپي چيو، ”ارجن! فقط تون ئي نشان چٽي سگهندين.“

اڄ مان مها ڀارت ۾ مٿين ڪهاڻي پڙهي سوچي رهيو آهيان ته مون ڪيتري عمر ڳجهه جي منڍيءَ تي تير چٽيندي گذاري آهي! افسوس، مون ڪيتري دير ڪان پوءِ وڻ ڏانهن ڏٺو آهي – اُن ۾ ساوا پن به آهن، اڇا گل به آهن ۽ پکيئڙا اُن جي ٽارين تي ڳُٽ ڳُٽ ڪري رهيا آهن،

۽ مان سوچي رهيو آهيان ته ڇا ارجن اياڻو هو، جنهن سارو ڌيان رڳو ڳجهه جي مُنڍيءَ تي کپايو هو!

○

شب ِ برات آهي،
آسمان ۾ ستارا ٽمڪي رهيا آهن
۽ ڌرتيءَ تي مشعلون ٻري رهيون آهن؛
۽ منهنجي دل آنهيءَ انڌڙي ٻار وانگر ڇڙيون هڻي رهي آهي
جو ٻڌائي به نه سگهندو آهي ته هن کي ڇا گهرجي،
هو ڇا تي رُنو آهي،
۽ هن جي رُسامي جو ڪوئي ڪارڻ به آهي يا نه!

—

ڪوي سورداس چنتا مڻيءَ جي ڪوٺي ڏانهن وڃي رهيو هو ته هڪ برهم چاريءَ هن کي دڳ تي روڪي چيو، ”استري ڪوريئڙي جو ڄار آهي، تڙ تي ترڪڻ آهي؛ پاپ جو گهڙو آهي، مکر ۽ ماڻي جي وڻ ويڙهي آهي، امرت روپي وهه آهي، اهو ٻنڌن آهي جو پرش کي ڏرتيءَ سان ٻڌي ڇڏي ٿو، نرڳ جو دوار آهي.“

سورداس هن کي مرڪي چيو، ”مهاشيه! تون ڀلل آهين. استري گنگا جل جي ڌارا آهي، پيار جي رم جهم آهي، شرم ٻوٽي آهي، ڪنول ديپ آهي، ماتا جو کير ڪٽورو آهي، سرڳ جو دوار آهي، اهو آدي ۽ انادي سڌ آهي جنهن تي ڪن لاٿار پرش جو وڏي ۾ وڏو پاپ آهي.“

اڄ سورداس اکين ۾ سوئا ٽنبي سوچي رهيو آهي ته هو سچو هيو يا برهم چاري.

—

○

ڇا سان ويريءَ تي هڪ ڀرپور وار ڪيان ۽ ماريو وجهان؟
جي سان وار ڪندس ته منهنجو موت اوس آهي.

سان اهو به ڄاڻان ٿو ته جي وار نه ڪندس تڏهن به موت اوس اچڻو آهي، پر ان ۾ مون کي ايتري وڻي ملي ويندي ته تنهنجين ڪراين ۽ تنهنجي ڇوٽي لاءِ گجرا پوئي سگهان.

ڇا جي سان وار ڪري ماريو ويس ته تون مون تي ان ڪري ڪاوڙ ڪندينءَ ته مون تنهنجين ڪراين ۽ ڇوٽي لاءِ گجرا نه پوتا ۽ ائين رمندو رهيس ؟

يا جي مون کي وٿي ملي وئي ۽ مون تو کي گجرا پوئي آڇيا ته تون پنهنجون ڪرايون پٺ تي هٽائي وٺندينءَ ۽ مون کي ڪاوڙ سان گهوري مُنهن ڦيري ڇڏيندينءَ ؟

موت ته اوس اچڻو آهي پر سان سوچان ٿو ته هن ويري هڪ ڀرپور وار ڪيان يا نه ڪيان !

—

○

مون وٽ ڏاڙهون ڇڳا آهن، انهن جي ڳوراڻ ڪي هٿن ۾ توريو آهي،
آنهن جي ڳاڙهاڻ ڪي اکين سان ماڻيو آهي.
مون وڻيءَ مان وهه پيتو آهي، ڳيت جي ڳُٽ ڳُٽ اها تائين
منهنجيءَ ٽڙيءَ ۾ گونجي رهي آهي ۽ ان جي تيک منهنجي تارونءَ
۾ ٽڙڪي رهي آهي.
منهنجي ٽڙ ڏاڏي جو ري موڪل ڪٽڪ جو داڻو ڪاڏو هو،
آن مان ڦهيل رت منهنجين شريانين ۾ شور مچائي رهيو آهي،
۽ بهشت مان ٽڙيل منهنجي ٽڙ ڏاڏيءَ جي ڪائي ٽـڙ پوڻي
جڏهن منهنجن وارن تي پيار مان هٿ ڦيري ٿي، تڏهن منهنجي
سينڌ هن جي آڱرين کي ڪاريهر وانگر ڪکي ٿي ۽ ان جو
وهڻ هُن جي هانوَ کي مهڻا ڏئي ٿو.
هائو، مون سُندر نارين سان پيار ڪيو آهي، آنهن جي ڳلن
تي ڳهر ڳرندي ڏٺا آهن، آنهن جي اکين ۾ مشعلون ٻرندي
ڏٺيون آهن.
مون ڏٺو آهي سرير جو آپارُ، آڌارَ، ڇڙيون ۽ ڇـهڻ
ٿي پوڻ.
مون ڏٺو آهي مايا جو سڀ کان سندر روپ،
پر ڇا اهو روپ آها ڪلڌ پرڻ لاءِ ڪافي آهي
جا ماڻهوءَ جي من ۾ آهي، جنهنجو پڙلاءُ منهنجي هر بيت
۾ آهي، هر ٻوليءَ ۾ آهي!

—

○

مون پنهنجو فانوس ٻاري، دروازو اندران بند ڪري ڇڏيو آهي،
۽ ڪو ئي جواب ڏين نہ ٿو چاهيان؛
۽ تون ٻاهران ٺڪ ٺڪ ڪري رهيو آهين،
۽ اندر اچڻ ٿو چاهين؛
ٻاهر طوفان وڻ ٻاڙون ڀڃي رهيو آهي،
۽ گهرن جون ڪليل ڪوڙڪيون، گهر وارن جي بيمار دلين وانگر
دڪ دڪ ڪري رهيون آهن،
۽ تون ٻاهران ٺڪ ٺڪ ڪري رهيو آهين
۽ اندر اچڻ ٿو چاهين؛
ڇا مان هڪ اوپري اجنبيءَ کي ٻاهر ولهہ ۾ ڇڏي ڏيان؟
يا مان هن لاءِ دروازو کوليان تہ هن سان گڏ طوفان بہ
اندر هليو اچي ۽ منهنجو ٻاريل ڦانوس وسامي وڃي!

—

○

شايد هي ڪجيءَ جا وڻ سڀ ڪسان اڳ ۾ ڄاڻن ٿا ته تون اچي رهيو آهين؛

ڪئن نہ انهن جون ڇڙيون تلوارن وانگر چمڪي رهيون آهن ۽ هوا ۾ لڏي پنهنجيءَ آڻ تڻ ۽ آنڌ مانڌ جو ڏيکاءُ ڪري رهيون آهن،

۽ انهن جون جڙون پاتار تائين اهو نياپو پهچائي رهيون آهن ته تون اچي رهيو آهين،

۽ ڌرتيءَ ۾ ڇپيل ساهوارا انهي انتظار ۾ آهن ته تنهنجي آڌر ڀاوَ جي گهڙي ڪهڙيءَ مهل ايندي!

۽ آڪ مڪڙ واءُ ۾ گهم گهولي رهيا آهن ڇو ته تون ساوڻ جي مينهن وانگر ايندو آهين؛

۽ ڏيڏا سڀ ۾ اچي ويا آهن ڇو ته جڏهن تون ايندو آهين تڏهن سنگيت جا سوين جهرڻا ڦٽي پوندا آهن؛

۽ ڪانا ڪانئن جا ٽڙ ڇڏي، ڪڏڪيون ڏئي رهيا آهن؛

ڇا هُو ڪائي .مرليءَ جي تان ٻڌن ٿا جنهن ڪي ماٺهوءَ جو من ڳولي نه ٿو سگهي ؟

مان چاهيان ٿو ته مان تنهنجي بنسري ٿيان،
۽ ان ڪري مان پنهنجي ڇاتيءَ ۾ سل ڪيدي رهيو آهيان.
ذرتيءَ جون اکيون ٻوٽيل در تي آهن ۽ ڪنهن ڪنوار وانگر سيج تي ڪنبي رهي آهي؛

۽ تون ايندين، ڪنهن آهٽ کان سواءِ، ۽ دليون مشڪ جي دٻلين وانگر کُلي پونديون ؛

۽ تون ايندين، ڪنهن آهٽ کان سواءِ، ۽ دليون ڪلين جي مُنهن وانگر کُلي پونديون؛

۽ تون ايندين، ڪنهن آهٽ کان سواءِ، ۽ دليون گلاب جي مکڙين وانگر ٽٽي پونديون ۽ پنهنجا ڇيڙا مٽي ڪري سج جي ڪومل ڪرڻن کي آڇينديون؛
مون توکي ڳجگوڙن ۾ ڳوليو ؛
مون توکي پونچالن ۾ ڳوليو ،

پر پوءِ مون کي پتو پيو ته تون آهٽ کان سواءِ ايندو آهين؛
مان، جو تنهنجي بنسري آهيان،

جنهن پنهنجي ڇاتي چلي، آن ۾ تو لام سل ڪيا آهن،
تنهنجي انتظار ۾ آهيان،
ڪيتري وقت کان تنهنجي انتظار ۾ آهيان .

—

○

اي ڪويل ! ايترو ڪوڪ جو تنهنجو هانءُ ڦاٽي پوي ۽ تون پنهنجي رت ڳاڙيندڙ ڇهنب لاڙي چُپ ٿي وڃين.

اي ڪويل ! رات جي سناٽي ۾ چُپ چڱي نه ٿيندي آهي.

چُپ جو فائدو وٺي ڇپرا لوندا آهن ۽ مردا مقامن مان نڪري ايندا آهن؛

چُپ جو فائدو وٺي چور ڪاٺ هڻندا آهن ۽ پيا گهيا پينگ ٿبي ويندا آهن؛

چُپ موت جي ننڍي ڀيڻ آهي، موت جو ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي؛

چُپ تي هر وار جيئڻ جي جيت آهي، سچائيءَ جي جيت آهي.

اي ڪويل ڪوڪ، اچا وڌيڪ ڪوڪ! پرواهه نه ڪر جي تنهنجو هانءُ ڦاٽي پوي .

سستي جيئڻ جي پاڇاريءَ مان ڪنڌ ڪڍائي نه ٿو سگهين ؟
ڍور وانگر جي رهيو آهين !

غلام وانگر جي رهيو آهين !

مهانگي موت کان گهبرائين ٿو؟ جند جان گهورڻ نه ٿو چاهين؟

١ رتر جي چوڻيءَ تان ڪڏهن لهندڙ سج کي گهوري رهيو آهي؛

مور ڪارونڀهر جي ڪور تي ڏيئي وانگر ٻري رهيو آهي؛
هنج ڪينجهر جي لهرين تي لڏي رهيو آهي؛
اهي سڀ ته مرنا آهن پر انهن مان ڪوبه غلام نه آهي،
۽ تون ڍور وانگر جي رهيو آهين
سستي جيئڻ جي پاڇاريءَ مان ڪنڌ نه ٿو ڪڍي سگهين؟

○

اي منهنجي ذات!
ڇا اڄ ڪلهه تون ڪنهن پٿرائينءَ مورتيءَ جي ڪرپ وانگر
ٿي چڪي آهين؟
ڇا هاڻي تون ڪوئي پيارو گيت پيدا ڪري نه ٿي سگهين؟

○

اي آدم!
جنهن ڪڻڪ جي داڻي لاءِ تون بهشت مان نڪتو هئين،
اهو مون ۾ ڦٽي، سنگ ٿي جهولي رهيو آهي.

—

O

مان ٻول جي سکهہ ڇاڻان ٿو —

مان ڇاڻان ٿو تہ ٻول رُڪ جي نرن سان رڻ جي گهمسان ۾ وڏندا آهن ۽ آنهن جا پير ڪڏهن بہ پٺون نہ ٿيندا آهن —

مان ڇاڻان ٿو تہ ٻول امر ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪوئي انهن کي چکيا تي چاڙهيندو آهي تہ آهي ڇپن جا ڀر پکيڙي اڏامندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪوئي آنهن کي دفنائڻ چاهيندو آهي تہ آهي ڪفن ڦاڙي نڪري ايندا آهن —

مان ڇاڻان ٿو تہ ٻولن تي جڏهن پنجوڙ وڏا ويندا آهن، تڏهن آهي وڏيڪ گرجندا آهن ۽ آنهن جو پڙلاءُ صدين جي سيني ۾ گونجندو رهندو آهي —

منهنجو آنهن ٻولن سان واسطو نہ آهي جي ديوداسين جي پيرن ۾ پکڙيل پنکڙين وانگر هوندا آهن؛ مان تہ آهي ٻول ڇاڻان جي ديوتائن جي مستڪن تي سورج مکين وانگر ٻرندا آهن —

مون کان وڌيڪ ٻول جي سکهہ ٻيو ڪير ڇاڻي ؟

مون وٽ آهي ٻول نہ آهن جي چاهن وانگر ڏڏڙ ۾ ڏوڪيندا ويندا آهن؛ مون پنهنجن ٻولن کي گرڙ پک جي پرن تي سوار ڪيو آهي جو هڪ ئي جهڙپ سان ڪيئي ارڙ آڊيڙي سگهندو آهي —

—

○

ٻهاڙن جي ڀُنيان منهنجو گهر آهي،
جون تا ته منهنجو ٻيءُ ماءُ مري چڪا آهن.
۽ مان، ڇورو ڇنو، سارو ڏينهن ريت ۾ رُليو آهيان؛

ٽاڪ منجهند جو جڏهن سج ٽامٽي هٽي ويو هو،
مان ٽتيءَ واريءَ تي پهاڙن ڏانهن پنڌ ڪندو رهيس،
ڇو ته پهاڙن جي ڀُٽيان منهنجو گهر آهي؛

هاڻي سج لهي ويو آهي ۽ پهاڙن جون چوٽيون ڪنهن پراهين
مندر جي سوني ڪلس وانگر چمڪي رهيون آهن،
۽ منهنجا گهايل پير ڏُکي رهيا آهن؛

پکي پکڻ آکيرن جي اوٽ هليا ويا آهن
مان به چاهيان ٿو ته پنهنجي گهر پُڄي وڃان
پر منهنجو گهر ته پهاڙن جي ڀُٽيان آهي،
۽ مان ٿڪجي پيو آهيان.

—

○

اڄ به منهنجو ترنم هڪ آغوش آهي، هڪ نعرو آهي، هڪ لهوءَ ۾ لويل زره آهي، هڪ وڄ کان تکي تلوار آهي.

اڄ به منهنجو ترنم هڪ ٻادل آهي، ڪهنڪهور ڪهٽا وانگر آيري رهيو آهي ۽ ڪنوٽين جنن ڪجي ٻٺ تي برسي رهيو آهي.

اڄ به منهنجو ترنم هڪ گيرو آهي، ان کي ڪاريون ڪجريون گهائيندڙ اکيون آهن، گذريل سال ان جي پيشانيءَ ۾ پيرا پيدا ڪري نه سگهيا آهن ۽ عمر ان جي ٻاڪر ۾ ٽڏاني آئي نه سگهي آهي.

اڄ به منهنجو ترنم عقاب وانگر آذري ٿو ۽ پهاڙ کان اوچو اڏري، هيٺ غوطو هڻي ٿو ۽ ڪين ۾ ماڻهوءَ جو من جهٽي ولي ٿو.

اي ڪيلاش تي رهندڙ ديوتائوا منهنجا گيت اوهان کان وڌيڪ امر آهن، ها، پر منهنجي سُر جو سُرگ ديوتائن لاءِ نه آهي، پر ڌر جي ٽورين ۽ واريءَ تي ويڙهيچائين لاءِ آهي.

—

○

پهاڙن جي پٺيان منهنجو گهر آهي،
جون تا ته منهنجو پيءُ ماءُ مري چڪا آهن.
۽ مان، ڇورو ڇنو، سارو ڏينهن ريت ۾ رُليو آهيان؛

ٿاڪ منجهند جو جڏهن سج ٿامٽي هٽي ويو هو،
مان تتيءَ واريءَ تي پهاڙن ڏانهن پنڌ ڪندو رهيس،
ڇو ته پهاڙن جي پٺيان منهنجو گهر آهي؛

هاڻي سج لهي ويو آهي ۽ پهاڙن جون چوٽيون ڪنهن پراهين
مندر جي سوني ڪلس وانگر چمڪي رهيون آهن،
۽ منهنجا گهايل پير ڏُکي رهيا آهن؛

پکي پکڻ آکيرن جي اوٽ هليا ويا آهن
مان به چاهيان ٿو ته پنهنجي گهر پُڄي وڃان
پر منهنجو گهر ته پهاڙن جي پٺيان آهي،
۽ مان ٿڪجي پيو آهيان.

—

○

اڄ بہ منهنجو ترنم هڪ آغوش آهي، هڪ نعرو آهي، هڪ لهوءَ ۾ لويل زرهہ آهي، هڪ وڄ ڪان تکي تلوار آهي.

اڄ بہ منهنجو ترنم هڪ ٻادل آهي، کهنگهور گهٽا وانگر اُڀري رهيو آهي ۽ ڪنوٽين جٽن ڪچي ٻٽ تي ٻرسي رهيو آهي.

اڄ بہ منهنجو ترنم هڪ گيرو آهي، ان ڪي ڪاريون ڪجريون گهائيندڙ اکيون آهن، گذريل سال ان جي پيشانيءَ ۾ ٻيرا پيدا ڪري نہ سگهيا آهن ۽ عمر ان جي ٻاڪر ۾ ڏڏائي آڻي نہ سگهي آهي.

اڄ بہ منهنجو ترنم عقاب وانگر آڏري ٿو ۽ پهاڙ ڪان اوچو اڏري، هيٺ غوطو هڻي ٿو ۽ ڪين ۾ ماڻهوءَ جو من جهٽي وٺي ٿو.

اي ڪيلاش تي رهندڙ ديوتائوا منهنجا گيت اوهان ڪان وڌيڪ امر آهن، ها، پر منهنجي سُر جو سُرگ ديوتائن لاءِ نہ آهي، پر ڌرتي جي ٿورين ۽ وارين تي ويڙهيچائين لاءِ آهي.

—

○

آسمان ۾ بادل
تماشي جي پيڙيءَ وانگر لڳي رهيو آهي؛
۽ مان سوچي رهيو آهيان
تہ نوري ڪهڙا پيرا منهنجيءَ زندگيءَ ۾ آئي هُئي
نئين نئڙت سان
نئين نانوَ سان
۽ مون سان سير ڪيو هيائين
بادل جي پيڙيءَ ۾ !

هاڻي سانجهي ٿي وئي آهي
آسمان ۾ بادل اوندهہ ۾ ٻڏي رهيو آهي،
۽ مان ياد ڪري رهيو آهيان
نوريءَ جا آهي نانوَ
جنهن مون سان سير ڪيو هو
بادل جي پيڙيءَ ۾.

—

پوهہ جي پوئين رات ڪهڙي نہ ٿڌي آهي!
ڏهر ۾ ڏيئا ٽم ٽم ڪري رهيا آهن،
ستارا انهن ٻوڙهين اکين وانگر لڳن ٿا
جن جا ڇپر ڇڻي پيا هجن،
۽ چنڊ هڪ لاوارث لاش جي کوپريءَ وانگر
لڳي رهيو آهي،

ٿڌ ۾ اسان کان گيت وسري ويا آهن
۽ اسان جا چپ ڪنبي رهيا آهن،
ها، اها پوهہ جي پوئين رات اڇٽي هئي!
اسان جا هٿ برف ٿي چڪا آهن،
هوا ۾ ولهہ وسي رهي آهي
۽ اسان کي ڪارونجهر جي ٻي پار وڃڻو آهي—
پار جو اسان لاءِ اجنبي آهي؛
مون کي پنهنجو هٿ هٿ ۾ ڏي
آف! هي پوهہ جي پوئين رات ڪهڙي نہ ٿڌي آهي!

—

○

مون شاعريءَ کي ترڪ ڪيو هو
پر اي ڏاتار !
تون منهنجا ڏوڏا پيچي، منهنجون مُٺيون کولين ٿو،
تون مون کي ايتري ذات ڏين ٿو،
جو اها مان ٻُڪ ۾ جهلي به نه ٿو سگهان!

○

منهنجين اکين ۾ گهوڙها ئي نه آهن .
ڇا اهي طوفانِ نوح ٿي سگهن ٿا ؟
ڇا انهن ۾ ايترو سيلاب اچي سگهي ٿو
جو هر رت ۾ لويل شهر ڏوبي وڃي ؟
ڇا منهنجي دل نوح جي ڪشتيءَ وانگر
هر آها شيءِ بچائي سگهي ٿي
جنهنجو بچاءُ ضروري آهي ؟

—

○

ڏينهن ڪيڏو نہ وائڙو آهي،
رات ڪيتري نہ ويسري آهي،
ٿڌي آهي،
اڪيلي آهي!

هاڻي سج ۽ چنڊ قنديل وانگر نہ ٿا ٻرن،
سج ۾ اهو تاءُ نہ آهي جو سورج مکي اُن لاءِ
ڇاتي ڪولي ڇڏي؛

چنڊ ۾ آها چمڪ نہ آهي جو چڪور اُن ڏانهن
تير وانگر اُڏامندو وڃي،
تارا ٽمڪن تہ ٿا

پر تڏهن ڪان مُرڪن نہ ٿا،

جڏهن ڪان مون ڇاتو آهي تہ عشق بہ مري
ويندو آهي.

—

○

قديم سنڌ جي راڻيءَ روماسا هڪ بُت تراش کي چيو،

”ڇا تون منهنجي مورتي ٺاهيندين ؟“

”مان ڀلي ڪنهن ماڻهوءَ جي مورتي نه ٺاهيندو آهيان“ بت تراش جواب ڏنو.

”ازي، ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين ؟ مون هاڻ توکي ڪيترن ئي ماڻهن جون مورتيون ٺاهيندي ڏٺو آهي!“ روماسا هن کي چڙهيندي چيو.

”مورتيون ته مان پنهنجون ٺاهيندو آهيان، البت صورتون ٻين ماڻهن جون هونديون آهن،“ بت تراش جواب ڏنو.

ـــ

○

پٽائيءَ رسالي مان منهن ڪڍيو ۽ مون کي چوڻ لڳو-

” ڏيج انهن کان جي توکي آزادي آڇن ٿا ،
اهي توکي ٻي غلاميءَ جي جار ۾ ڦاسائڻ چاهن ٿا.

” ڏيج انهن کان جي رڳو پنهنجيءَ ڳالهه کي ئي
سچو سمجهن ٿا ۽ ٻي جي هر ڳالهه کي ڪوڙو
سمجهن ٿا ۽ ان ڪوڙ سان مقابلي لاءِ گوليون
استعمال ڪن ٿا.

” ڏيج انهن کان جي توسان صدين جو سؤدو ڪرڻ
چاهن ٿا. صدين ڪيئي سچ پنهنجي ڏيرن ۾ ٻوري
ڇڏيا آهن ۽ اڄ انهن جي ٻڙڪ به ٻاهر نه ٿي
نڪري. “

هاڻي مان هڪ عقاب وانگر، ڌرتيءَ کان دور ڪو ڪولي نڪ
ڇڏي ويهي رهيو آهيان. اي خدا! مون کي سگهه ڏي ته
مان تير وانگر تنهنجي آسمان کي چيري وڃان ۽ پنهنجو مٿو
ڪنهن ستاري سان ٽڪرائي، سوين ٽڪرا ڪري وجهان!
مان ڌرتيءَ تي ڪُهت ڏئي، ساڳي شڪار تي جهڙپ ڏيڻ
نه ٿو چاهيان.

—

○

عقاب آ ڪيري ڏانهن موٽي رهيو آهي .
ڪيترو وقت ٿو اڏاميو آهي ڪيرٿر جي مٿان !
ڪيترو وقت هن جي پرن ڇپن تي ڇانو ڪئي آهي !
ڪيترو وقت هن ڏرتيءَ جي ٽاوَ لاءِ ڏڪار ڏيکاري آهي
۽ پرندڙ سج کي ڪاوڙ سان ڏٺو آهي !
ڪيترو وقت هن جهڙپ ڏئي ڏانگ پنهنجن چنبن سان
ڇيري ڦاڙي ڇڏيا آهن !

هن کي ايتري ساري وقت ۾ اهو ياد به نه هيو
ته هن جو ڪوئي آکيرو به آهي .

عقاب ٿڪبا ته نه آهن؛ عقاب پوڙها به نه ٿيندا آهن .

ها، اها اِها ڳالهه آهي ته سج لهي رهيو آهي
۽ عقاب آکيري ڏانهن موٽي رهيو آهي .

—

○

جي مري ويا آهن، اهي مون لاءِ معني نه ٿا رکن،
جي ماريا ويا آهن انهن مان به رڳو ڪي مون لاءِ
معني رکن ٿا .

هاڻي نه مارينڊڙ به مري چڪا آهن يا ماريا ويا آهن
۽ اهي به مون لاءِ معني نه ٿا رکن .

پر اهي جي ماريا ويا ها، انهن مان ڪي رات جو
اٿن ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي دؤر جا لباس پائي اچن ٿا .

انهن مان ڪن کي ڦاهي چاڙهيو ويو هو ،
ڪن جو سِر جلاد جي هڪ ڌڪ سان آڌامي ويو هو،
ڪي جنگ ۾ وڙهندي ماريا ويا ها.

اهي الڳ الڳ دور جا جدا جدا حالتن ۾ ماريا ويا ها.
انهن جا هڏا ته لڳ ڀڳ هڪ جهڙا آهن پر انهن جا
ويس وڳا جدا جدا آهن .

ان انهن مان ڪن جا نالا ڄاڻان ٿو پر ڪن جا نالا
... ڏٺيو پر شڪل به نه ٿو سڃاڻان . پر مون کي اهو
معلوم آهي ته اهي به ڪٿي ماريا ويا هـا، باقي اها

جاڻ ڪنهن کي به نه آهي ته انهن جا هڏا ڪٿي پوريل آهن.

ڪن کي غسل ڏنو ويو هو ۽ ڪن جو ماس رڻ جي تتيءَ ريتيءَ تي رجهي ڳري ويو هو ۽ انهن جو خون ڳجهن جي ڳاڙهين چهنبن مان نمي ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي ويو هو ۽ ڪن جا لاش برف ۾ ڄمي ويا ها ۽ سچ آيرڻ سان برف آنهن جي اکين مان ڳوڙها ٿي ٽپڪي هئي.

هو سڀ ماريا ويا هاـ ڪيسونهن لاءِ، ڪي سچ لاءِ ۽ ڪي نياوَ لاءِ.

هو رات جو ميڙو ڪري آئن ٿا ۽ ڇپرن وانگر چيخون ڪري منهنجي ننڊ ڦٽائن ٿا.

هو بار بار مون کان پڇن ٿا، ”اسان جيڪا سونهن ڏني هئي، آها ڪٿي آهي؟ اسان جيڪو سچ ڏنو هو، آهو ڪٿي آهي؟ اسان جنهن نياوَ لاءِ ماريا ويا هياسين، آهو ڪٿي آهي ؟“

مان هنن کي ڀڏي سگهان ٿو پر هو مون کي ڀڏي نه ٿا سگهن. مان رڙ ڪري هنن کي چوان ٿو، ” توهان ڪالهوڪي سونهن ڏني هئي، ڪالهوڪو سچ ڏنو هو، ڪالهوڪي نياوَ لاءِ ماريا ويا هئا. آها سونهن، آهو سچ، آهو نياءُ اوهان کان پوءِ اوهان وانگر مري چڪو آهي. اوهان آنهن کي مون وٽ ڪيئن ٿا ڳوليو، مان ته جيئرو آهيان ! “

پر مُئا گونگا نه هوندا آهن، ٻوڙا هوندا آهن .
هو مون کي ٻُڌي نه ٿا سگهن ۽ وري وري
پڇن ٿا ،

"اسان جيڪا سونهن ڏٺي هئي، آها ڪٿي آهي؟
اسان جيڪو سچ ڏٺو هو ، آهو ڪٿي آهي ؟
اسان جنهن نياءَ لاءِ ماريا ويا هياسين ،
آهو ڪٿي آهي ؟"

○

هو ، جو باقي آهي
او چتو اچي دروازو کڙڪائي ٿو ،
هائو ، هو موت وانگر اوچتو اچي ٿو ؛
اسان، جي فاني آهيون
تن کي هن جي استقبال لاءِ
سڄي عمر تيار رهڻو آهي ؛
ڪنهن کي انهيءَ پل پهر جو پتو نه آهي
ته هو ڪڏهن ٿو اچي ،
اوچتيءَ ٺڪ ٺڪ جو انتظار ڪر ،
ائين نه ٿئي ته مهمان موٽي وڃي !

—

○

مان جي سرمد هجان ها ته قطب مينار جي چوٽيءَ تي چڙهي،
نقارو وڄائي چوان ها،

” جاڳو، اي ننڊ ۾ الوٺ انسانو جاڳو!
پنهنجين حويلين ۾ حجرن مان هو چوڏينهنءَ جو چنڊ ڏسو
جو ساڻوڻ جي گهٽائن ۾ ڇُپي ويو آهي!“

۽ جي ان ڪري اورنگزيب جي هٿان ماريو وڃان ها ته
مون کي افسوس نه ٿئي ها.

آ گهاڙپ اوچڻ ٿيندي آهي بي عيب انسانن جو،
ٻر رکو ٻن رباعين چوڻ لاءِ جلاد اڳيان سر
جهڪائڻ زندگيءَ جو کهڙو نه اجايو اڪلاءُ
آهي!

—

○

ڇا مان ٻاڻ ڪي ڪارونڀهر جي ڪورَ تان هيٺ آڇلائي،
پنهنجو هٿڏ ڳالڏ پيجي ڇڏيان ؟

ڇا مان هن اجائي جيئڻ جو انت آڻيان ؟
نه، مان ائين نه ڪندس.

مون کي معلوم آهي ته سياڻي تون اهو وساري ڇڏيندينءَ ته مون تنهنجي ڇڱن مان ڇيڙهم ڪڍيو هو، تنهنجي وارن ۾ تيل ڦليل ڪيو هو ۽ تنهنجي سر تي تاج رکيو هو؛

تون اهو وساري ڇڏيندينءَ ته مون پنهنجي روح ۾ محبت جا شعلا ٻاريا ها ۽ ڪاريءَ ٻاٽ ۾ منهنجون نهارون ڇٽنگن وانگر ڦهلجي ويون هيون.

مان ڇاڻان ٿو ته تون مون کي ائين ياد ڪندينءَ جيئن ڪوئي تيزيءَ سان ڦرندڙ ڇوڏول ۾ پانواڻي ڪاڻي، ڪنهن کي آڇاتريءَ اک سان ڏسندو هجي؛

وقت جو طوفان منهنجن ڪتابن جا پنا ٻکيڙي ڇڏيندو ۽ مون کي اها پڪ به نه آهي ته ڪوئي نندڙو ٻار انهن مان ڪنهن پني مان ٻيڙي لاهي پاڻيءَ تي تاريندو؛

منهنجا لفظ سڪل پنن وانگر آڏاسي ويندا ۽ مان لڙيءَ ۾ ڪپيل ٽڙ وانگر اجايو لڳندس.

اي بي قدر قوم! مان اهو سڀ ڄاڻان ٿو پر پوءِ به اهو چاهيان ٿو ته موت ڪان اڳ، تنهنجي وڇوڙي جي وڪن اڳيان پنهنجي ڪومل انيوءَ جون ڪجهه وڏيڪ پنکڙيون پکيڙي ڇڏيان.

○

موت مون تي ڪليو ۽ هن جا سڀ اڳاريءَ لڳل ڏند هيرڻ جي سڪل ڪڪڙن وانگر ڇٽي پيا.

مون کي اعتبار نه آيو ته موت پڻ به ٽي سگهندو آهي؛ هو ته سڀ کي رڙڪي ويندو آهي!

مون هن کي آزمائش لاءِ پنهنجي بياض مان هڪ پنو ڦاڙي هن جي وات ۾ وڌو پر هو ان کي چباڙي نه سگهيو.

—

○

مان پنهنجي جام ۾ وجهي رهيو آهيان
پنهنجا ۽ ڌرتيءَ جا ڏک،
پنهنجا سپنا جي ٽٽي چڪا آهن
۽ پنهنجو ڀاڳ جو ڦٽي چڪو آهي؛
مان پنهنجي جام ۾ وجهي رهيو آهيان

آهي سڀ مکڙيون جي ڦٽڻ کان اڳ ڇڻي ويون،
۽ جن ۾ هاڻي ڪائي سڳنڌ نه رهي آهي سواءِ
انهن جي سار جي جنهنجو هڳاءُ اڃا تائين
منهنجي هيانوَ ۾ هري رهيو آهي؛

۽ ان ۾ وجهي رهيو آهيان پنهنجي من جي ساري
پيڙا، جو هڇي هيٺو ٿي پيو آهي،

۽ مون کي ان تي افسوس آهي ته ڇا ٿي سگهان
ها جو ٿي نه سگهيس،

۽ ان نگريءَ تي جا مون وسائي هئي ۽ جا ڍهي
ڍير ٿي چڪي آهي؛

ها، منهنجي ڄام مان آيري رهيا آهن
آن جا مندر جن جون مورتيون ٽٽي چڪيون آهن،
۽ ان جا پروهت جي مري چڪا آهن،
۽ هوءَ ديوداسي، هوءَ منهنجي ڪوٺا جا نچي نچي
ساٿي ڏي پئي آهي؛
۽ منهنجن هٿن ۾ ايتري سگهه نه رهي آهي ته مان
آهو ڄام ڪٽي پنهنجن چپن تائين آڻي سگهان!
مان فقط آن کي تڪي رهيو آهيان
فقط آن کي تڪي رهيو آهيان!

○

ڳانڌا!
ڇا ڇهونا ڳوڙهه ان لاءِ جليو هيو ته سورڄ پٽائي جا بيت ٿي وڃي؟
جڳ پيڙا ۾ لچي ٿو، روئي ٿو، ڪلي ٿو،
جنڪيون ٿين ٿيون، جوڏا مرن ٿا، ڇا ان لاءِ
ته ڪوئي انهن کي گيت ۾ امر ڪري سگهي؟
ڇا تون گيت کي ايترو اهم سمجهين ٿو؟
ائين ته نه آهي ته گيت ڪنهن به سچي لڙڪ
يا سچي نهڪ اڳيان تڇ آهي!

—

○

تپسوي آڇايل هو. هن جو ڪمنڊل ڪنهن ستيءَ جي يونيءَ وانگر خالي هو.

سج لٿي جي سمہ کي هڪ انوکي ايرکا ٿيندي آهي؛ وڻن تي چتون نيون نيون ڪري رهيا هئا ۽ هڪ ٻئي سان چهنبون ملائي رهيا هئا. ورڻ ديوتا پرٿويءَ کي پاڪر ۾ جهلي، آن جي مٿان جهڪي آيو هو. هن کي ڪنهن گرنٿ مان ڪجهہ اشلوڪ ياد آيا.

ويرم نہ گذري تہ سج ٻڏڻ لڳو ۽ آن جا شعاع سونا ڪانءَ جي ڳوهن وانگر ڌرتيءَ تي وسڻ لڳا.

هن جي من ۾ اروپ ايرکا روپ وٺڻ لڳي ۽ هن چاهيو تہ ان ڪان اڳ ۾ جو وڻ ٽڻ انڌوڪار ۾ ٻڏي وڃن ۽ چتن جي نيون نيون سانت جي اٿاهہ ساگر ۾ سپن وانگر ڇپي وڃي، پنهنجو ڪمنڊل سوم رس سان ڀريان ۽ ٻڏندڙ سج کي نمسڪار ڪري، هڪ نئي گيت سان رَسُ پي وڃان.

هو پنهنجيءَ اڄائي ڄمار تي سوچڻ لڳو ۽ پڻ پڻ ڪري ڪجهہ اشلوڪ آچارڻ لڳو—

” اي وگهنيشور! ڇا تون منهنجا وگهن ائين مٽائي سگهندين جيئن سج جا ڪرڻا رات جي تاڃي پيٽي کي ڇڏي ڦاڙي ڇڏيندا آهن.

”تون جو ڪُوئي تي سوار آهين ، مان جـو گرڙ پک جي پرن تي آڏامڻ چاهيان ٿو ــ ڇا تون منهنجو سهڪار ڪري سگهندين ؟

” مون ڪيتري چمار اجائي وڃائڻ ڪان پوءِ ڄاتو آهي تـه مان سرير ڪان ڀڄي نه ٿو سگهان ۽ مون کي انهيءَ ئي گهر ۾ رهڻو آهي ۽ انهيءَ ۾ ئي منهنجو مرتيو ٿيڻو آهي.

”سرير وگهن نه آهي وگهنيشور! سرير سان ئي منهنجو اٽوٽ بنڌن آهي .

” مان به انهيءَ هر ماڻهوءَ مان آهيان جو هن سنسار ۾ ڄايو نپنو آهي . مون پاڻ کي ڏوڪو ڏيڻ چاهيو ته مان رڳو آتما آهيان ، مون کي ڪنهن به نه ڏاهيو آهي ۾ سچ اهو آهي ته ڪنهن پرش ۽ ڪنهن استريءَ جي سرير ملي مون کي ڏاهيو آهي .

” مان سرير آهيان ، سرير ٿي ڄايو آهيان، سرير ٿي مرڻو آهيان ۽ مون سان گڏ ادا ”مان“ به چڪيا تي رک تي وڃڻي آهي .

” مان هاڻي اهو سهي نه ٿو سگهان ته مان جيئرو رهان ۽ رڳو موت جو انتظار ڪيان .

” اڄ مان هي ڪرمنڊل سوم رس سان پريان ٿو، ڪرمنڊل جو ڪنهن ستيءَ جي يونيءَ وانگر خالي آهي. “

—

○

تون مون لاءِ نئين نه هئين. مون توکي اڳ به ڏٺو هو، ان کي ڪيئي صديون ٿيون. ڳوالا ڳايون واهڻ ڏانهن هڪلي رهيا ها ۽ آهي تو ڙ اڏائي رهيون هيون. اهو ڳوٺڙول جو ٽائو هو. سج پڌي رهيو هو، هر ڪوئي گهر ڏانهن موٽي رهيو هو ۽ وسرام لاءِ واجهائي رهيو هو. منهنجي مٿي تي مور جي پرن جو مُڪٽ هيو ۽ هٿ ۾ بنسري هئي ۽ جي ناريون نديءَ مان گها گهريون ڀرڻ آيون هيون ۽ ڳوالن کي پاڀوهه مان ڏسي رهيون هيون، انهن ۾ هڪ تون به هئين.

۽ مون تــوکي نيري آڪاش هيٺان نچندي ڏٺـو هو ۽ منهنجي هٿ ۾ پور سان ڀوڪيل انب جي ٽاري هئي ۽ مون ائين ٿي وسهيو ته بسنت اچي چڪو آهي —

۽ پوءِ مون توکي رڻ جـي کهسان ۾ وساري ڇڏيو ۽ لاشن کــي رت جـي ڦيٽن ۽ کهوڙن جـي سنبن هيٺان چيٿاڙيندو رهيس.

۽ وڙهندي وڙهندي پڌ شٽر ٽڪجي پيو ته مون هن کي صلاح ڏني ته هو ڪوڙ ڳالهائي ته جيئن دروٽا چاريه پڌ بند ڪري ڇڏي —

يڏ شطرنج جي راند وانگر ٿيندي آهي، ان ۾ ڪوڙ ۽ سچ نه ٿيندو آهي، سچ رڳو ڳوٺ جو صحيح جاء تي رکڻ جو نالو آهي ـ

يڏ شتر هيڪي هيڪي ڪوڙ ڳالهايو ۽ دروڻـا چاريه ڪانَ ڪمان ڏرتيءَ تي ڦٽي ڪري ڇڏيا ـ

۽ ڪرو ڪيتر مان لاش ڳم ٿـي ويا، وستيون وري وسيون، وري ڳوريون ڳوڏول جـي سمي ڳهاڳهريون ڪٺي نديءَ تي آيون ـ

پر يڏ شتر جا پير پين ماڻهن وانگر ڏرتيءَ تي ڪپي ويا ۽ هو اڳي وانگر ڏرتيءَ ڪـان هڪ هٿ مٿي ڳهي نه سگهيو.

۽ هاڻي مان سوچان ٿو ته تون ڪٿي آهين ؟
مان سوچان ٿو ته ڇا انهيءَ ڳهمسان جي رڻ ۾ ايترو وقت وڃائڻ ضروري هو؟ ڇا اهو ضروري هو ته مان ويڙهم کي ايترو وقت ان لاء آتساهيان ته نيٺ يڏ شتر جا پير ڏرتيءَ تي ڪپي وڃن؟

منهنجي بنسي اڃا به تو لاء آتي آهي پر تون ڪهڙي بن ۾ ڇپي وئي آهين ؟ ائين ته نه آهي ته يڏ شتر وانگر مون ۾ به ڪائي کهٽتائي اچي وئي آهي؟ ائين ته نه آهي ته تون وري ملنديءَ تڏهن به مان بنسري وڃائي نه سگهندس ؟

—

○

سرمد سِرُ جهڪائي رُبائي پڙهي .
جلاد تلوار هيٺ ڪري هن کان پڇيو ،
”بي جهان ڏانهن وڃي رهيو آهين تڏهين به
شاعريءَ سان پيو ساٿ نڀائين؟“
سرمد سِرُ اڌيءَ تان نه هٽايو ۽ آتائين
جواب ڏنائين ، ”سفر دور دراز آهي ،
پنڌ ۾ ڪوئي تہ سونهون سان هجي ،
دڳ نه پلجي پوان . “

○

پٽائي او ٻاسي ڏئي طوبيٰ جي ٻاڇي مان اٿيو
۽ جنت جي جهروڪي وٽ اچي ويٺو .
تمر فقير به هُن جي پٺيان آيو ۽ ادب سان هن
کان پڇيائين، ”سائين، ڇا ٿا سوچيو؟“
ڀٽائيءَ جواب ڏنو، ”تمر! مان سوچان ٿو ته
ڇا اسان ڀيهر ڌر جي ڪنهن سائين ٻير جا ٻلڙا
ڏسي نه سگهنداسين ؟“

—

# نوان ٻهاڪا

○

هرڪو ڪاسائي پنهنجي ٻائي ٽنڪبو

○

ويهه منڊا واريءَ ۾ ڇڏيا ته ماڳ ويجهو ته نه ايندو !

○

ٻڪيو مٺو ڪنهي ته ڊائي جو مٺو وڃي

○

وهه ڄاڻي، وهه جي وڻي ڄاڻي

○

”سڏ ! “ چي ”ڄڀيءُ ڪڏ ! “

○

منڳا سيٺي سيڻ، جنين ٻڪا ڀر ڀرا

○

رتو راس ٿئي ته واهه ! ته پکي سان ئي پيٽ ايائڻ آهي

○

جي کهڙو پرجي چلکندو ته ڪا پوڙ آئيندو؟

○

ٻاڙهن کهوڻن جا مڙهه مقامن ۾ ته نه هوندا آهن!

○

معاشي انصاف – جڏهن لوپي ۽ ڏوڪي پئي ٻک مرن

○

جمهوريت – سوني ۽ ساڻ نه هجي، گڏهه به گوهي نه ڪن

○

جنگ – آلا پري وڃن، سُڪا رهجي وڃن

○

آرٽ – ڪُسنگ تاري، سنگ پوڙي

○

اقتدار – نانگ ڪاڻيندو ئي آڪ چڙهي ڪي آهي

—

○

”ڇا تون ويڙهه ۾ وڙهيو آهين؟ ڏڙ ڏڏڙ ۾
ڪرندا ڏٺا اٿيئي؟“
”هائو“
”ته انهن جي باري ۾ لک“
”ڇا ڪنهن نئون ورنيءَ جا چپ تنهنجن چپن
تي چنگ وانگر وڳا آهن؟“
”هائو“
”ته انهن جي باري ۾ لک“

”ڇا ڪڏهن تو ٻيءَ ڪري ا ڪيون ٻوٽيون
آهن ته نديءَ ڪي ڇلندو ڏٺو اٿئي ۽ تون
ان جي ِتڪ تي هنس وانگر تريو آهين؟“
”هائو“
”ته ان جي باري ۾ لک“
ڇا ڪڏهن منزل تنهنجي ويجهو اچي، توکان
دور هٽي وئي آهي ۽ تنهنجي دل دف وانگر
وڄي چُپ ٿي وئي آهي؟“
”هائو“
”ته ان جي باري ۾ لک، رکو ٻُڌيءَ سُڌيءَ
تي نه لک، رکو ٻين جا لکيل ڪتاب پڙهي،
نه لک!“

○

”بابا، هن ڪي ڪولي ڪنهن هٿي آهي؟“
”آزادي“
”بابا، هن ڪي ڦاهي ڪنهن چاڙهيو آهي؟“
”آزاديءَ “
”بابا، هن جو ڪنڌ ڪنهن ڪپيو آهي؟“
”آزاديءَ “
”بابا، ڇا آزادي ڪنهن جلاد جو نالو آهي؟“
”هائو پٽ! پر اهو جلاد وڏو جادوگر آهي،
هڪ پيرو آن جا هٿ چمندين تہ سِر جي
سار وسري ويندءِ. “

○

”هو تو ڪي لوٽي رهيا آهن ۽ تون چُپ آهين!
پٿر ڪي بہ چوٽيءَ تان هيٺ ڏڪيو آهي تہ
آن ۾ جان اچي ويندي آهي!“

O

سانجهي ٿي وئي آهي ؛
ڳجهه ٻڙ جي چوٽيءَ تي اونگهي رهي آهي ،
ڪانوَ ’ ڪان ‘ ’ ڪان ‘ ڪندا واهيرن ڏانهن
وري رهيا آهن ،
ڇپرا پولن ڏارن جي ڏرڙن مان ڏسي رهيا آهن
ته ڪٿي ڪي ساپا يا ڊپ جا ڪوئا نڪرن
ته اُنهن کي جهٽي وٺون ؛
۽ مون کي اهو پراسرار نانگ جو پنهنجيءَ پڇڙي
کي ڪائيندو ويندو آهي ، وڪوڙي ويو آهي ؛
۽ مان سوچي رهيو آهيان ،
”ڌرتي پنهنجا چٽي ڳرڪائيندي آهي ،
وري ٻيا چٽي ڳرڪائيندي آهي.“

—

○

”ٻني ٻارو وڏو اٿيئي؟“
” ها “
”ته ٻوءِ تون به ٻني ٻارو ٿي ويندين“
”ڏنڊو ڏاڙي ڪيو اٿيئي؟“
” ها “
”ته ٻوءِ تون به ڏنڊو ڏاڙي ٿي ويندين“
”ٽجوڙي رکي اٿيئي ؟“
” ها “
” ته ٻوءِ تون به ٽجوڙي ٿي ويندين“
” ۽ تو وٽ ؟ تو وٽ ڇا آهي؟ “
” ڪجهه به نه، مون وٽ ڌرتيءَ کان سوا
ڪجهه به نه آهي“
” ته ٻوءِ ٻوري ڌرتي تنهنجي آهي ۽
تون به ڌرتيءَ وانگر امر ٿي ويندين.“

—

○

ڪالهه منهنجو هو دغاباز دوست اوچتو مري ويو.
مون کي هن جي موت تي افسوس ٿيو
۽ مون ٿڌو ساهه ڀري سوچيو،
”ڪاش! مان هن جي جيئري هن سان ناهه ڪري ڇڏيان ها!
ڪاش مان هن جي دغا مان سبق سکان ها
۽ دوستيءَ ۾ اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏيان ها
۽ اهڙي اسلهه سبق جي بدلي هن کي معاف
ڪري ڇڏيان ها!“

○

ڇا روح کي به ڦقڙ ٿيندا آهن؟
ڇا روح کي به ناسون ٿينديون آهن؟
ڇا روح کي به صاف سٿري هوا جي
ضرورت پوندي آهي؟

آخر مان هن ديس جي ڌڌڙ ۽ سڙاند
۾ نڪي ڇو نه ٿو سگهان!

—

○

مان شاعر آهيان، وقت منهنجو غلام آهي،
مان ماضي، حال، مستقبل سڀ کي اک ڇنڀ ۾ ملياميٽ
ڪري سگهندو آهيان؛

ڇگو، مان هاڻي هڪ سؤ سال پٺتي وڃان ٿو ـــ
هي سامي مون سان شڪارپور ۾ هاٿيدر لڳ ويٺو آهي؛
پريان ڪنهن نينگريءَ جو مڌر آلاپ اچي رهيو آهي؛
هوءَ ڳائي رهي آهي ۽ هن جي سُر ۾ ڪنهن پراڻيءَ پريت
جي پيڙا آهي؛

هُن جو سُر اسان ٻنهي جي ساهه ۾ واسو ڪري ويو آهي،
ائين ٿو لڳي ڄڻ ان کان اڳ ڪنهن به پُرش ۽ استري
ڪڏهن به سنجوڳ نه ڪيو هو،

ائين ٿو لڳي ڄڻ هن کان اڳ ڪڏهن به ڪنهن پُرش
۽ استريءَ هڪ ٻئي جي ٻک ۾ اچڪائي نه پاتي هئي.
سامي دادو ٻيچين لڳي ٿو، اڄ مان سڀ مالڪ
عدي ... هڪ ڪري ڦاڙي ٿو ۽ ... مون ٻي چڱي،
... الاپ جي ڪڏ وڃي ٿو، آڏپ جو هڪ سؤ سال ڏيا آهن
ته اڄ تائين منهنجن ڪنن ۾ پُري رهيو اهي ـــ

پر مان ڀانيان ٿو ته اهو منٿر آلاپ مون کھٽو وقت اڳ به ٻڌو هو. ان وقت ڪوي سورداس مون سان گڏ ويٺو هو ۽ هن ٿڌو ساهه ڀري چيو هو، ”ڪاش، مان اکين ۾ سُونا هٽي پاڻ کي انڌو نه ڪيان ها! ڪاش مان ان آلاپ جو منهن ڏسي سگهان ها!“

○

”نانڪ يوسف!“ سچل سرمست چيو، ”درازا تي وچ هڪ گھايل پکيءَ وانگر تڙڦي رهي آهي ۽ تنهنجي مُنهن تي مُرڪ تلوار جي ڌڪ وانگر آيري آئي آهي! ڇا تون مان هميشه لاءِ وڇڙي ويندا سين، هڪ ٻئي کي جنم جنم ڳوليندا رهنداسين پر پائي نه سگهنداسين.“

○

”وڳنڌ !“ ڀٽائيءَ چيو، ”مشا پاڻ سان تارازي نه کڻي ويندا آهن، تبر کڻي ويندا آهن.“

—

○

چام نندي ڪي پپل جي ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ اک لڳي وئي هئي. دولهه دريا خان هن کي غافل ڏسي، مياڻ مان پنهنجي تلوار ڪڍي هن جي پرسان رکي ۽ پاڻ پپل جي پڻين لڪي ويٺو. ڪجهه وقت کان پوءِ چام نندي جي اک کلي ۽ هن پنهنجي پرسان رکيل تلوار ڏانهن ڏسي، سڌ ڪيو، ”دولهه دريا خان!“

دولهه دريا خان پپل جي پڻيان نڪري آيو ۽ چام نندي کي چيائين، ”اوهان کي ڪيئن خبر پئي تہ مان پپل جي پڻيان لڪل آهيان؟“

”دولهه دريا خان!“ چام نندي چيو، ”مان توکي تلوار کي تکي ڌار مان سڃاڻي سگهندو آهيان.“

○

اي شاعري! مون توکي ڇڏي ڏنو هو
ڪالهہ توتي نظر پئي تہ مون هڪ وحشي چيخ ڪئي،
ائين لڳو ڄڻ ڪنهن باز پنهنجو آکيرو سڃاتو آهي.

—

○

افسوس آهي جي تنهنجو وجود تو لاءِ مسرت جو سرچشمو نہ آهي؛

افسوس آهي توتي جي تو پٺائيءَ سان ڪِراڙ جي پر تي راتيون نہ گذاريون آهن ۽ پنهنجيءَ جديديت جي خمار ۾ سرشار آهين.

افسوس آهي توتي جي تون زندگيءَ جاويد چاهين ٿو پر اهو نہ ٿو چاڻين تہ هي جهان هو جهان ٻئي هڪ آهن. افسوس آهي تنهنجيءَ انهيءَ افسوس تي تہ تو ڪيتري وقت کان شعر نہ ڏاهيو آهي ۽ توکي اهو معلوم نہ آهي تہ ننڊ ۾ يا جاڳ ۾، واندڪائيءَ ۾ يا جيئڻ جي ڀوريءَ پٺ کوهہ ۾ تنهنجو تحت‌الشعور شعر ڏاهيندو رهندو آهي، جو آن وقت جو منتظر هوندو آهي جڏهن ڪويل جي ڇهنب وانگر تنهنجي قلم سان شاعريءَ جا آبشار نڪري ايندا.

—

○

ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ ... ...

"ڪير؟"

"مان سياستدان آهيان"

"دنيا کي تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي آڻي بيهاريو اٿيئي، اها تنهنجو جيءُ نه پريو آهي. وڃ مون کي تو لاءِ فرصت ڪونهِ آهي."

ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ ... ...

"ڪير؟"

"مان انقلابي آهيان"

"تو پاڻ ۾ ڪهڙو انقلاب آندو آهي؟ انسان ۾ جو سوئر ۽ چيتو آهي. تو ۾ به ايترو ئي موجود آهي جيترو تنهنجي مخالف ۾، رڳو تو مان ڇلانگ ڏئي نڪري اچڻ لاءِ وقت جو منتظر آهي. وڃ، مون وٽ تو لاءِ فرصت ڪونهِ آهي."

ٺڪ، ٺڪ، ٺڪ... ...

”ڪير؟“

”مان پادري آهيان، يروشلم کان آيو آهيان. مون ٻڌو آهي تہ اندر ڪوئي صليب تي لٽڪيل آهي.“

”تون منهنجي لاش کي قبر مان ٻيهر ڪڍي، ڇوراهي تي وڪڻڻ ٿو چاهين؟ وڃ، مون کي تو لاء فرصت ڪانہ آهي.“

○

مون دارا جي ڪُلهي تي هٿ رکي، هن کي چيو، ”دارا! هو جيوڻ خان ڪير هيو جنهن توکي ڇڏڪنيو ۽ ٻڌي اورنگزيب جي اڳيان آڇلايو هُيو؟“

دارا جواب ڏنو،

”مون کي دوستيءَ جي بيماري ٿي پئي هُئي جنهن مون کي نڌوڙي ڇڏيو. جيوڻ خان منهنجي وجود جو سرطان زده حصو هيو؛ ڪاش! مان ان کي پنهنجي جان کان ڪٽي ڪڍي سگهان ها!“

○

”شاعر، توکي پنهنجا ست سال ڪيئن لڳا؟“
”ٽڏي پاڻيءَ جي تانوَ وانگر“
”ڇا تون اڃا تائين اڃايل آهين؟“
”حيف آهي اُنهيءَ ٿر جي ٿوريءَ تي جنهن
جي اُڃ ٻُجهي وئي.“

○

تون ڪيرڙو ڪي ڏاهي سگهندين؟
جي نه، ته مان ته ڪيرڙو کان به اوچو آهيان!
تون سانوڻ ۾ نئن گاج کي سُڪائي سگهندين؟
جي نه، ته تون وڏو نادان آهين جي منهنجي
شاعريءَ کان نابري واري رهيو آهين.
ترس، بادل پرجي رهيا آهن، پرجي رهيا آهن،
پرجي رهيا آهن . . .“

O

اي سامي ! مان پنهنجي هر سنگيءَ ساٿيءَ مان ڪٽ
ٿي پيو آهيان، مون ڪي پنهنجيءَ هيڪلائي
۾ وٺي هل!

اي سامي ! مون کي ڪنهن ۾ ڏک سک کان سواءِ،
رکيو انهيءَ امٽ انيوَ سان وٺي هل تہ
سڀ ڪجهہ سپنو آهي .

اي سامي ! تو سچ چيو آهي تہ ماڻهوءَ جو سرير رکيو
پاپ آهــي ، روڳ آهــي ، چمار آهــي،
موت آهي .

اي سامي ! مون پنهنجي ليڙ ليڙ لوئي لاهي ڦٽي ڪئي
آهي ، مان ڪنهن ۾ لڄ کان سواءِ وڃي
رهيو آهيان ، تنهنجي بنواس ۾ وڃـــي
رهيو آهيان .

—

○

وڏيرو — مون پٽاريون ڏُهايون آهن، ديگڙيءَ ۾
رجهندڙ پوڙ مان باڦ نڪري رهي آهي —
ڇا ٻاهر ڪنوڻ ڪِجي رهي آهي؟
ڇا ٻاهر مينهن وسي رهيو آهي؟

هاري — منهنجا آندا بک ۾ وٽ ڪائي رهيا آهن،
منهنجيءَ چلهه ۾ ٻاهه وساسي وئي آهي—
ڇا ٻاهر ڪنوڻ ڪجي رهي آهي؟
ڇا ٻاهر مينهن وسي رهيو آهي؟

وڏيرو — مون ڪي ابي جا پوٽا آهن ۽ پلو ڏاند
به آهي جو منهنجين ڳائين ڪي ڍڪائي ٿو.
ڇا ٻاهر ڪنوڻ ڪجي رهي آهي؟
ڇا ٻاهر مينهن وسي رهيو آهي؟

هاري — مون وٽ نه ڳانيون آهن، نه ابي جو پوٽو
آهي ۽ نه ان ڳالهه جو اونو آهي ته
ڪائي ڳانءِ ڍڪي ٿي آهي يا نه!
ڇا ٻاهر ڪنوڻ ڪجي رهي آهي؟
ڇا ٻاهر مينهن وسي رهيو آهي؟

وڏيرو – منهنجيءَ اوطاق ڪي پڪي ڇت آهي،
ٻاهر ڪنوڻ ڪجي ته ٻلي ڪجي،
مينهن وسي ته ٻلي وسي.

هاري – منهنجيءَ جهوپڙيءَ تي نيري ڇت ٽڙڪات
ڪري رهي آهي،
ڪنوڻ ٻلي ته زور سان ڪجي!
مينهن ٻلي ته زور سان پوي!

○

ماسڪو ۾ مون کي ڪنهن چيو، ”روسي
اديب شولو خوف سان ملندين، هو روس جو
اميز ترين انسان آهي.“

”نه“، مون جواب ڏنو، ”جي ’ڊان
وهندي رهي‘ جو مصنف جيئرو هجي ها ته
آن سان ملان ها.“

—

○

ڇا تون ڪيڙيءَ جي ٻولي ڄاڻين ؟

ڇا تون ٻري ٻڪريءَ جي ٻولي ڄاڻين ؟

ڇا تون انهيءَ ڪنڊيءَ جي ٻولي ڄاڻين جنهن ۾ پيلا گل ڦٽي پوندا آهن ؟

ڇا تون ڏرتيءَ جي ٻولي ڄاڻين؟ هاريءَ جي ٻوليءَ ڄاڻين ؟

ڇا تون اهو ڄاڻين ته صدين ۾ ڪساڻ جا ڇرڪ ۾ پورَ ڇر ۾ ڪيئن ڇرڪائبا آهن ؟

ڇا تون اهو ڄاڻين ته اڻ - ڄاڻائيءَ جون پيتيون ڪيئن پوربيون آهن ؟

ڇا تون آهو ڄاڻين ته ماڻهن جي اکين ۾ مشعلون ڪيئن ٻاريون آهن جو هو اٿاهه اونده ۾ به حق ۽ انصاف کي ڏسي سگهندا آهن ؟

توکي ياد آهي ته مون تو کان اهي سوال ان وقت به پڇيا هئا جنهن وقت تون مون وٽ

مائو جي سرخ ڪتاب جو اردو ترجمو ڪئي آيو هئين .

مان هاڻي به توکان سا ڳيا سوال پڇان ٿو توڙي منهنجا لوڻا اڇا ٿي ويا آهن ، مائو جو ديو قامت بت رسيءَ سان ٻڌي ڌرتيءَ تي ليٽائي، ڏکي ڪنهن گدام ۾ واڙيو ويو آهي ۽ هن جي جوءِ کي عوامي عدالت ۾ تخريب ڪاري لاءِ جنم ٽيپ ڏني وئي آهي .

O

مون هن کي الوداع ڪئي ته منهنجيون اکيون پرجي آيون. هوءَ اکيون جهڪائي ائين ڪنبي رهي هئي جيئن ڄامشوري جي تيز هوا ۾ گل مهر جا پن ڪنبدا آهن ۽ ائين لڳندو آهي ته آهي ستارن کان ٻچي ، ڪنبي رهيا آهن .

O

هائو، تون تلسيءَ جي ٻوٽي وانگر پوتر آهين پر تلسيءَ جي ٻوٽي کي به پاڻي نه ملندو آهي ته مرجهائجي ويندو آهي .

○

ڪيترا پتنگ انهيءَ ڏياتيءَ تي چرڪي چڪا آهن .
ڏياتي جا پاڻ به جلي جلي اجهامي وڃڻي آهي !

ڪنهن جون ڪنهن جون ڪنهڙانيون ان جي چوڌاري
پکڙجي پيون آهن !

ڪيترا نه پيانڪ موت ڏٺا آهن مون !

ڪيترا پيرا مون دنيا کي ڊانوا ڊول ٿيندي ڏٺو آهي!

مون ايترو ته دک ڏٺو آهي جو مون ا ڪيون ڇنيڻ
ڇڏي ڏنيون آهن ،

۽ ان ڪري مان توکي به ٺڪ ڀڏي ڏسي رهيو آهيان.

اي اجنبي سندري ! متان ائين سمجهين ته منهنجو
توسان نينهن ٿي ويو آهي .

—

○

درياھہ ﭘﻨﮅيءَ سنجھا جو ڏيئو ٻاري ، آداسائيءَ سان سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ کي ڏنو .

” ڇا ڏسي رھيو آھين بابا ؟ “ پسز تسي بيٺل ڳيروءَ پڇيو .

درياھہ ﭘﻨﮅيءَ ٿڌو ساھہ ڀري جواب ڏنو ، ”پنھنجي جوين کي ڏسي رھيو آھيان جو لھرين ۾ لڙھي ، الوپ ٿي رھيو آھي .“

” ڳڻتي نہ ڪر بابا! لھريون ڪاري ڇاڻ ڏانھن وڌين رھيون آھن ، ڳيروءَ ٺھڪ ڏيندي چيو ، ” ڪارو ڇاڻ ڏٺو اٿيئي ، جو اڪيچار لڙڪن کان ڪارو ٿي پيو آھي.“

---

نوٽ :- درياھہ ﭘﻨﮅي اھو فرقو آھي جو درياھہ جي ٿان تي ڏيئو ڪڍھن بہ وسامڻ نہ ڏيندو آھي .

—

○

هو پنهنجا ڪارا مٿا ميز تـي ائين جُهڪائي ويٺا آهـن جيئن طوفان ۾ ڪانوَ هڪ ٻئي جي سامهون اچي ويندا آهن.
هن جي تحريڪ ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ هو سوچي نـہ ٿا سگهن تہ هاڻي ڇا ڪن!

ڪنهن وقت هو پنهنجي عزم کـي ائين پختو سمجهندا هئا جيئن پهاڙ جي پٿرن ۾ ور وڪڙ کائيندڙ جڙون؛ هاڻي اهو عزم ڇيڪيءَ مٿيءَ ۾ ڪنهن مرجهايل ٻتي وانگر لڳي رهيو آهي.
۽ پوءِ هو هڪ ٻئي کي لوڙن ٿا،

هڪ ٻئي تي تهمت ڌريـن ٿـا تـہ هوئي تحريڪ جـي ناڪاميءَ لاءِ ذميدار آهي،

۽ اهو نہ ٿا سمجهن تہ مقصد لاءِ جنگ ۾ ڪوبہ هارائيندو نہ آهي، ڪوبہ اجايـو نہ مرندو آهـي ۽ هـر هار جيت لاءِ نئين داوَ جي شروعات ٿي سگهندي آهي.

—

○

ڪن ڦاڙ جڳياسو ڇم جو ساندارو وات تي آڻي ڳٽ ڳٽ ڪري سوم رس پيئڻ لڳو.

ساڀهون مندر ۾ گھنڊ وڄي رهيو هو؛ هن ڪي پروهت تي ڪاوڙ اچي رهي هئي. هن پوسرجي من ۾ چيو، ”آخر ايترو وقت گھنڊ وڄائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ آن جي جهانءَ من ۾ مروڙ وجهي ٿي ۽ گهرج ڪان وڌيڪ موت جي ياد ڏياري ٿي. هونءَ به سرءَ جي مند آهي ۽ سرءُ ۾ هرشيءِ موت جي ياد ڏياريندي آهي. سرن جا ڳاڙها ٽٽي پوندا آهن ۽ وليون مٿل ڌرتيءَ جي نسن وانگر لڳنديون آهن؛ پپل جا پن ڇڻ ڇڻ ڪري ڪرندا آهن ۽ سرنهن جون سُڪل ڦريون ڇرين زالن وانگر تاڙيون وڄائينديون آهن؛ ڪونجون ڪرڪنديون آهن ۽ انهن جي رڙو رڙ سان آڪاس گونجي اٿندو آهي.

ڪهڙي نه واهيات مند آهي سرءَ!

ڪهڙي نه واهيات ڳالهه آهي وهيءَ جي موت، ڪڪا وار، تڏا پاڪر، آڇاٻل اکيون!“

—

○

مون شاهه جو رسالو ائين بند ڪيو جيئن ڏڪ سان مٺي جون اکيون بند ڪبيون آهن.

”الوداع پٽائي،“ مون چپن ۾ چئي ڀڻڪي ڏني.

”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ پٽائيءَ چيو، ”مون کي نور محمد ڪلهوڙي مٽائيءَ ۾ زهر وجهي موڪليو هيو ته مون آها مٺائي سنڌوءَ ۾ ڦٽي ڪئي هئي.“

”مون کي معلوم آهي.“ مون جواب ڏنو.

”پوءِ تون به ائين ڇو نه ٿو ڪرين!“ پٽائي چيو، ”سنڌوءَ ۾ ايترو امرت آهي جو ان ۾ ملي ڪوبه زهر زهر نه رهندو آهي.“

○

”بهشت جي دروازي مان وڃڻ چاهين ٿو يا دوزخ جي دروازي مان؟“

”منهنجو فڪر نه ڪر، مان جتي به ويندس ڪاٺ هٿي ويندس.“

—

○

”مون کي ڪشف‌القبور جو علم آهي، جيئن ته توکي شمس تبريز سان ملايان،“ ڪونيا ۾ شمس تبريز جي مزار تي ويٺل درويش مون کي چيو.

مون پنجاهه ليرا هُن جي پيرن وٽ رکي هانو ڪئي.

”شمس سان ڳالهاءِ،“ درويش مزار ڏانهن اشارو ڪري چيو.

مون مزار ڏانهن ڏسي چيو، ”شمس! منهنجين اکين ۾ ڏس!“

”پنهنجين اکين ۾ ڏسان؟“ مزار مان ڪنهن تعجب سان پڇيو.

”شمس! صدين تنهنجا ڪَن ڳهبرا ڪري ڇڏيا آهن. مان چوان ٿو ته منهنجين اکين ۾ ڏس!“ مون چڙ ڪائي چيو.

”پنهنجين اکين ۾ ڏسان! اهو ته ناممڪن آهي.“ مزار مان مان جواب آيو.

---

نوٽ:- ترڪيءَ جي شهر ڪونيا ۾ مولانا روميءَ ۽ شمس تبريز جون مزارون آهن. شمس تبريز مولانا روميءَ جو مرشد هيو. چيو ويو آهي ته جڏهن پهريون ڀيرو مولا روميءَ سان مليو هو تڏهن پنهنجي افضليت ثابت ڪرڻ لاءِ مولانا روميءَ جي ڪتابن ڏانهن ڏٺو هٿائين ته آنهن ۾ ۾ باهه لڳي وئي هئي ۽ سڀ ڪتاب جلي رَک ٿي ويا ها.

○

ناڪولي چندن جي ڪاٺ جي هجي ته به ناڪولي ئي ته آهي.

○

تصوف ڪي سياست ۾ آڻي رهيو آهين! منصور کي ميڪاوليءَ سان ويڙهائي رهيو آهين! ڪهڙو نه نادان آهين!

○

چنڊ بي انت جي ڪُلهي تان ليٿو پائي هيٺ ڏسي رهيو آهي،

۽ شڪارپور جي هڪ اجاڙ گهٽيءَ ۾ ساميءَ جو گهر ڏينهون ڏينهن ويجهو ڪري رهيو آهي.

—

⊙

رني ڪوٽ ۾ مان ۽ منهنجا دوست بُرج جي هيٺان ويٺا هئاسين. پٺرن مان نڪري هڪ سانڍو بُرج تي چڙهي رهيو هيو. اوچتو ڪنهن هن کي بندوق جي ڪنداق سان ٺوڪر هنئي. ڌڪ هن کي ساٿو ڪري وڌو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ هن پنهنجي منڍي ڇوري هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو، ڄڻ ڪو پڇي رهيو هو ته

” اي ماڻهوءَ جا پٽ! نه مان ڏنگي سگهندو آهيان، نه ڇڪ پائي سگهندو آهيان ۽ نه مون تنهنجيءَ ذات کي ڪڏهن به ايذايو آهي. تنهنجيءَ فطرت ۾ هيءَ ڪهڙي جبلت آهي جو ڪنهن ڪمزور کي اجايو ايذاءُ ٿو رسائين؟ شايد مان ناڻگ هجان ها ته تون مون کان ڇرڪي پڇي وڃين ها!“

—

○

رات جو وڳڙو هو، لڪيءَ کان سيوهڻ وڃي رهيا هئاسين. رستي تي هڪ گدڙ جيپ جي سامهون آيو. جيپ جي بتين جي روشنيءَ ۾ هن جون اکيون ٻرڻ لڳيون؛ مون کي ائين محسوس ٿيو ته هن جون اکيون ٻه غارون هيون جن ۾ گهري مان پوري ڪائنات گهمي سگهان ها. هُن ڪتر ڪٽي جيپ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ رستي تان هٽي پاسيرو ٿيو. ڊرائيور هن جي ڪري جيپ موڙي، جيئن هن کي ڦيٿي جي هيٺان آڻي ڦيهي وجهي. اسان هُن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو ته هن چيو، "سائين، هي وري آڪڙ ٿو ڪري!"

جنهن تي مون ڊرائيور کي چيو، "هن کي ڪهڙي خبر ته انسان کي رڳو پنهنجي آڪڙ وڻندي آهي."

—

○

ڪراچيءَ جي هڪ نوجوان مصور مون کان پڇيو،
”مون کي سنڌ جي تصوير ڪڍڻي آهي ؛ اوهان سنڌ جو چهرو ڏنو آهي، اوهان کي سنڌ ڪيئن لڳي؟“

مون جواب ڏنو، ”هڪ پيري اسان لڪيءَ جي چشمي ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. چشمي تائين پهچڻ لاءِ پهاڙ ۾ ڏاڪڻ ٺهيل آهي. اُن ڏاڪڻ تي مون هڪ عورت ريڙهيون پائيندي ڏٺي هئي. ڪيڏي نه موهڻي هئي هوءَ! ڦليو پٽڙه ڪَتڻ وار، نرڙ تي ڏينهوڙي، نڪ سڪ ٻولائتو. اُئين ٿي لڳو ڄڻ هن جي ڇُهاوَ سان پٿر مان پُسيءَ جا ڳاڙها گل ڦٽي پوندا. رڳو هُن جو سڄو پير سُڄي، ڦِڪ ٿي پيو هو، جنهن تي ڪپڙي جا موٽا پڏل هيا ۽ هوءَ ڪِبي پير جي سهاري، ڪيسرندي مٿي چڙهي رهي هئي. مٿي گرم پاڻيءَ جو چشمو هيو جتي هن لاءِ چالوڙو به هيو ته چونڪارو به. اونهاري جي ٻه پهريءَ ۾ پهاڙي پونا اُئين تپي ويا ها ڄڻ سج ڌرتيءَ اهلا کي چتن کان چڪي رهيو هو ۽ پنهنجيءَ ڪاوڙ ۾ ڪنبي رهيو هو.“

—

○

” ايڏو اڏرين ڇو ٿو ؟ “
” پيسو ٻٽر آهي.“
” ايڏو ڀسرين ڇو ٿو ؟ “
” پيسو ڇٽر آهي.“
” اهڙا جيئرو آهين ! “
” پيسو چمار آهي “
” تون ٻُلو آهين، پيسو ٻٽر نه آهي
ٻٽر - ڪتر آهي، ڇٽر نه آهي
ڦلهيڙ آهي، چمار نه آهي موت آهي.“

○

شاعر ڪنيار جي ڪار نه آهي،
ڪلال جي ڪانڌ آهي؛
سٽري جي سڳنڌ ڪان سواءِ هر ٿانوَ
رڳو مٽيءَ جو لسايل پنوڙو
هوندو آهي.

—

○

مون هن کي چيو، ”منهنجو انسان مان اعتبار نڪري
چڪو آهي. تون، جنهن جا چپ ڪپيل انجير وانگر آهن،
۽ جنهن جو سرير آن ول وانگر آهي جنهن سان ڪاليداس
شڪنتلا جي پيٽ ڪئي هئي، ڇا مون کي انسان ۾ اعتبار
موٽائي ڏئي سگهين ٿي؟“

هن پنهنجي ٻانهن منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ وجهي چيو، ”تنهنجو
انسان مان اعتبار نڪري ويو آهي ته هن دور ۾، تون
منهنجي شڪنتلا سان پيٽ ڪرين ها! نه، تنهنجو انسان
۾ اعتبار ساڳيوئي آهي، رڳو پنهنجي دؤر جي انسانن ۾
تنهنجو اعتبار نه رهيو آهي.“

○

ڪنهن وقت ڏهڪ تلوار جي يلغار کان وڌيڪ ڪم
ڏيندو آهي ۽ ايتريءَ تيزيءَ سان جبر جو ڪنڌ ڪپي
ڦٽي ڪندو آهي جو ڪيترو وقت جابر کي ان جو
پتو به نه پوندو آهي.

—

○

مون کي گهوري رهيون آهن ڪالي داس، ودياپتيءَ ۽ ڀرتري هريءَ جون اکيون، ڀونر ڀونر اکيون جن ۾ گنجار آهي، ڪنول ڪنول لاءِ پياس آهي؛ مون کي گهوري رهيون آهن جائسيءَ ۽ خان خانان جون اکيون، ميگهه ملار اکيون جن مان انسان دوستي ۽ رواداري برسي رهي آهي؛ مون کي گهوري رهيون آهن سورداس جو اکيون جن ۾ جُڳ جُڳ جي جوت ٻري رهي آهي، ميران جون هٺيون وهيٽيون، سونهيون آسونهيون اکيون، ڪبير، پٽائيءَ، نانڪ ۽ ٽئگور جون اکيون، حقيقت جا سدا گلاب جن ۾ همه اوست جو هڳاءُ آهي، سرمد ۽ سرمست جون اکيون، لاالله جهڙيون پُر جلال ۽ باوقار اکيون — ها، اهي اکيون مون کي گهوري رهيون آهن ۽ پُڇي رهيون آهن، "ڇا تون اسان کان اکيون موڙي ويندين؟ ڇا هن ڌرتيءَ جي آرتي ۾ تون پنهنجا ٻه ڏيئا نه جلائيندين؟"

۽ مان ڏسي رهيو آهيان هو انبوهه جو هر ڏسٽي وائسٽيءَ اک لاءِ آلا ٽوئا جهلي بيٺو آهي ۽ جنهن کي ڏسي هر ڏاهو جاٽي واٽي انڌي جي ڏيک ڏئي رهيو آهي.

—

891-413

4588

AUTHOR

TITLE

| DATE DUE | BORROWER'S NAME |
| --- | --- |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |

| DATE DUE | BORROWER'S NAME |
| --- | --- |

○

اسان ٻهاڙيءَ تان جهُڪي، نئن ڳاج ڏانهن ڏسي رهيا هياسين. چوڌاري لڪين ڳاڙها، آنبوسي اڇا، سليٽي پٿر پيا ها، اوڇتو سج ٻُڏي ويو ۽ ڪارو ۽ ڳرو جبل شفق جي لالاڻ ۾ ويڙهجي ويا. ڪنهن بني بشر جي ٻسوءِ ڪانه هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي رهيو کهيو پٽ تتر آ کيري ڏانهن آڏامي ٿي ويو. سامهون اڏول پهاڙ بيٺا ها جن تي ٻوپاڙيءَ جا پاڇاوان ٻئجي رهيا ها.

اوچتو مون کي خيال آيو، ”پٽ تتر جي آڏار کان سواءِ، هي اڏول پهاڙ ڪهڙا نه بي معني لڳن ها!“

—

○

انڌا مانجهي سير ۾ اُبتا سُبتا ونجهه هڻي رهيا ها. جڏهن سون آنهن کي چيو، "اوهان سُتڙ ڇڏي، اوُتڙ ڇو ٿا وڃون؟" تڏهن هنن مون تي ونجهه اُپا ڪري چيو، "تون ڪير ٿيندو آهين، ٻڏي جو پيڙو ٿيڻ وارو؟"

○

اي نادان قوم! افسوس جو تون اڃا تائين هر سنگِ لحد کي سنگِ ميل سمجهي رهي آهين!

○

خميني ءَ جو وڏي ۾ وڏو دشمن ايراني غزل آهي؛ هو حافظ، سعدي ءَ ۽ رومي ءَ کي گولي ءَ سان اُڏائي نه ٿو سگهي.

—

○

ڪرچات تي ٻا ڪ هڪ ڏريل ڏاڙهونءَ
وانگر پنهنجي ڳاڙهاڻ ڦهلائي ڇڏي آهي.
هن ڪي ڪٻي ڪلهي تي پاڻيءَ جي ڪلي
آهي ۽ سڄي ڪلهي ۾ رائيفل. اکين ۾ هن
کي ناهر جي نهار آهي ۽ لڱ لڱ ۾ چيتي
جي ڦڙتي. ائين ٿو لڳي جڻ نئن هن جي
ماءُ آهي ۽ پهاڙ هن جو پيءُ آهي.

ڪالهه رات هن مقابلي ۾ ڏاڙيل ماريا هئا
۽ هو مون کي ساري واردات ٻڌائيندي چئي
ٿو، ”سائين، گوليءَ اڳيان ڌاڙو ۽ ڪٻ ۾
ڪوئي فرق نه آهي، ڪٻ ته اڃا ڇلانگ ڏئي
ڀڄي به سگهي ٿو...“

—

○

ڪنهن يوناني مصور لاءِ چيو ويو آهي ته هن انگور اهڙا نقش ڪيا هيا جو جهرڪيون آڏامي آيون هيون ۽ تصوير کي چهنبن سان ٺڪيو هيائون.

ڪنهن چيني مصور وري سراءِ سان شراب اوڌر تي ورتي، ان جي قيمت جي بدلي ۾ سراءِ واري کي سراءِ جي پٽ تي ٻڪري جي تصوير ڪڍي ڏني هئي ۽ پوءِ اوچتو ٻڪري جي پنيءَ تي چڙهي نيري آسمان ۾ آڏامي ويو هو ۽ سراءِ جي پٽ اهڙي ٻُسي ٿي لڳي جهڙو سراءِ واري جو منهن، جنهن تان اهو سوچي مرڪ آڏامي وئي هئي ته مهانگو شراب اجايو ويو.

مون پنهنجي شاعريءَ لاءِ يوناني مصور واري حقيقت تراشي پسند ڪئي آهي. شاعري جڏهن شاعر کي آسمان تي آڏاري ويندي آهي ته هن سان گڏ پاڻ به پٽ تي نه موٽندي آهي ۽ رڳو اجائي ڳالهائي جو احساس ڇڏي ويندي آهي.

—

○

ڪجهه سال اڳ سارتري ادب جي اهميت کان ئي انڪار ڪيو هيو ۽ چيو هيائين، ”مون هارن ڪــي بک وگهي مرندو ڏٺو آهي؛ ڪوئي به ناول ڪنهن مرڻينگ ٻار سان تسوري نه ٿو سگهجي. ٻار واري پـڙ هميشه ڀاري رهندو.“

ان تي نقاد ڪلادي سائمن ( Claude Simon ) بي صبريءَ سان چيو هو، ”لاش ۽ ڪتاب ڪڏهن ساڳيءَ تارازيءَ ۾ توريا ويا آهن ڇا؟ آخر لکجي ڇا لاءِ؟ شايع ڪجي ڇا لاءِ؟“

مان ڀانيان ٿو ته سارتري ۽ سائمن ٻئي غلط هئا. ناول به ان محاذ جو حصو ٿي سگهي ٿو جو ٻار جي بک وگهي موت جي خلاف ٺاهيو ويو هجي.

—

○

مان مڃان ٿو ته تو ڪوڙ ڪڏهن به نه ڳالهايو آهي.
پر مان پڇان ٿو ته تو سچ گهٽا ڀيرا ڳالهايو آهي ؟
۽ گهٽا ڀيرا توکي مصلحت ڪوشيءَ خاموشيءَ اختيار ڪرائي آهي ؟
ڇا تون اهو نه ٿو سمجهين ته خاموشي دروغ گوئيءَ جي تصديق ٿيندي آهي ؟
اي شاعر! تون ڪهڙو فردوسي آهين ؟ افراسياب جي گنبد تان چغد نوبت وڄائي رهيا آهن ۽ تون خاموش آهين !

○

ايتري تنگ دلي! ديوتا جي تنهنجي
ديس جي سنگ مرمر مان ٺهيل نه
آهي ته ديوتا نه آهي !

—

○

هوءَ پار ڪڏهن رهي هُئي.
ڪنهن وقت هُن جي ماءُ به ائين پار ڪيا ها ۽
هن جي ماءُ جي ماءُ به ائين پار ڪيا ها، ۽ ڪيڏو
نه ڏک هيو هُن جي آواز ۾ !

ڇا ايڏو ڏک ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ جي موت تي
ٿي سگهندو آهي، ڇاهي مُئو هن کي ڪيترو به
پيارو هجي !

نه، هوءَ پار ڪڏهن پنهنجيءَ زندگيءَ جا پورا ڏک،
اها به ائين چئجي ته پنهنجيءَ قوم جا پورا ڏک
ورجائي رهي هئي — صدين جي غلاميءَ جا ڏک،
صدين جا ڏاڍ ڏمر، ڏڪار، ٻڪون، نرآدر، نراسايون
سڀ هن جي پارن مان آيڙي آيا ها.

هن جي آواز ۾ صدين جا آواز سمايل ها— روچ راڙا،
دانهون ڪوڪون، ليلڙائيون — اهي سڀ آواز جي
هن جوڻ پرڏاڏيون، ترڏاڏيون اَن وقت ڪنديون هيون
جنهن وقت ترخان هنن کي ٻلا وجهندا هيا يا جنهن
وقت هو ارغونن جو حملو ڏسي ” کهوڙا کهوڙا “
ڪنديون اچي گهرن ۾ لڪنديون هيون.“

—

○

تون سولري نڏسن جو حمايتي آهين ۽ مان تنهنجي ان ڳالهه کي رد نه ٿو ڏيان ته ’ڊاڪٽر زواگو‘ تي بندش وجهڻ وارا يا سولزي نتسن کي جلاوطن ڪرڻ وارا پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسن ته هو انسان کي ڪهڙي آزادي آڇن ٿا!

پر مان به ته پسيڏرنڪ ۽ سولزي نڏسن وانگر پنهنجي دور جي تعصب سان وڙهيو آهيان، پنهنجي ديس جي تعصب سان، برسر اقتدار طبقي جي تعصب سان، استحصالي قوتن جي تعصب سان، انهيءَ هر تعصب سان جنهن مان مون کي انسان دشمنيءَ جي بوءِ آئي آهي. پوءِ تو منهنجي حمايت ڇو نه ڪئي؟ ڇا تون خود تعصب جو شڪار نه آهين؟ تون جو اشتراڪيت کي آزاديءَ جو دشمن ڪوٺي رهيو آهين — مون کي ڪهڙي آزادي آڇي رهيو آهين — مان جو اشتراڪي به نه آهيان ۽ تنهنجي هر زهر لاءِ ترياق به آهيان!

—

O

امان ! تو مون کي ہانڊٽي * پوتي تہ پارائي پر هو مون کي ڪاري ڪري مارينداء

امان ! هي ماڻهو من جا ڪارا آهن، هي مون کي ڪاري ڪري ماريندا .

اڇا تہ منهنجي گهوٽ سوڙ بہ نہ ہڏا آهن تہ ڪُتا چنڊ کي ڏسي اونائي رهيا آهن ۽ کهاني کبڙ تان چپرا لنوي رهيا آهن؛ هي مون کي ڪاري ڪري ماريندا.

امان ! تون پاڻ تہ ڪاري نہ هُئينءَ ؟ تو هي منهنجا پائر منهنجي ٻيءَ مان ڇٽيا ها؟ هي مون کي ڪاري ڪري ماريندا تـوڙي مان ڳاڙهي آهيان؛ مون جهڙي ڳاڙهي نـہ اڇا تائين ڄائي آهي، نہ ڄمٽي آهي.

---

* ٿر ۾ شاديءَ رات ڪنوار کي مٿي تي ہانڊٽي پوتي پهريندا آهن ۽ شاديءَ واريءَ رات ڪـان پوءِ کهنبي پوتي پهرائيندا آهن.

—

○

سُهاڳڻ!* شال تنهنجي جُتي لسي نہ ٿئي، شال آن جا ٽونر تنهنجن پيرن تـي ٽلندا رهـن ! شال تون پنهنجيءَ رائدار ٻُوليءَ وچان ڇميون ڏئـي سگهين ۽ تنهنجا چانديءَ جا پنڙا ۽ نس ـ بينون ٽر جي تتيءَ واريءَ وانگر چمڪندا رهن !

تو مون کـي آن وقت پاٽيءَ جو ڪوس ڏنـو جنهن وقت پيون مون‌کي اجنبي سمجهي، ڇرڪي هٽي ويون.

اجنبي تہ تون بہ هئينءَ يا .......

يا مون توکي اڳ بہ ہي ڪنهن وارياسي ۾ ڏٺو هو مان صليب کهلي ٽڪجي پيو هوس ۽ هـو مون کي، پٿر هٽي رهيا ها ۽ گاريون ڏئي رهيا ها ۽ تون مون لاءِ پاٽيءَ جو ڪوزو کڻي آئي هئينءَ !

---

* ٿر ۾ سهاڳڻين جي جُتين ۾ ست رنگا ٽونر هوندا آهن، اهي رائدار ٻوليون پائيندڀون آهن جي ہن ٻولين کان وڏيون هونديون آهن ۽ ڪاڏيءَ تائين لڙڪنديون آهن ۽ ڪنن جي وچ ۾ پنڙا ۽ ڪنن جي وچ تي بينيءَ ۾ نس بينيون پائينديون آهن. لسي جتي رن زالون پائينديون آهن.

—

○

ڪوي سورداس چنتامڻيءَ جي هنج مان منهن
مٿي ڪري چيو، ”پريه ! ڇا هي جڳ سپنو
آهي ؟“

چنتامڻيءَ پنهنجن هٿن سان هن جون اکيون
ٻوٽي چيو، ”هائو، سپنو آهي ؛ جاڳي پوندين
ته ڳهائي ٿي ويندين!“

○

شاعر آهو وڻ هوندو آهي
جنهن جا گل،
هن جي موت کان پوءِ
اڳي کان به وڌيڪ ٽڙندا آهن.

—

○

اڄ ته مئُن جا هڏا رڙيون ڪري رهيا آهن ،
مشڪل وٽن جون جڙون رڙيون ڪري رهيون آهن،
آڏامي ويل پکين جا آجاڙ واهيرا رڙيون ڪري
رهيا آهن ته هو وچي ٿو جنهن جا گيت مئُن
کي جيئرو ڪن ها، مشڪل وٽن کي سائو ڪن
ها ۽ آجاڙ واهيرا وسائن ها .

پر هُو جو وڃڻو آهي تنهن کي ڪير ٿو روڪي
سگهي! تنهن کي ڪير ٿو روڪي سگهي!

هو ته منهن ورائي پنهنجي يڪتاري ڏانهن بـ
نه ٿو ڏسي ، پنهنجين ڇپڙين ۽ ڪرڙتالن کي بـ
الوداع نه ٿو ڪري !

—

○

ڇا ڪنهن وقت تنهنجو هر ڳالهه مان يقين
نڪري ويو آهي؟

ڇا ڪنهن وقت توکي اُفق ڪنهن پوڙهي واڳوءَ
جي وات وانگر لڳو آهي ۽ زمين ان جي
هيٺين واڇ وانگر ۽ آسمان اُن جي مٿين واڇ
وانگر لڳو آهي ؟

ڇا ڪنهن وقت تنهنجي جيئڻ لاءِ سبب فقط اهو
وڃي رهيو آهي ته تو ۾ خودڪُشي ڪرڻ جي
جراُت نه آهي ؟

○

هماليه جي جاءِ پرڻ تو چاهين ؟
منهنجي موت جي انتظار ۾ آهين؟

—

○

هن چاهيو ته هو چيلهه کان هيٺ ڪيرُ هجي ۽ چيلهه کان مٿي نيرو آڪاس هجي، ۽ هن جي دل ۽ دماغ بادل بڻجي مينهن جون مندون آڻيندا رهن ۽ هن جا پير ڌرتيءَ ۾ پختا کُتل هجن. ڇا هڪ شاعر انهيءَ آدرش سان نڀائي سگهي ٿو؟

شاعر جو من ته ڪانچ جي گُڏيءَ وانگر ٽاڪئون ٽيندو آهي، ڪهڙيءَ مهل به پچي پورا ٿي سگهندو آهي!

○

ڇا منهنجي زندگي ڪنهن ٻاتي
جي ٻول وانگر ڪٽجي ويندي؟
اڇا ته مون ڳالهه شروع مس
ڪئي آهي!

—

○

موت ڀيهر ڦوڪ ڏيڻ لڳو ته مون هن جي منهن تي هٿ رکيو. زندگيءَ جي شمع ٻري رهي هئي ۽ اها ڪجهه پروانا ڪنيڙانيون ڦڙڪائي رهيا ها.

مون موت کي اشاري سان چيو، ”تڪڙ ڪهڙي آهي؟ انهن کي ٻه ڇرڪڻ ڏي! جڏهن ڪائي ڪنيڙائي ڦڙڪڻ لاءِ نه رهي، شمع وسائي ڇڏجانءِ.“

موت پنهنجي منهن تان منهنجو هٿ هٽائي چيو، ”اهڙو اڪيلو موت مرڻ ڇو ٿو چاهين؟ راند رس ۾ ڇڏين ته چڱو. پروانا پنهنجي لاءِ ٻي ڪا شمع ڳولي لهندا.“

—

○

'مان صاحبِ قلم آهيان'
'مان صاحبِ سيف آهيان'
۽ آها امان
جنهن ۾ هر 'مان' سمائجي وڃي ٿي،
قبر آهي
جنهن ۾ نه ڪوئي صاحبِ قلم آهي،
نه ڪوئي صاحبِ سيف آهي،
رڳو هدا آهي،
رڳو مٽي آهي.

○

"نوهم جهڙيون ڇاتيون، ڇيله، اهڙي سنهي جو ڇيچ جسي مُنڊيءَ ۾ وڃهي ڇلجي! وارياسي جي ڇوري، تون هتي ڪٿان آئي آهين؟" مون سنڌيءَ ۾ چيو.

"ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيو آهين؟" منهنجي روسي گائيڊ ارينا* انگريزيءَ ۾ پڇيو.

”پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾،“ مون هن کي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو ۽ پوءِ هن کي سنڌيءَ ۾ ڪيل پنهنجيءَ ٻڻ جهڻ جي انگريزيءَ ۾ معني ٻڌائي.

ان تي ارينا، جا منهنجي دوست ٿي وئي هئي، مرڪندي چيو، ”نوهه جو قل ته مون نه ڏٺو آهي، پر هيءَ چيلهه سان تشبيهه ڪيڏي نه مبالغي آميز آهي!“

مون ڪجهه سوچي چيو، ”پر ارينا مبالغي آميزي ته اوهان جي قوم ۾ گهٽي آهي. مون ڪٿي پڙهيو آهي ته لينن ۽ هن جي زال پرٽي رات زرعي سڌارن تي ستر صفحا لکيا ها يا ترجمو ڪيا ها ۽ پيو ڪجهه به نه ڪيو هيائون.“

”اها ته حقيقت آهي، ان ۾ مبالغي جي ڪهڙي ڳالهه آهي،“ ارينا مرڪندي چيو.

مون هن ٻ ي مرڪ جهڙي وتي ۽ پوءِ چيو، ”مبالغو جڏهن حقيقت جو روپ وٺي ٿو تڏهن ئي اعتراض جوڳو ٿئي ٿو. ادب ۾ مبالغو ته پيارو لڳندو آهي.“

اڄ ارينا مون کي سارو ڏينهن ياد آئي آهي ته ذهن ۾ ٻي ٿري تشبيهه اڀري آئي آهي– ’چوري ته نه هئي ڪينجهي جو ٿانءُ هئي.‘

---

* مون کي ارينا ٻڌايو هو ته هن جي نالي جي يوناني ٻولي ۾ معني آهي ” تقدير“.

○

گيتا راج تيرهن سالن کان پوءِ مون کي لنڊن ۾ ملي. هڪ پيري اسان مادام تُساد جي موسي عجائب گهر ۾ ڦري رهيا هياسين ته هوءَ گلوٽين هيٺان رکيل ميري انٽونيٽ جي موسي بُت وٽ ڪجهه وقت بيهي رهي ۽ جڏهن آتان هٽي ته چيائين، ”مان به ميڻ جو بُت ٿي چڪي آهيان.“

جنهن تي مون چيو، ”ميڻ جو نه، پٿر جو؛ ميڻ ته جر سان ڳري ويندي آهي.

○

اوهان به اديب آهيو!
اوهان اتهاس جي هٿ ۾ ڪاغذ جا لغڙ آهيو؛
پهرين اوهان هڪ ٻئي کي ڪاٽا ڪندا،
پوءِ طوفان سيني جي ٻني جا پرخچا اڏائي ڇڏيندو.

—

○

محقق ٿيڻ سولو نہ آهي؛ تحقيق لاءِ نہ فقط اهرمن
جو آنڊو چيرڻو پوي ٿو پر يزدان جي ڳُجهيءَ ۾ بہ
ليٿو پائڻو پوي ٿو.

○

سنڌ ۾ هر ڳوريٽ محقق آهي،
هر مساڻ جو ڇپرو محقق آهي،
هر ڪفن چور محقق آهي.
شايد محقق لفظ حقي مان نڪتو آهي
ڇو تہ محقق ۾ بہ ٻڙٻڙ گهڻي هوندي آهي
۽ پرائي ٿانڊي تي ٽيڳر جي دونهان
ڪڍندو آهي.

—

○

هيءَ دنيا تنهنجي عقبيٰ به آهي،
تون چاهين ته آن جي هر درخت ۾
سايهٔ طوبيٰ پيدا ڪري سگهين ٿو.

○

زندگي سيڙهه جا ڪنڊا به آهي،
سهڻ جي بجع به آهي.

○

ڪويل! ڪهڙو نه اياڻو آهين!
ڪانوَ ڪي ٿو چئين ته "منهنجا ٻه نيڻ نه ڪائجانءِ،
مون کي پيا ملڻ جي آس آهي."

○

اديب جي زبان اهو ضرب خانو هوندي آهي جتان
لفظ لفظ سوني چانديءَ جي سڪي وانگر نڪرندو
آهي ۽ هر سڪي تي هن جي مهر لڳل هوندي
آهي.

—

○

توکي پير ۾ ڪنڊو چڀي ويو آهي ته تون
پير کي ڪپي رهيو آهين !
اي ڪتوي! ڏک جي ڄاڻڻ نپي آهه !

○

شاعري زمهرير جي برف نه آهي،
جهنم جي آگ آهي ۽
جڏهن ان جا شعلا تيز ٿي وڃن ٿا
تڏهن اوچتو جنت جا دروازا کلي پون ٿا.

○

ڇا شاعر آهو ديو مالا جو ٻڪي هوندو آهي
جنهن کي پير نه هوندا آهن ۽ جو آڏامي
آڏامي، ساٿو ٿي مرندو آهي.

—

○

زندگيءَ جو ادب تي اثر آهي ۽ ادب جو زندگيءَ تي. زار جي بدڪرداريءَ، افسر شاهيءَ جي انڌير ۽ قانون ۽ انتظام لاءِ نفرت، شاگرد طبقيءَجي علحدگيءَ، ريلوي جي تعمير ۽ ان لاءِ معدنيات جي واڌپي جي ضرورت، ڪارخانــي داريءَ جـو جاگيردار طبقي ۽ ڪسان جي باهمي تعلقات تــي اثر، پول ۽ فن قومن جي گهٽ ٻُوسات، مغرب جــي معاشي ۽ معاشرتي اثر ۽ بين الاقوامي ڪشمڪش، جو روسي زندگيءَ ۾ هيجان پيدا ڪيو هيو، اُن جي شعور ٽالسٽاءِ جي جذبي ۽ وجدان سان ملي، اهو عظيم ادب پيدا ڪيو جنهن جــو مثال دنيا ٻيــو ڪٿي پيدا نه ڪيو آهي.

جيستائين تون ٽالسٽاءِ جي نراجواد کي سمجهندين تيستائين توکي لينن جــي مارڪسواد سمجهه ۾ نه ايندي.

مون چتر ڀُجيءَ جون چارئي ٻانهون ڪپڻ ٿي چاهيون. هن جي هڪ هٿ ۾ تلوار هئي، ٻئي ۾ دئت جي سِسي، ٽئين ۾ رت جو پيالو ۽ چوٿين ۾ ترسول.

نادان! تو مون کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو ۽ منهنجا هٿ ڪپي ڇڏيا.

ڇاڻين ٿو تہ اهو دئت ڪير هو، اها سسي ڪنهن جي هئي؟

ڇاڻين ٿو تہ هن جي پيالي ۾ رت ڪنهن جو هو؟ هائي هوءَ پنهنجي ڀنيڪر روپ سان اُڀري رهي آهي، اهڙي ڀنيڪر روپ سان جهڙو مون کان اڳ رگو ويدوياس ڏٺو هو.

---

چتر ڀُجي — چئن ٻانهن واري، ڪالي ديوي.

۴

○

اسان امن جون ڳالهيون به ڪري رهيا آهيون ۽
ساڳي وقت جنگ جا سانباها به ڪري رهيا آهيون؛
۽ گانڌيءَ جي آتما پنهنجيءَ سماڌيءَ ۾ ليٽي
رهي آهي ،

۽ بلي شاهه ۽ ڀٽائي پنهنجي يڪتاري سان سر
ٽڪرائي رهيا آهن ؛

ڇا اڄا تائين مون کي جنگ جي مورچي تان امن
جا شعر لکڻا پوندا،

۽ ان ڪري غداريءَ جي الزام هيٺ سزائون
ڪاٽيون پونديون ؟

•اي پنهي ديسن جا انڌا سياستدانو !
مون وٽ ڪيترا نه چنڊ تي گيت هيا، گلن تي
گيت هيا ،

سينهن ڏوڙين تي گيت هيا،

۽ آنهن محبوبڙين تي گيت هيا جن جي ڇاتين جا

هنج اڇا تائين منهنجي من جي تلاءَ ۾ تري
رهيا آهن، ۽ جن جي ڳلن جا گلاب ساري مسون
وٽ ٻارهوئي بسنت جي رُت رهندي آهي!

ڇا مان آهي گيت نه لکان ۽ باقي وقت اسن جا
گيت لکي ضايع ڪيان،

اسن جو اڄ نه سڀان اڇتو آهي،
اسن جو اڻ - ٺر آهي،
جو نه چڱائيءَ جي سوڀ آوس آهي
۽ برائي انت ڀاڻ ڪي ناس ڪندي آهي.

○

آ ڪيرو رڳو ڪٽ ڪانا نـه هوندو آهي،
آن ۾ ڪنهن آڏار جو وسرام بہ هوندو آهي.
اي شاعر! جيستائين تون هر لفظ جي آ ڪيري
۾ ليٺو نه ڀاتو آهي، تيستائين تنهنجي ٻولي
ڪاٺياري رهندي.

—

○

سان منهنجي جي پهاڙيءَ تي بيٺو آهيان، سمنڊ ماٺو آهي ۽ اڇا پکي لهرين تي لڏي رهيا آهن، پاڻيءَ سان آنهن جي ڇاتين جو آڇاترو ڇڄهاءُ کهڙو نه پيارو لڳي رهيو آهي!

سرءَ جي سانجهي سُندر لڳائي هڪ نوورنيءَ جي ڏيک ڏئي رهي آهي،

۽ مون کي جوهوءَ جو ڪنارو ياد اچي رهيو آهي، ڪيئي سال اڳ تون ۽ مان اتي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ پير پيچائي ويٺا هياسين،

۽ پوءِ تو پنهنجيءَ چونڊي مان موتئي جو گجرو لاهي پاڻيءَ ۾ ڦٽي ڪيو هو ۽ آهو نيلم رنگ لهرين تي لڙهندو گم ٿي ويو هو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ لهرين اُن کي پتيون پتيون ڪري موٽائي آندو هو، ۽ تو مون کان پڇيو هو، ”تون وري ڪڏهن بمبئيءَ ايندين؟“

هاڻي ان کي ڪيئي سال گذري چُڪا آهن ۽ مان بمبئيءَ موٽي نه آيو آهيان،

۽ اسانجن ديسن ۾ ٻي جنگيون ڏي چُڪيون آهن،
۽ مان تنهنجي گجري وانگر پٽيون پٽيون ٿي چڪو آهيان؛

هاڻي جي مان موٽي به ايندس تہ تون سڃاڻي نہ سگهندين۽ تہ آهو مان آهيان جنهن جي هٿن ڪنهن وقت تنهنجي چوٽي کي ڇهيو هو.

○

مان امن جي فاختائن جهڙا پنهنجا شعر
سرحد پار آڏاري رهيو آهيان،
اي سرحد پار جا پيارا شاعر!
جي تون بہ اهڙا شعر آسمان ۾ اڇا ڪري آڏارين،
جي توتي مينهڙا وسائي، مون تي بہ اچي بوندڙيون برسائن،
تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي!

—

○

سمنڊ هڪ غصي ۾ آيل ريڊار وانگر صنوبر
جا وڻ پاڙون پٽي ، منهوڙي جهڙي پهاڙيءَ
سان ٽڪرائي ٿو ۽ پوءِ رڍن جا ڌڻ ڇڏي،
وڏلندو موٽي وڃي ٿو.

○

ڪيڏا انبوهه طارق روڊ تي پنڌ ڪي رهيا آهن
۽ جهرمر جهرمر شهر جا دڪان ڏسي رهيا آهن
۽ آهي خوبصورت عورتون ڏسي رهيا آهن
جن جون شلوارون ۽ ڊگهيون قميصون به سنڌن
عرياني ڇپائي نه سگهيون آهن ۽ بڪايل اکين
کي گرما گرم لقما آڇي رهيون آهن؛

۽ مٿان آسمان ۾ زهرا ململ جو انگوڇو پڌي
هيٺ ڏسي رهي آهي ۽ ان جي حسن ڏانهن
ڪوبه نه ٿو ڏسي.

—

○

هي اسپتال آهي يا پاڻ ۾ جو جهاز آهي !
ان جي ڏيکھ ويکر ٻي جهاز جيتري آهي
۽ ان ۾ ٻوءِ ٻه جهاز جهڙي آهي ۰
ڪهڙو ڪارو سمنڊ پار ڪرڻو آهي ان کي؟
ڇا هر بسترو هڪ الڳ ساحل تي لھڻو آهي؟
ڪپتان جي ڪمري ۾ ڇا آهي؟
آن جون بتيون ڇا کي گھوري رهيون آهن؟
۽ هي ڪجھ مسافر جن جي ٽڪيٽ رد
ڪئي وئي آهي ۽ جي مايوس ٿي موٽي ٿا!
نه چاٿان آهي پنھنجي مايوسيءَ جي باوجود،
ڇا لاءِ ڪلندي موٽي رهيا آهن ؟

شايد هنن کي معلوم آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن؛
جهاز جي ٽڪيٽ وٺي يا ٻئي ڪنهن ذريعي،
وري هنن کي سفر تي وڃڻو آهي ۰

--

○

هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ مون کي ياد ڪري
مون کان پڇيو، ”مان ڪير آهيان؟“

مون هن کي ٺهه پهه جواب ڏنو،
”تون، مها پارت پڙهيو آهي؟ هن پيري تون
پنهنجو رٿوان پاڻ هٿين ۽ رٿ هلائڻ ۾ ايترو
محو ٿي وئين جو توکان اهو وسري ويو ته
مان به توسان رٿ ۾ گڏ آهيان ۽ تون اهو
سوال مون کان پڇي سگهين ٿو.“

هن ڪجهه سوچي چيو، ”پر اڄ رات مون
کي مرڻو آهي؛ هاڻي ٻئي مون کي ٻڌاءِ ته
شين جي حقيقت ڇا آهي، انهن کي ڪنهن
ٺاهيو آهي ۽ ڇو ٺاهيو آهي ۽ اهو به ٻڌاءِ ته
ماڻهو مرن ڇو ٿا؟ وقت ٿورو آهي، جلدي
جلدي ٻڌاءِ ته اسان ڪٿان آيا آهيون ۽
ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ افسوس جو مان

رت هلائڻ ۽ ايڏو محو ٿي ويس جو مونکي پنهنجيءَ پر ۽ تنهنجي وجود جو احساس ئي نه رهيو."

مون ڪي هن تي رحم نه آيو ۽ مون چيو، "اسان وڻ جي پن تي ننڍڙا جيت آهيون ۽ اهو پن هيءَ ڌرتي آهي. انهيءَ وڻ کي ڪروڙين پن آهن. هائو، آن جا پيا پن اهي ستارا آهن، جن مان ڪجهه تون ڪال ڪوٺڙيءَ جي جهنگلي مان ڏسي رهيو آهين. اسان پنهنجي پن تي چُرون پرون ٿا، ان کي سنگهي ڏسون ٿا، ڪڏهن ان جي بوء وٺي ٿي ۽ ڪڏهن آن مان ڪِرڻ اچي ٿي؛ اسان ان کي چکيون ٿا ته اهو سوادي لڳي ٿو؛ اسان آن تي پنهنجا پرڙا ڦڙڪايون ٿا ته آهو ڪنهن ساهواري وانگر پڪاري اٿي ٿو. ڪي ماڻهو، نه، ڪي جيت جي تو وانگر وڏيڪ دلير آهن، آنهيءَ پن جي پڇاڙيءَ تي پهچن ٿا ۽ اتان جهُڪي هيٺ پوري وڳوڙ کي ڏسن ٿا؛ هو ڪنبن ٿا ۽ سوچن ٿا ته ڪيڏي نه جرڪائتي ڪنڌ انهن جي سامهون آهي! پر ساڳي وقت هو انهيءَ وڻ جي اڪيچار پنن جو پڙلاءُ ٻڌن ٿا ۽ وڻ جي

جڏن مان ايندڙ سگهه پنهنجي پن ۾ محسوس
ڪن ٿا ۽ انهن جـون دليون خوشيءَ سان
ڀرجي وڃن ٿيون. انهيءَ ڀوائتيءَ ڪلڏ ڪـي
مون پوري تن من سان جهُڪـي ڏٺو آهي ته
مون کي ڪنبڻي وٺي وئي آهي ۽ اتان ئي
منهنجي شاعري شروع ٿي آهي. انهيءَ ڪلڏ
۾ گهوري ڪيترن کي ڪنبڻي وٺـي وئي
آهي ۽ ڀنواڻي آئي آهـي. انهن مان ڪوئي
ٻهڪي ويو آهي، ڪوئي هراسجي ويو آهي
۽ ڪنهن انيڪ ڏکيءَ جا ڏاهه لاهي پاڻ کي
ڪُوڙا ڏيڏ ڏنا آهن. پر ڪي اهڙا به آهن
جي پن جي پڇاڙيءَ تي بيهي، ٻي ڏڀائيءَ ۽
سورهيائيءَ سان ان ڪلڏ ۾ گهورن ٿا ۽ چون
ٿا ’ اها اسان کي وٺي ٿي.‘ ڇـا تون انهن
مان آهين؟ "

مون اڇا ناڪ منجهند جو ڏؤنرا پٺي ڇنا،
ته اوچتو شام ٿي وئي.

○

جيئڻ لاءِ مرڻ به ايترو ئي بي معنيٰ آهي جيترو مرڻ لاءِ جيئڻ. ها، پر قبرستان ۾ آلوءَ وانگر جيئڻ به ته اجايو آهي.

○

مون ڪي لوڻ ڪاڻ ۾ ٻڏي ويهاريو ويو آهي
۽ چوڌاري لوناري لوڻ ڳاهي رهيا آهن،
۽ منهنجو بدن رجهي، ڦوڦينڊا ٿي ويو آهي،
۽ لوناري اهو سارو لوڻ منهنجن ڦٽن تي ٻرڪڻ چاهن ٿا؛
۽ مان پاڻ ڪي ڇٽي رهيو آهيان، ”نه ڄاڻان قراۃ العين حيدر پنهنجيءَ آتم ڪهاڻي ۾ ماريپور جهڙون يادگيريون ايتريءَ سڪ سان ڪيئن لکيون!

○

منهنجي هڪ ڪرڙ وڏ دوست کي جو وڪيل
به هو، وار - ڇڙهه ٿي پئي هئي ۽ هن جي اڇن
ڪارن وارن جي وچ ۾ چمڙيءَ تي وار - ڇڙهه
جو گول نشان ٿاسي جي دمڙيءَ وانگر ٿي لڳو.
هن ڏاڍا علاج ڪيا پر دمڙيءَ چمڙيءَ کي نه
ڇڏيو. نيٺ هن کي ڏس مليو ته ڪانگ جو
تازو رت وار - ڇڙهه واري هنڌ لائيندو ته وري
آتي وار نڪري ايندا.

جمعي جو ڏينهن هيو، عدالتون بند هيون. هو
سون وٽ پنهنجي دونالي بندوق کڻي آيو ۽
چيائين ته " هل ته شڪار تي هلون. " پوءِ
اسان جيپ تي جهنگ ۾ نڪري وياسين. هن هڪ
نم جي وڻ کان پريرو جيپ بيهاري. وڻ تي
ڪانگ لنوي رهيو هو، جڻ ڪنهن هندي شاعر
کي پاڻ کي دوهي ۾ دهرائڻ جو نوتو ڏئي
رهيو هو.

منهنجو دوست جيپ سان لٿو ۽ وڻ جي اوٽ
وٺي بندوق مان فير ڪيائين ته ڪانگ ڪنور

پکيءَ وانگر ڦهڪو ڏئي ڪري پيو ۽ ڦٿڪڻ لڳو. هن سان گرم رت وهي رهيو هو. منهنجو دوست ڪانگ جي پرسان اوڪڙون ويهي رهيو ته هن جي ڪاڏيءَ هيٺان ماس جو ٽڪر پنهنجي ڦلهڙائپ سان لڙڪي پيو. هو ڪانگ جي رت سان آڱريون پري پنهنجي وار - چڙهه واري هنڌ تي لائي رهيو هو، جنهن جي چوڌاري اڇا ڪارا وار هيا ۽ سان حيرت سان ڪانگ جي چهچ ڪارن کنڀن کي ڏسي رهيو هو، جي ان ڪري پرواز ڪان محروم ٿي چڪا ها ته جيئن منهنجي دوست جي وار - چڙهه واري هنڌ تي اڇا ڪارا وار نڪرن ۽ هن جي ڪرڙ وڏ وهيءَ جي کوجهائپ ڇپي وڃي!

○

ٻار چايو، زور سان ' اوئان، اوئان ' ڪيائين ۽ پوءِ يڪدم مري ويو؛ رڳو پنهنجي رڙ ازل ۽ ابد جي وچ تي خط استوا وانگر ڇڏي ويو.

—

○

| | | |
|---|---|---|
| هي ڏک | ________ | سامهون ڪِرڻ |
| هُو ڏک | ________ | سامهون ڪِرڻ |
| اڳتي ويڃان | ________ | ڪِرڻ |
| پٺتي موٽان | ________ | ڪِرڻ |
| پاسو وٺان | ________ | ڪِرڻ |

* هاڻي سانجهي ٿي آهي ۽ سج کي آڪاس-ڪرڻ ڳهڻ لڳي آهي.

سج ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڏاڍا وس ڪري رهيو آهي پر ڪِرڻ اَن کي ڳهي رهي آهي، ڳهي رهي آهي، ڳهي رهي آهي — ڳهي چڪي آهي.

---

* ڪِرڻ – وارڻ جي ڏاڻ

—

○

ڀرتري هري پاڻ ۾ موٽ ڪائي، پنهنجي من ۾ ٻڙ جي هيٺان ويٺو هو. ٻڙ تي ڪيئي ڪجهون ۽ آڪيرا ٺاهي ويٺيون هيون ۽ مٿئل ساس جا ڪپل ڪهي رهيون هيون.

"ڪهڙي نه گهاٽي ٿڌي ڇانو آهي هن ٻڙ جي!" ڀرتري هري سوچيو، "ڪاش ان تي رکو ڪويليون ئي ڪوڪنديون رهن! ڪاش مان آن تان هي آڏا آڪيرا مٽائي ڇڏيان! ڪاش..."

اوچتو ڀرتري هري راڄ ڀاڳ ڇڏي، گرو گورکنات وٽ آجين وهي نڪتو ۽ هن سان گڏ تپسيا ۾ لين ٿي ويو.

—

○

عمر، ابابيل کان به وڌيڪ تيزيءَ سان اڏامندي
آهي ۽ ساڳيءَ تيزيءَ سان آڪيري ۾ موٽي به
ويندي آهي.

○

اي ڪويل! تون اڏامي وڃڻ ته منهنجو من
چمپا جي وڻ وانگر ٽٽي پيو ۽ پنهنجا گل ڌرتيءَ
تي چمن وانگر ڦهلائي ڇڏيائين،
۽ شفق ڏانهن ٻانهون ڊگهيري، تو ڏانهن ڏسندو
رهيو، تون جا وري نظر نه آئينءَ!

○

ڇا اهو سوچي ته آلندي جي موت کان پوءِ
ٻيلو نرودا اسپتال ۾ ڪيئن مئو،
مان پنهنجي موت جي ريهرسل ڪري رهيو آهيان!

هن ڪاريءَ تصوير مٿان بي ڪاري تصوير ڪڍي،
وري اُن جي مٿان ٻين ۽ اُن جي مٿان چوٿين
ڪاري تصوير ڪڍي ۽ اِها تائين هُو ڪاري تصوير
مٿان ڪاري تصوير ڪڍي رهيو آهي.

ڇا هو مصور نابين آهي؟ ڇا نابين حقيقت ڪي
ائين ڏسندو آهي؟

يا هو زندگيءَ جي گجهارت جون پيچيون ڏئي
رهيو آهي، گجهارت جا هو اِها تائين پيچي نه
سگهيو آهي.

جي تون مون کي هاروت ۽ ماروت وانگر پرکين
۽ منهنجيءَ هر خطا لاءِ مون کي کوهه ۾ لٽڪائين
ته پوءِ توکي دنيا ۾ ايترا کوهه ئي نه ملندا جو
مان پنهنجي سيني خطائن جو ازالو ڪري سگهان.

—

○

هي سڪر جو اونهارو !

ڏينهن هيري ڪڻين وانگر چمڪي رهيو آهي ۽ رات جو ستارا رابيل جي گلن وانگر ٽڙي پون ٿا .

اي پارڪو! سڪر جو اونهارو نه ڏسندين ته منهنجي شاعريءَ کي چڱيءَ پر پرکي نه سگهندين .

○

شاعريءَ جي ڪنهن خاص لفظ سان محبت دراصل ڪنهن تخيل ۽ توانائيءَ سان محبت آهي ، جيئن ڪنهن مغنيءَ جي ڪنهن خاص آلاپ سان محبت دراصل زمان ۽ مڪان جي تسلسل ۾ ڪنهن اضطراب سان محبت هجي .

—

○

شاهہ بلال گهاٽي ۾ گهوڙڻ کان اڳ، پُرسان پيئل مريد کي چيو، ”جو ڪجهہ آهي آن کان نابري وار، آن کي ٿڌي چڙ، آن تي ٿوڪار!

”جو ڪجهہ ٿيڻ گهرجي آن تي سپ ڪجهہ وار آن کي چُهٽي پئو، آن کي اوري آڻ!

”دل جو قانون دنيا جي هر قانون کان مٿي آهي؛ دنيا جو قانون جي دل جي قانون سان مطابقت پيدا ڪرڻ لاءِ گهاٽي ۾ گهڙڻو پوي تہ آن کان منهن نہ موڙ!

”دنيا ۾ هر ڳالهہ کان وڌيڪ اهم هڪ نئين دنيا بنائڻ جو جذبو آهي، دنيا جا وڌيڪ پاڪيزه، وڌيڪ ديانتدار، وڌيڪ حق ۽ انصاف تـي ٻڌل هجي.“

—

تون سمجهي نه سگهندين ته منهنجيءَ شاعريءَ کي ورثي ۾ ڇا مليو آهي ؟

تون ڇا سمجهندين مٽيءَ جي سڳنڌ سان ٻوجهل آدما ٻنيون ۽ ٻج، ڳهر واسيل ڇاتيون، ڪيڙيءَ ڪرڇيل پير، پانڌ، پيرون، مارو، مارئڙيون !

تنهنجي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ زندگي ڪيتري نه آسان آهي، ڪيتري نه شفاف آهي جنهن تي رت ڦڙي جو ڪوئي نشان نه آهي؛ اُن جي پيار ۾ نه ماس آهي، نه پيڙا آهي، نه پُڪار آهي. هائو تنهنجي ڪلاسيڪي شاعري آهو ٽُٽو پاڻي آهي جنهن ۾ جيوڙا ته ڪونه آهن پر ڪائي سگهه ڏيندڙ وٽ به ڪونه آهي؛ آها شاعري بيجان آهي، نجي آهي.

آهو انسان جنهن ۾ ڪوئي ويساهه نه رهندو آهي، جنهن ۾ ڪائي آس نراس نه هوندي آهي، جو هر آدرش کان عاري هوندو آهي، اهو پنهنجي مٽيءَ کي روح ۾ بدلائيندو آهي، جنهن کي نه ڪائي ڌرتي هوندي آهي، نه جڙون هونديون آهن ۽ نه آن مان کي سلا ڦٽندا آهن. اهو انسان پاڻ کي اوتي

خالي ڪري ڇڏيندو آهي. نه هن ۾ ڀڄ هوندو آهي، نه آنڊا هوندا آهن، نه لهو هوندي آهي. هن وٽ فقط موزون لفاظي هوندي آهي، بلاغت جي بازي گري هوندي آهي، فاعلاتن فاعلات ۽ فعولن فعول جو غوغاءُ هوندو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ نه سسئيءَ جو ڏڪ هوندو آهي، نه مومل جو انتظار هوندو آهي، ۽ نه سورٺ جي هانءُ ڏاريندڙ آهه وفغان هوندي آهي ۽ نه آن ۾ مارئي ڪوٽ کان اوچو آيري چنڊ کي ڏسندي آهي ۽ سگهارا سنگهار ساريندي آهي ۽ نه گهاتو گهيڙ ۾ گهڙي مڇ کي مارڻ جا سانباها ڪندا آهن. رت پـوٽي، باسي، ماڻهپي جـي وٽ کـان وانجهي شاعـري، درباري شاعري، غـزل پيش ڪري بهادر شاهه ظفر کـان خلعت وٺندڙ ۽ هن کي رنگون جي قلعي ۾ قيد ڏسي ڳوڙهو نه ڳاڙيندڙ شاعري، ڪابڪ مان ڪبوترن وانگر قافيا اڏاريندڙ شاعري، فنا جي زد ۾ تهذيب جي شاعري، طوفان ۾ مومن خان مومن جي پتنگ وانگر ڦيرائيون کائيندڙ شاعري، اهائي تـه آهي تنهنجي ڪـلاسيڪي شاعـري . تـون منهنجيءَ شاعريءَ جي ورثي کي سمجهي نه سگهندين !

—

○

تنهنجو جسم هڪ ڪابڪ آهي جنهن تان منهنجا
هٿ ٻه پاريهر هوا ۾ آڏامي رهيا آهن، پاريهر
جي پاڻ سان گڏ پتوري ڪابڪ کي آسمان ۾
کڻي وڃن ٿا.

○

ڇا شاعري فقط الفاظ جو ترنم آهي؟
شاعري ڀرين جذبات جو ترنم آهي،
جنڊڙيءَ جي جوار پاڻا آهي.
نثر به ويڙ وانگر وڏي ائين ڪنيءَ
جي ڪپر تي ڪري ٿو جيئن نظم،
پر جن فقط ڪنڌيءَ تي ڪوڏ ڪڍا
ڪيا آهن تن کي ڪهڙي ڄاڻ ته
ساگر ڪهڙا ڪهڙا سانگ ٿو ڪري!

—

○

تو جنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺي هئينءَ، اُن وڻ جي ڇانوَ سون تي تتي ڏينهن ۾ هر هنڌ پاڇو ڪندي رهي آهي؛

تون جنهن تلاءَ ۾ وهنتي هئينءَ، اڄ تائين اُن جي لهرين مان تنهنجي سرير جي سڳنڌ اچي رهي آهي؛

جنهن به شيءِ جي ڇهاوَ سان منهنجيءَ دل ۾ درد اُڀري اچي ٿو، مان ڄاڻان ٿو ته تون ان کي ڇُهي وئي آهين.

چنڊ سون کي اُداس ڏسي پڇي ٿو، "هوءَ ڪيڏانهن وئي؟"

۽ مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي سوچان ٿو ته تون ته هاڻي به هتي هئينءَ، رڳو منهنجو چنڊ ڏانهن ڌيان ويو، ته تون ڪيڏانهن ڇپي وئين؟
تون ڪٿي آهين؟ تون هئينءَ به يا نه؟

ڇا هي منهنجو سپنو هو؟ پر هي تلاوَ جي ڪناري تي وڻ ساک ڏئي رهيو آهي ته تون ۽ مان ان جي پاڇي ۾ ويٺا هياسين؛ اهو تلاءُ سپنو نه آهي اهو وڻ سپنو نه آهي.

—

○

هي ڪارا گلاب ته نه هئا !
شايد گهايل پکيءَ کي ڪارا گلاب ائين
نظر ايندا آهن !

شايد مصور جي محبوبا مري وئي هئي/
يا هن سان بي وفائي ڪئي هئائين.

○

”پريت ڇا ٿيندي آهي؟“
”چنڊ آڪاس مان ڇڪور لاءِ نپو ڏيندو آهي
۽ هن کي وچ واٽ تي ملندو آهي.“

○

ڏات ڏک سان ڏانوڻ ڏائيندي آهي،
مون ڪڏهن نه ڏٺو آهي ته آها سُک جي
سينڌي ٿي هجي.

—

○

مان رسالي جا پنا اٿلائــي ٿو ڏسان
۽ حيران ٿي ٿو وڃان جيئن ڪنهن
ٻار کي ٻهريون پيرو معلوم ٿيندو
آهي ته ٻڙاڏو هن جي ٻولي ڳالهائي
رهيو آهي .

○

ڇا اهو به شاعر آهي جو ڇوڏاري رتوڇاڻ
ڏسي پر پوءِ بـــ پنهنجا هٿ مينديءَ ۾
رڱي !

○

ڇا تو منهنجي ترنم، منهنجيءَ لئيءِ،
منهنجي ڪيف و سرور کي پنهنجو پاڻ
سپرد ڪيو آهي؟
جي ها، ته پوءِ منهنجي شعر جي معنيٰ
تو تائين پاڻ ئي پهچي ويندي .

—

○

مون مير جي امرد پرستيءَ جي باري ۾ پڙهي،
ڪليات ميرِ پنهنجي ڪتب خاني مان ڪڍي
ڏٺي ڪيو هو، پر هوءَ جا سٺو وانگر آهي ۽
جنهن جون ڪيئي محبوبائون آهن ۽ جا مون کي
ڪليات ميرِ جي ياد ڏياريندي آهي، مون کي
ڪيڏو نه پسند آهي!

○

مرزا شيفته غالب ڏانهن ڏسي چيو،
”اسان شاعر سان دوستي رکي آهي
يا قطب مينار سان!
هن جي تخيل تسائين رسائيءَ لاءِ
ڪيڏو نه ڪشالو ڪڍڻو پوي ٿو!“

---

مرزا شيفته ـ غالب جي دور جو هڪ شاعر

○

رات کھڙي نہ ڪاري آهي، ڀوائتي آهي!
آسمان مان ستارا ڇڄن ڪُتن وانگر ڪاٽيئا
ڪيڍي، گُرڪسي رهيا آهن، ڄڻ آهي روبڙ
ڪري ڌرتيءَ کي چيري ڦاڙي ڇڏيندا!

○

لينن گراڊ ۾ پشڪن ۽ ڊوسٽو وسڪي جا
گهر/ عجائب گهر ڏسي مان سوچان ٿو تہ
مون کي تہ اهو بہ معلوم نہ آهي تہ ڇيمل
ڪراچيءَ ۾ ڪٿي رهندو هو!

—

○

منهنجي ڏوهٽي مون ڏانهن ڊڪندي آئي ۽ چيائين،
” نانا! ٻاهر در تي هڪ ماڻهو ويٺو آهي؛ هن ڪي ڀڇري ۾ ڪوڙ پکي آهن، اهي مون کي وٺي ڏي.“

مان در تي آيس ته ڏٺم ته هڪ ماريءَ کي هٿ ۾ وڏو پڃرو هيو جنهن ۾ ڪيئي چيها ڇهڇائي رهيا هئا.

مون پکي ڳڻيا ڏٺا ته اهي ست هيا. ان تي ماري چيو، ”سائين! پکي ڇو ٿا ڳڻيو؟ اوهان سڀئي کڻو ته مان اوهان کي سستا ڏيندس.“

” بابا،“ مون ماريءَ کي جواب ڏنو، ” منهنجي عمر به ست سال آهي ۽ مون اهي سال پڃري ۾ ڇهڇائيندي گذاريا آهن. مون اهي سال سنڌ کي ڏاڍا سستا ٿي ڏنا پر ... ...“

ائين چئي مون ماريءَ کي منهن گهريو ملهه ڏنو ۽ پڃرو کولي پکي آڏاري ڇڏيا.

—

# ڀلنامو

| صفحو / سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|
| ٤٣ / ١٩ | باجي تحريڪ | بابي تحريڪ |
| ٦٣ / ٦ | ٻٽز رهيو آهي | رڳو اهو ٻٽر رهيو آهي |
| ٦٨ / ١١ | ڏک ۾ سمجهي ويو | ڏک ۾ سهمجي ويو |
| ٨٠ / ٢ | ميٺلي ٻوليءَ ڪوي هو | ميٺلي ٻوليءَ جو لفظ هو |
| ٩٠ / ٧ | ڪيپ اڳتي وڌندو | ڪيپ ۾ وڌندو |
| ٩٥ / ٥ | ليائڻو ٿو پري | نيائڻو ٿو پوي |
| ١٠٠ / ١٤ | ويا ڪياڻ | اهي ويا ڪياڻ |
| ١٠٢ / ٢ | پان ۽ تماڪو | پان ۾ تماڪو |
| ١٠٣ / ٣ | زڪابدار | رڪابدار |
| ١٠٣ / ٥ | زغفراني | زعفراني |
| ١٠٤ / ١ | دؤر پيو | دورو پيو |
| ١٦٤ / ٧ | مرجهايل ٻتي | مزجهايل ٻوٽي |
| ١٦٥ / ٧ | سرة جي منڊ | سرءُ جي منڊ |
| ١٦٥ / ١٥ | منڊ آهي سرة | منڊ آهي سرءُ |

